# چپر ڪين ڏي...

## (شاهه لطيف جي ٻوليءَ جو تحقيقي جائزو)

ج. ع. منگهاڻي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر
ڪراچي يونيورسٽي

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڇپر ڪين ڏي... |
| مُرتب | : | ج. ع. مُنگهاڻي |
| ايڊيٽر | : | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ڪمپوزنگ ۽ گرافڪس | : | حبيب الله جاڪرو |
| ڇاپو | : | پهريون |
| سال | : | مئي، ٢٠٠٢ع |
| تعداد | : | ١٠٠٠ |
| ڇپائيندڙ | : | شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي. |
| ڇپيندڙ | : | شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي. |
| پاران | | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

مُلهه : -/150

ISBN 969-8447-09-15

All the rights are reserved

**"Chhapar keen dae"**
First Edition : May 2002
Published by:
**Shah Abdul Latif Bhitai Chair,**
University of Karachi,
Karachi.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر پاران

سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ، ”هر ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي!“ خود هن چوڻيءَ ۾ لفظ ”ٻولي“ زبان (language)، لهجي (dialect) واري مفهوم ۾ بہ استعمال ٿيل ڪونهي بلڪ ڪنهن علائقي جي عام محاوري يا روزمره جي مروج ڳالهائڻ واري نموني (collequial) ڏانهن اشارو آهي. ”ٻولي“ هڪ مڪمل زبان (language) واري مفهوم ۾ مختلف لهجا/اپڀاشائون (dialects) رکندي آهي، جيڪي پڻ هڪ وسيع علائقي ۾ مروج هوندا آهن ۽ گهڻو ڪري جاگرافيائي حالتن جي فرق سبب انهن ۾ ٿورو ٿورو فرق هوندو آهي. مثلاً ساڳي زبان ڳالهائيندڙن جي ملڪ ۾ درياهي خطي وارن جو پنهنجو لهجو هوندو آهي. جابلو يا ڪوهستاني علائقي جو پنهنجو اندازهوندو آهي تہ رڻ پٽ ۾ رهندڙن جو پنهنجو نمونو هوندو آهي. اهو انهيءَ مخصوص تر جو ڳالهائڻ جو انداز چئبو.

ڏٺو وڃي تہ انهن خطن جي پاڙي ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين يا لهجن مان بہ ڪي خاصيتون، لفظ وغيره ان ۾ شامل ٿي ان جو حصو بڻجي ويندا آهن- اها زنده ٻولين جي خاصيت هوندي آهي ۽ ان سان ٻوليءَ جي وسعت جو اندازو ٿيندو آهي. اهڙي نموني سان ڪنهن هڪ وسيع ٻوليءَ جي لهجن ۾ موجود فرق سبب ايئن چوڻ تہ فلاڻو لهجو صحيح آهي ۽ فلاڻو غلط، اهو جائز ڪونهي، ڇو تہ هر هڪ لهجو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي. انهي قسم جي فرق ۾ مختلف لهجن ۾ موجود ساڳئي لفظ جي اچارڻ ۾ فرق کي بہ قبول ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ جو انهيءَ فرق جو بہ ڪو سبب هوندو، پر جي سبب نہ بہ هجي تہ بہ ان کي قبول ڪرڻ گهرجي. ڏٺو اهو ويو آهي تہ عام ماڻهو تہ انهيءَ صحيح ۽ غلط واري بحث ۾ جذباتي ٿيندا آهن پر عالمن اديبن ۾ پڻ اهڙا بحث ٿيندا آهن يا خود ڪنهن وڏي عالم يا اديب جي ڳالهائڻ جي انداز تي تنقيد ڪئي ويندي آهي، مثلاً جيڪڏهن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ چوي تہ: ”رت وهي ٿي“ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا چوي تہ ”رت وهي ٿو“ تہ ڪهڙو صحيح آهي ڪهڙو غلط وارو اجايو بحث شروع ٿي ويندو، جڏهن تہ سنڌ جي اترادي ۽ لاڙي لهجي ۾ اهڙي فرق کي سمجهڻ کانپوءِ بحث جي گنجائش نٿي رهي.

دنيا جي هر ڪنهن ٻوليءَ جي لهجن ۾ اهڙي فرق کي کليءَ دل سان قبول ڪندي ٻوليءَ جي وسيع مفاد ۾ ان جو هڪ معياري لهجو مقرر ڪيو ويندو آهي جيڪو علمي ادبي ڪتابن ، درس تدريس جي ذريعي طور ۽ ميڊيا تي ڳالهائڻ جي لاءِ مخصوص ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي پوئواري ڪرڻ سان ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا

ٿيندي آهي جيڪا هڪ مثبت ڳالهہ آهي.

اسين شاهہ لطيف جي رسالي کي بہ معيار ناهي سگهون ٿا ڇاڪاڻ جو ان ۾ سنڌ جي تقريباً هر هڪ خطي جا لفظ اصطلاح ۽ محاورا موجود آهن. شاهہ سائينءَ سنڌي ٻوليءَ کي اها وسعت بخشي آهي جيڪا اسان مان هر هڪ لاءِ فخر جو باعث آهي- باقي رهي ڳالهہ شاهہ جي رسالي جي ٻوليءَ ۾ مختلف لهجن جي لفظن کي سمجهڻ جي، سو اسان جي عالمن گهڻي ڪوششون ڪيون آهن، رسالي جي مختلف مرتبن پاران لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن، شاهہ جون شرحون لغتون وغيره ناهيون ويون آهن. انهن سان اختلاف ڪرڻ جو مطلب هرويرو انهن جي ڪيل پورهيي کي نظرانداز ڪرڻ يا انهن جي خلوص نيت تي شڪ ڪرڻ ڪونهي بلڪہ رهيل ڪم کي اڳتي وڌائڻ واري ڪوشش آهي.

اهري هڪ ڪوشش اسان جي هڪ پيڙ ج ع منگهاڻي (جنت علي محمد منگهاڻي بڪڪ) ڪئي آهي جنهن جو تعلق سنڌ جي ڪوهستاني لهجو ڳالهائيندڙ علائقي سان آهي ۽ ڪراچيءَ ويجهو پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ رهي ٿي. ان ڪري سندس گهر، پاڙي ۽ ڳوٺ ۾ نج انهيءَ لهجي واري ٻولي ڳالهائجي ٿي. پاڻ شاهہ صاحب جي هڪ شارح ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي ڏنل معنائن سان اختلاف ڪيو اٿس. آڏواڻي صاحب جي سنڌي ٻوليءَ ۽ شاهہ لطيف سان غير مشروط عشق ۽ سندس نيڪ نيتيءَ تي شڪ ڪرڻ ڪانسواءِ سندس ڏنل معنائن سان اختلاف سندس پورهئي جي اهميت کي گهٽ نٿو ڪري بلڪہ ان ڳالهہ جو احساس ٿو ڏياري تہ انهن شروعاتي عالمن کي ان ڏس ۾ ڪيڏا ڪشالا ڪڍڻا پيا هوندا! ڪلياڻ آڏواڻيءَ کان ٻانهي خان شيخ تائين شاهہ سائينءَ جي هر هڪ شارح کي جس ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

ج ع منگهاڻيءَ پاران شاهہ جي ٻوليءَ کي سمجهڻ جي هيءَ هڪ ڪوشش آهي ۽ جيئن پاڻ ٻين عالمن سان اختلاف، رکي ٿي تيئن سندس ڏنل معنائن سان ٻين کي اختلاف رکڻ جو پورو پورو حق آهي ۽ اهو ئي مجيل علمي ادبي طريقو آهي تہ دليلن سان بحث ڪري اصل مقصد تائين رسائي حاصل ڪجي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران هي ڪتاب "ڇپر ڪين ڏي... انهي ئي جذبي تحت پيش ڪجي ٿو، اميد تہ پڙهندڙ قلبي وسعت سان ان کي قبول ڪندا.

**فهميده حسين**
ڊائريڪٽر
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

## ”ڏور ڏيئائين ڏسُ، اکر جئان ڏٺي جڙيا“

گھر جي چوديواريءَ اندر سَتُر ۾ ويٺل هڪ سنڌي ليکڪا جنهن جي اندر ۾ جڻ سمورو جبل سمايل هجي ۽ مطالعي ۾ سڄي سنڌ، پر جنهن گھر کان ٻاهر جي دنيا نه ڏٺي هجي، سا سنڌ جي ناليوارن محققن ۽ ڀٽائيءَ جي شارحن کان، جن سڄي دنيا گھمي ڦري ڏٺي هجي رسالي جي ڪيترن لفظن جي معنائن مان ڇُڪون ڪڍي! ڇا نه سنڌ جو شان آهي! ۽ ڇا نه سنڌي عورت جو حوصلو!

ج ع منگھاڻي سَترِ جي ڏهاڪي ۾ نئين ٿهيءَ جي هڪ سنڌي ليکڪا طور اُڀري ۽ برک سنڌي ادبي رسالن ۾ تخليقي لکڻين، نثر توڙي نظم ذريعي پاڻ مڃرايو. هنيئر هوءَ هڪ سينئر سنڌي ليکڪا آهي ۽ ڀٽائي سنڌس مطالعي جو مرڪز آهي. هوءَ ڀٽائي جي رسالي جي اهڙي تڪميل چاهي ٿي جنهن ۾ اهي سڀ بيت ۽ وايون هجن جيڪي ڀٽائيءَ پاڻ ڳايون هيون. هن جي منشا آهي ته ڀٽائيءَ جي ٻولي ۽ هن جي لفظن جا پس منظر صحيح ڀيرائي سان ڏنل هجن ۽ رسالي ۾ ڪنهن به ڀُل چوڪ جي ڪابه گنجائش نه هئڻ گھرجي. منگھاڻيءَ جي اها منشا ۽ مام سَسُئي جي ڪشالي کان گھٽ ڪانهي. هڪ سمونڊ شاعر جنهن جي تخليق جي هڪ هڪ لَهر سنڌ جي سونهن جي هڪ هڪ تروري کي ڊاڪيومينٽ ڪندي هجي، جنهن جي هڪ هڪ لفظ جي اُتاهين آسمان ۾ سنڌي قوم جي اندر واري اندلٺ ايري ايندي هجي ۽ جنهن جي فڪر واري اونهي عميق ۾ ڪائنات جا ڪُن ڪڙڪا ڪندا هجن ان جي ذات کي پروڙڻ جڻ ته سهٽيءَ جو سير گھڙڻ آهي.

”اسان اڃا تائين ڀٽائيءَ جو مڪمل رسالو ڇو ترتيب نه ڏنو آهي؟“ هو سوال ڪري ٿي ۽ پوءِ اسان سڀني جي حال تي ارمان ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنا ۽ ٻين تي ميار ڏيڻ بدران، اهو بار پاڻ کڻڻ جو پهه ڪري ويهي تي رهي. محبت پائي من ۾ منگهاٽيءَ جيڪي رنڊا روڙيا آهن سي سنڌ جي موجوده دور ۾ هڪ عظيم ادبي ڪاوش جي ابتدا تي پيا آهن. هن ڪم جي ابتدا تہ تڏهن تي هئي جڏهن رسالي جو قلمي نسخو ميدان ۾ آيو هو، جڏهن ارنيسٽ ٽرمپ وارو ڀهريون ڇاپي رسالو پڌرو ٿيو هو ۽ جڏهن سنڌي ماڻهن جي سيني ۾ سانڊيل سندن ٻوليءَ جي عظيم شاعر جو ڪلام ڀهريون دفعو پني تي ڪنهن رسم الخط ۾ لکيو ويو هو. پر ان ڪم جي انتها اجا نہ ٿي آهي، ٿئي بہ ڪيئن؟ ڀٽائيءَ جو مڪمل رسالو تيار ڪرڻ ايئن آهي جيئن ڪو سنڌ تي اينسائيڪلوپيڊيا تيار ڪيو وجي ياڪنهن عالمي فڪر جي ڪا فلاسافيڪل ڊڪشنري ترتيب ڏني وڃي.

هن وقت تائين تہ سنڌ جا محقق رسالي جي ڏکين لفظن جي معنائن مان نڪري نہ سگهيا آهن. اجا تہ ماڻهن جي سيني ۾ سانڊيل ڀٽائيءَ جا بيت پني تي اچڻا آهن ۽ پوءِ رسالي جي ٻولي، ان جو گرامر، محاورا، چوٽيون، موضوع، تڪرار، فڪر جون گهرايون، سنڌي شاعريءَ جون نزاڪتون ۽ پيچيدگيون، شاعر جي زندگي، زندگيءَ جو مشاهدو، سنڌ ۽ دنيا جو اڀياس، سنڌ جا دائمي درد، انسانذات جي شعوري سفر جو ڏڳ پيچرو ۽ ڀٽائيءَ جي ان شاعراڻي خواب جو اڀياس ڪرڻو آهي جيڪو هن سنڌ ۽ پوري ڪائنات لاءِ لڌو هو.

ان ڏکي سفرجي ڀهرين وک طور اسان جا عالم ۽ ماهر ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ استعمال ٿيل سنڌي ٻولي کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر اجا تائين سنڌ ۽ هند ۾ ڪو اهڙو اڪيلو عالم پئدا نہ ٿيو آهي جيڪو دعويٰ ڪري سگهي تہ ڪيس رسالي ۾ استعمال ٿيل سيني سنڌي لفظن جي معنيٰ اچي ٿي.

منهنجو ذاتي خيال آهي تہ ايئن ٿي ئي نہ ٿو سگهي، ان ڪري اسان کي اهڙي ڪنهن آزغيبي انسان جي پئدا ٿيڻ واري انتظار ۾ وقت

وچائڻ بدران سنڌ جي مختلف علائقن جي ٻوليءَ ۾ مهارت رکندڙ ماڻهن جي ٽيم کان اهڙو ڪم ونڻ جي اڻ ٽٽ ڪرڻ گهرجي. ٿر، لاڙ، ڪوهستان، ڪڇو ۽ ڪاڇو، ڪارو ۽ منو ڪيترا انوکا لفظ ڳالهائين ٿا جيڪي ٻين علائقن لاءِ اوپرا آهن- رڳو ڀٽائي آهي جنهن جي شاعريءَ ۾ نه رڳو سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا، محاورا، اصطلاح ۽ علامتون موجود آهن پر ننڍي کنڊ ۽ ايشيا جي ٻين ٻولين جا لفظ پڻ استعمال ڪيل آهن. سنڌ جي هن عظيم شاعر پنهنجي مختصر طبعي زندگيءَ ۾ جيڪو سفر ڪيو آهي، سو به اڄ جو محقق نه ٿو ڪري سگهي ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ڪو اڪيلو ماهر هوندو جيڪو رسالي جي مڪمل معنيٰ سمجهائي سگهندو.

هاڻي ته ان حقيقت تان پردو کڄي چڪو آهي ته ارنيسٽ ٽرمپ کان وٺي اڄ جي ڪنهن مرتب تائين، رسالي جي ٻوليءَ کي ڪوبه محقق مڪمل طور سمجهي نه سگهيو آهي، ڀٽائيءَ جي فڪر کي سمجهڻ جو مرحلو پوءِ جو آهي. رسالي جو اهو معنوي مرحلو شايد رسالي جي لساني مسئلي کان به ڏکيو ثابت ٿئي. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو معنوي اڀياس ڪرڻ لاءِ نقاد واسطي ضروري ٿيندو ته "وڄائي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ"، واري منزل حاصل ڪرڻ لاءِ فڪر ۾ "فنا" ٿي وڃي. عشق جي آڳ جو ذڪر ڪرڻ سولو آهي پر ان باهه ۾ سڙڻ، پچڻ ۽ پچرڻ ٻي ڳالهه آهي.

سو، ج ع منگهاڻيءَ ڀٽائيءَ جي ٻوليءَ کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو جيڪو ڪم هٿ ۾ کنيو آهي سو ڏاڍو ڏکيو آهي. اهڙو ڪم جيڪو به ماڻهو هٿ ۾ کڻندو ان کي سنڌ جي مختلف جاگرافيائي علائقن جو نه صرف سير سفر ڪرڻو پوندو پر اتي وڃي رهڻو پوندو. تڏهن ئي اهو ماڻهو ٻوليءَ جو اهو لهجو سمجهي ۽ ڳالهائي سگهندو ۽ ان جي معنيٰ به سيکاري سگهندو. ان ڪري سواءِ ان جي ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي ته سنڌ جي مختلف علائقن جي ٻوليءَ جي ڄاڻو ماڻهن جي ٽيم ٺاهي، انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سرزمين تي وچي لساني کوجنا ڪرڻ جو اهل بڻائجي. ان ڪانپوءِ ئي ڪانئن رسالي جي شرح لکرائي وڃي.

هن وقت صورتحال اها آهي تہ: ”جان تَنُ ڪرين نہ تيئن، سوئيريان ئي سنهڙو، پرين پائيندا ڪيئن، توکي اکڙين ۾“، واري بيت ۾ لفظ ”سوئيرو“ جنهن جي معنيٰ ”سرمو“ آهي تنهن کي اسان جا ناليوارا محقق ۽ عالم يا تہ ”سُئي“ يا سرمي پائڻ واري ”سرائي“ لکي رهيا آهن. هن کي ”ڪوتاهي“ تہ نہ ٿو چئي سگهجي، هي تہ ”اڻ ڄاڻائي“ آهي. ڇا ان کان اهو بهتر نہ هو تہ رسالي جو مرتب صاف صاف لکي ها تہ ان لفظ جي مونکي معنيٰ نہ ٿي اچي، ان ڪري مان معنيٰ نہ ٿو لکان. ڀلا اسان جا سنڌي ليکڪ ۽ شارح اهو ڇو ٿا سوچين تہ سندن سڄي سنڌ ڏٺل آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سيني لفظن جي معنيٰ هو ڄاڻن ٿا، ان ڪري رسالي ۾ ڀٽائيءَ جي ڪتب آندل سيني لفظن جا هو پس منظر ڄاڻائي سگهن ٿا؟

اسانکي سمجهڻ گهرجي تہ سنڌ هڪ وسيع ڪائنات کان گهٽ ناهي. سنڌو درياءُ جيڪو ٢٩ هزار فٽ بلنديءَ تان هماليا جبل تان لهي اٽڪل ٻہ هزار ميل سفر ڪري پنهنجي پڇاڙ ۾ سوين ڪاريون ناهي سمنڊ سان ملي ٿو تہ انڊس ڊيلٽا ۾ انهن مان هڪ هڪ ڪاري، ڪريڪ يا نَرِ جو الڳ الڳ نالو آهي. ۽ ان نالي کي ڪونہ ڪو ثقافتي پس منظر آهي. نَر ۾ ٻيٽون ڳٽي نہ ٿيون سگهجن پر هر هڪ ٻيٽ جو جدا نالو آهي. کيرٿر جابلو سلسلي ۾ جيڪي ٻہ جبل آهن لک آهن، لکيون، پوئا ۽ ٻُنيون آهن انهن کي الڳ الڳ نالا ڏنل آهن. انڊس ڊيلٽا ۾ ڏيڍ سؤ کن ٻيٽ آهن جن جا نالا جدا جدا آهن. ڪاڇي جي وسيع پَٽِين ۾ برساتين کان پوءِ فصلن پوکڻ لاءِ جيڪي ٻنا ٻڌا ويندا آهن، انهن جا نالا الڳ الڳ آهن ۽ ساڳي صورتحال درياهي ڪڇي جي آهي جتي هر ڊنڊ ۽ ڍوريءَ جو جُدا نالو آهي. اهڙي وسيع سنڌ تي جي ذري ذري تي مهارت رکندڙ ڪو هڪڙو ماهر هجي، ايئن ٿي نہ ٿو سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ کي ٿورو گهڻو گهمي ڦري ڏسڻ ڪانپوءِ مونکي پڪو ويساهه ٿي ويو آهي تہ سنڌيءَ جو ماهر يا تہ ٻڪرار آهي يا ميربحر، يا وري هاري ناري. اسان پڙهيا لکيا ماڻهو جن کي فارسي، عربي، هندي يا انگريزيءَ جي باضابطہ تعليم ڏني وئي آهي ۽ جيڪي ٻهراڙين کان پري رهيا آهن، انهن لاءِ ڀٽائيءَ جي سنڌي اجا بہ مشڪل علم ٿي پيو آهي. حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي ٻهراڙين جو ”اڻ پڙهيل“ ڳوٺاڻو شهري تعليم يافتہ ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ رکي ٿو ۽ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ تہ اجا تائين کي اهڙا ماڻهو بہ رهن ٿا جيڪي زالين مڙسين ڀٽائيءَ جا حافظ آهن. هنن کي سمورو رسالو برزبان ياد آهي. ڇا انهن عام سنڌي ڳوٺاڻن ماڻهن کي اسان جي اهڙن تعليم يافتہ محققن کان ڪا رهنمائي ملي سگهي ٿي جيڪي ”سوئيرو“ جي معنيٰ ”سُئي“ يا ”سرائي“ لکندا هجن؟

ان ڪري اسان لکيل پڙهيل شهري سنڌي ليکڪن کي ڪنهن خيالي دنيا ۾ رهڻ بدران ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ گهرجي تہ ڀٽائيءَ جي سنڌيءَ کي سمجهڻ لاءِ سنڌ کي سمجهڻو پوندو جنهن لاءِ سنڌ ۾ سفر ڪرڻ ضروري آهي. ڀٽائيءَ جي رسالي کي سمجهڻ لاءِ اسان کي فيلڊ ۾ وڃي کوجنا جو ڪم ڪرڻ گهرجي. ٿورو علم ڪتابن ۾ ۽ گهڻو فيلڊ ۾ موجود آهي. ڊرائنگ روم جو دانشور ۽ کوهہ جو ڏيڏر ذري گهٽ ساڳي ڳالهہ آهي. ”ڇپر ڪين ڏٺي، سو ڪڙيون سُڻن ڪي“.

سو، مونکي جڏهن هن ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو ويو ۽ مون ڪتاب جا ورق اٿلائي ڏٺا تہ مون سوچيو تہ هيءَ منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي. خود منگهاڻيءَ ڪيترن لفظن جون جيڪي معنائون ڏنيون آهن تن بابت مون کي اڳي ڪابہ ڄاڻ ڪانہ هئي تہ پوءِ مان سندس ڪتاب تي ۽ ڀٽائيءَ جي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيئن ٿو ٽيڪا ٽپڻي ڪري سگهان. مان جيڪو موهن جي دڙي لڳ درياءَ جي ڪناري تي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو آهيان سو ڪيئن ٿو دعويٰ ڪري سگهان تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي ٿر، جبل، ڊيلٽا ۽ ڪاڇي جي ٻوليءَ تي دسترس آهي. ڇا اهو ان ڪري ممڪن آهي جو مون ۾ تي دفعا ٿر ڏٺو آهي، جبل گهمي ڏٺو آهي، ڪاڇي به ويو آهيان ۽ ڊيلٽا به ڏٺو آهي. ”وڻ ڏٺو ته شهر ڏٺو“، هڪڙي ڳالهه آهي ۽ جاگرافيائي لسانيات يا لساني جاگرافيءَ کي سنڌ جي پس منظر ۾ پُرجهڻ ٻي ڳالهه آهي، ڀِٽائي ته اجا پراهون پنڌ آهي.

جبل جي ٻولي سسئي جي پنجن سُرن ۾ قلمبند ٿيل آهي، ٿر جي ٻولي مارئي، سارنگ ۽ ڍهر ۾ ملندي، سُر ڪنيات ۾ ڪاڇو نظر اچي ٿو، درياهي ڪڇي جي ٻولي سُر سهڻيءَ ۾، ساموندي ۽ سريراڳ يا سُر راڳُ ۾ ڊيلٽا جو لهجو نظر اچي ٿو. سو مون سوچيو ته درياهي ماڻهوءَ طور وڌ ۾ وڌ مونکي سُر سهڻيءَ جا ڪجهه لفظ سمجهه ۾ اچي سگهن ٿا، رسالي جي ٻين سُرن جي مطالعي لاءِ مونکي ڪوهستان، ٿر، ڪاڇي ۽ انڊس ڊيلٽا ۾ رلڻو پوندو تڏهن وڃي ڪو ڏهو پوندو.

ان صورتحال جيّ روشنيءَ ۾ مان صرف ايترو چئي سگهان ٿو ته ج ع منگهاڻيءَ کي جَسُ هجي جنهن حال سارو، پنهنجن وڏڙن کان پڇا ڳاڇا ڪري ۽ پاڻ سوچي سمجهي، وڌ وس ڪري ڪافي لفظن جون صحيح معنائون لکيون آهن جڏهن ته سندس ڪيتريون معنائون اختلافي پڻ آهي. منهنجي ذاتي خيال ۾ اها صورتحال ارنيسٽ ٽرمپ کان وٺي ڀانهي خان شيخ تائين گهٽو ڪري ساڳي آهي. منهنجو اهو به خيال آهي ته ان سلسلي ۾ ڪنهن به هڪ شارح يا محقق جو ڏوهه ڪونهي ۽ نه سڀ عالم قصوروار آهن. هي وسيع ڪوجنا ۽ ريسرچ جو ڪم آهي، ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ڀِٽائي علم جو اهو ٽڪنڊو آهي جنهن جي هڪڙي ڪنڊ جو اپياس هڪ جنم گهري ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ”ناممڪن“ نالي دنيا ۾ ڪا به شيءِ ڪانهي. جيڪڏهن ج ع منگهاڻي جهڙن ڪجهه عالمن کي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ لساني اپياس لاءِ سهولتون ڏجن ۽ سندن مشاهدي کي يڪجا ڪجي ته رسالي جي مڪمل معنيٰ مهيا ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿي.

رسالي جي سيني شارحن اڄ تائين لفظن جون رڳو سڌيون معنائون لکيون آهن، انهن معنائن وارن لفظن کي اهڙن جملن ۾ استعمال ڪري نه ڏيکاريو آهي جيڪي ديسي ماڻهو پنهنجي روزمره واري زندگيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. ج ع منگهاڻيءَ اهو اعزاز به حاصل ڪيو آهي جو هن ڏکين لفظن کي جملن ۾ استعمال ڪري انهن جي معنيٰ سمجهائي آهي. لفظن جي معنيٰ انهن جي جملن ۾ استعمال سان وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي. سنڌ ۾ سفر ڪرڻ دوران ان قسم جي تجربن ان احساس کي پختو ڪيو آهي. هڪ دفعي اڌ رات ڌاري ٿرپارڪر ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ پهتاسون، ميزبان زميندار ماڻهو هو تنهن رڙ ڪئي، "اڙي.....(فلاڻو) ڪٿي آهي؟" "سائين ننڊ پيو آهي". "اڙي اٿاري اچوس". "سائين، چو ٿا هن غريب کي ننڊ مان اٿاريو؟ ڪهڙو ڪم اٿوَ!" "هو مونکي پيڙا (زور) ڏيندو". "سائين! اسان ٿا اوهان کي پيڙا ڏيون". "نه بابا، هو مونکي چاڳ سان پيڙا ڏيندو، اوهان ته ميار لاهيندؤ."

اها گفتگو ٻڌم تڏهن وڃي پتائي جي ان سٽ ۾ لفظ "چاڳ" جي معنيٰ سمجهه ۾ آئي ته "چنيسر سين چاڳ، متان ڪا مُنڌ ڪري!"

سو رسالي جي لفظن جا پس منظر انهيءَ علائقي ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيڻ ڪانپوءِ ئي چٽي طرح سمجهه ۾ اچي سگهن ٿا. ج ع منگهاڻي ان حوالي سان سٺي ڪوشش ڪئي آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪيترن لفظن کي جن جملن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي سي روايتي، ڪلاسيڪل ۽ فطري نه پر جديد زماني جا ٺاهيل جوڙيل نوان جملا آهن جيڪي گهربل مقصد پورو ڪري نه ٿا سگهن. منگهاڻيءَ ڪيترن لفظن جون اهي ئي معنائون ڏنيون آهن جيڪي هن کان اڳ مختلف محققن ڇاڻايون آهن پر هن انهن سان اختلاف ڪيو آهي، هن ٢٠٠ کن لفظن جون معنائون ڏنيون آهن جيڪي مختلف سرن مان ڪنيا ويا آهن ۽ معنوي لحاظ کان انهن جا پس منظر صحيح نه ڏنا ويا آهن.

ڪراچي يونيورسٽي جي شاهہ لطيف چيئر هي ڪتاب ڇپرائي پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي. هاڻي سنڌ جي ڄاڻو ماڻهن ۽ ماهرن جو فرض آهي تہ اهي هن ڪتاب جو اڀياس ڪري منگهاڻيءَ جي ان منشا کي پورو ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائين تہ جيئن ڀٽائيءَ جو رسالو مڪمل ٿي سگهي.

ڪوهہ تــو ڪاڳــر ڪورئين، ويـنـو وجــائين مس،
ڏور تـئـــائـين ڏس، اڪـــر جـــئـــان ئـــي جـــڙيــا.

**گلشن حديد، ڪراچي**
**٢٥ اپريل ٢٠٠٢ع**

# ڇپر ڪين ڏي...

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ، سنڌ سونهاريءَ جو اهو قابل ذڪر ۽ احترام لائق فرزند آهي، جنهن تي ناز ڪندي سنڌ ۽ سنڌي جڳ جهان اڳيان پيا سونهن.

لطيف سائين جو رسالو اسانجي لاشعور ۾ وسيل ڪنهن خوبصورت سپني جي جيئري جاڳندي اهڙي ساپيان آهي، جنهن مان هر گهڙي هر پل پيا لطف وٺون ۽ لاڀ پرايون، جنهن مان جيڏيون آسون ۽ اميدون رکون تنهن ڪان وڌ پيا حاصل ڪريون. واقعي خوشنصيب آهيون اسان، جو اسان جي بقا جو ضامن نوس حالت ۾ اکين اڳيان آهي، جنهن کي ڇهڻ/چمڻ، سيني سان لائڻ، سڀيئي منزلون راحت ڏيندڙ، فرحت بخش آهن ۽ اسان دنيا اڳيان اُچي ڳاٽ چئي ٿا سگهون تہ: اسان ”بي آئين“ قوم ناهيون، اسان جو آئين ”شاهہ جو رسالو“ آهي.

شاهہ جو رسالو مڪمل صورت ۾ ڇو اجا تائين پڌرو نہ ٿيو آهي؟ ان سوال جي اڪنڊ پري چاهنا هوندي بہ پڇي نٿي سگهان! ڇو جو جواب جي اميد ٻُڙيءَ جيتري بہ ڪانهيم، جڏهن تہ اهو سوال هڪ ڪان وڌيڪ ادارن، بورڊس وغيره ڪان پڇي تو سگهجي، جيڪڏهن اهي جواب ڏيڻ جي ذميداري کڻن، سمجهن! اميد ڏانهن اوندهہ پسي سوال کي هٿيڪو، يا پاسيرو رکڻ چڱو تو لڳيم، آئنده ڪنهن بهتر وقت ۽ سازگار حالتن لاءِ!

مٿين پٺاڙ ڪنهن بہ اداري يا ڪنهن ماڻهوءَ کي سامهون رکي نہ، بلڪہ محض اندر ۾ پل پل اٿندڙ اُڌمي کي آڌت ڏنل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جي رسالي جي مختلف نسخن ۾ زير، زبر ۽ پيش وغيره جي غلطين يا مرڳوئي سڄين سٽن جي مخلتف صورتن هميشہ ڪجهہ لکڻ لاءِ همٿايو، اياريو اتم ۽ ڪڏهن تہ دل جي اڄنگن آڏار وک وڌائڻ جو ساهس ڏاريو بہ هوم پر پنهنجي پر ۾ ان ڪم کي اڪيلي سر ڪرڻ ممڪن نہ ڏسي ببهڻ بهتر ڀانيم ۽ ائين وڏي ڏک کان پوءِ ان کان نندي ۽ نسبتن سولي ڪم ۾ هٿ وجهڻ وڌيڪ مناسب سمجهيم، جيڪو پڻ نندي پيماني تي آهي يعني محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جو ترتيب ڏنل چوندہ بيتن ۽ واين وارو رسالو (جيڪو مڪتبہ اسحاقيہ ڪراچيءَ وارن ڇپرايو آهي) منتخب ڪيم. مقصد اهو ئي هو تہ: ”آئون بہ ڪجهہ اڳيري ٿيان....“

حوصلہ افزائيءَ جي صورت ۾ هينئر تائين دستياب ٿيندڙ مڪمل رسالي تي بہ ڪم شروع ڪري ٿو سگهجي. هڪ شڪايت مانوارن محققن سان تہ هو صاحب اهوئي، ڪي ۽ عام اڳيان آٿين، جنهن جي باري ۾ ڪين (ذاتي طرح) تہ بهر ـال اطمينان، يقين هجي تہ ان ۾ ڪا غلطي ناهي ۽ بلڪل صحيح آهي، منهنجو مطلب آهي معنيٰ وغيره ۾. هي منهنجو سڄو ڪم ڏکين لفظن جي معنائن مٿان آهي. ڏکين لفظن جون معنائون ڏيڻ مهل عالمن اديبن کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي تہ اها سڄي سندن اڪيلي سر ذميداري، جوابداري آهي جنهن ڪري مياري، ڏوهاري پاڻ ئي ٿيندا (پوءِ پلي ان ڪم ۾ ساٿن گڏ ڪيترا بہ ماڻهو هجن) لحاذا ڏکين لفظن جون معنائون ڏيڻ مهل انهن ئي لفظن جون معنائون ڏنيون وڃن جن جي باري ۾ ڪين پوري ڄاڻ هجي نہ ڪي بنا ووڙڻ جي آسانيءَ سان ڪتان پڌل يا ڏکن ۽ اندازن تي پڌل معنائون ڏنيون وڃن! ان کان وڌيڪ اهو ئي بهتر آهي بلڪ اهوئي صحيح آهي تہ انهن ڏکين لفظن جون معنائون نہ ڏنيون وڃن جن جي ڪين پوري معلومات نہ هجي ڇو جو:

”چـــپـــڙ ڪـين ڏي، ســـوکـــڙيـون سُـتن کـي“

پر نهايت ڏک ۾ افسوس سان لکڻو ٿو پويم تہ محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب ائين نہ ڪيو آهي ۾ تمام گهڻن ڏکين لفظن جون معنائون غلط ڏنل آهن جنهنجي ڪري خوف آهي تہ پڙهندڙ بيٺن، واين جي اها معنيٰ ئي نہ سمجهي سگهندا جيڪا آهي. اهو اندازو، پروڙ تڏهن پيم جڏهن رسالو پڙهندي اهڙن مخصوص لفظن تي نظر پيم جن لاءِ خيال هو تہ اهي لفظ شايد رڳو مخصوص جابلو علائقن ۾ رهندڙ ئي ڳالهائين ٿا ۽ سنڌ جي اندر ۾ سنڌ جو شهري طبقو شايد نہ ڳالهائيندو هجي. اهو اندازو ان ڪري ٿيم جو اهي لفظ ڪڏهن بہ اخبارن، رسالن وغيره ۾ آيل منهنجي نظرن مان اجا تائين نہ گذريا آهن. مزي ۾ دلچسپيءَ ڪاڻ جڏهن هيٺ ڏنل ڏکيا لفظ ۾ انهن جي معنيٰ پڙهيم تہ حيران ٿي ويس تہ اسان جا عالم بہ ائين سطحي، سراسري نموني ڪم ڪرڻ لڳا آهن! ڏک ٿيم تہ جي تارو بہ تڙن تان سوتا ۾ گنديون ميڙڻ لڳا تہ اونهي (عميق) ۾ ڪير گهڙندو؟ موتي ڪير آڻيندو؟ بهرحال انهن غلط معنائن سوچ کي تقويت ڏني ۾ خيال جيڪو اڳ ئي تِپن ۾ هو اهو ڪَرُ ڪٽي بيٺو تہ، تصحيح ضرور ٿيڻ گهرجي!

محنت ڪئي اٿم ڪليل اکين ۾ جاڳيل قبوليندڙ ذهن سان. لفظن جون معنائون پاڻ ڄاڻندي، سمجهندي، خبر هوندي تہ اهائي آهي (ڇو تہ اهي لفظ اڄ بہ ڳالهايا ٿا وڃن) پوءِ بہ ماٺهوءَ ماٺهوءَ کان پڇيم ۾ پنهنجن وڏڙن کان معلوم ڪيم ۾ ڪين ايترو ستايم جو هو تنگ ٿي پيا تہ، "بابا! اهائي معنيٰ آهي جيڪا اسان ٻڌائي آهي ۾ جيڪا تون سمجهين بہ پيئي ۾ ان کان علاوه ٻي ڪا بہ معنيٰ ڪانهي بس!" تڏهن مس وڃي سندن جند ڇڏيم. ان مرحلي دوران واجب الاحترام قابل عزت وڏڙن کان محض هڪڙي هڪڙي لفظ جي صحيح معنيٰ معلوم ڪرڻ خاطر سندن وڏي ڄمار واري زندگيءَ جا بيحد ڏکيا قصا، وڏا واقعا، طويل داستان ٻڌڻا پيم جيڪي دلچسپ بہ هئا تہ ٿڪائيندڙ بہ! خواهش رڳي اها تہ غلطي نہ ٿيئي!. ڏجان ٿي ان سلسلي کان جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحقيق جي جاءِ تي بحث براءِ بحث جو شروع ٿي ويندو (الله نه ڪري). پنهنجي پاران پوري ڪوشش ڪئي اٿم تنهن سلسلي کي بند ڪرڻ جي! ٻي صورت ۾ حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ڇو ته تحقيق ۽ تصحيح لازم ملزوم آهن ۽ هئڻ گهرجن. باقي بحث کان بچڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪئي اٿم. اهائي وجهه آهي جو معنائن ۾ ڳالهه کي ٿي سگهڻ جي حد تائين مختصر ڪرڻ چاهيو اٿم. چاهنا رڳي اها ته مقصد واضح هجي، بنا پوش پردي جي.

منهنجو هيءَ ليک پڙهي منهنجن ڪيترن سڄڻن اهو مشورو ۽ راءِ ڏني ته رڳو محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي محنت کي ئي آڏو نه رکيو وڃي پر ٻين به قابل محققن کي ان ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن تحقيق اڌوري نه ڀاسجي. مانوارن پڙهندڙن جي راءِ اکين تي رکي تحقيق جو دائرو وڌايم ۽ شاهه لطيف سائين جي تقريبن سيني سڄاڻ ۽ قابل عزت محققن کي شامل ڪيم پر بنياد اهوئي محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جو مرتب ڪيل چوند بيتن، واين وارو شاهه جو رسالو آهي. باقي ٻين محترم محققن جون محض اهيئي ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون اٿم جيڪي منهنجي زير بحث و تصحيح آهن ۽ اهي قابل عزت محقق آهن: محترم سائين علامه آءِ آءِ قاضي صاحب، محترم ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي صاحب، محترم غلام محمد شاهواڻي صاحب - پهرين ته محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جا ترتيب ڏنل شاهه سائين جي رسالي جا ٽي جلد به شامل ڪيا هئم پر جيئن ته ان وقت تائين اجا هن صاحب رسالو مڪمل نه ڪيو هو تنهن ڪري ان کي شامل ڪرڻ مناسب نه لڳم، پر ان کان علاوه به ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو ترتيب ڏنل اهو رسالو وڏا بحث، وڏيون شانڪارون ۽ وڏيون غلطيون ڪٺي آيو آهي جيڪو پاڻ لاءِ ڌار سلسلو شروع ڪرائيندو! تنهن ڪري مون پنهنجي هن تحقيق ۾ ڪيس شامل نه ڪيو آهي ۽ باقي قابل عزت محققن کي شامل ڪندي سندن ڏنل ڏکين لفظن

جي معنائن کي شامل ڪيو اٿم.

هاڻي اسين اهي بيت ۽ وايون کڻون ٿا، جن ۾ آيل ڏکين لفظن جون منهنجي خيال ۾ غلط معنائون ڏنل آهن (بيتن جي سمجهاڻي سا ڳي آڏواڻي صاحب واري قائم آهي سواءِ معنائن جي درستيءَ جي).

## سُر ڪياڻ، داستان ١، بيت ١

وَحدَهٗ لاَشَرِيڪَ لَهٗ، جن اُتو سين ايمان،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان،
اُوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن بہ اوليا.

**اوليا:**

آڏواڻي = ڳهلجي ويا

قاضي = ڏڪجي ويا، ٿيلهجي ويا

گربخشاڻي = ڏڪڻ، هلائڻ، تڙ ڪان تواٺي نہ ٿيا، پريشان ٿيڻ، خفي ٿيڻ، ڦاسائڻ.

شاهواڻي= ڏڪجي ويا

منگهاڻي= ڦاسايا، ڦاٿا، اڙيا

لفظ ”اوليا“ جي لفظي معنيٰ آهي ”ڦاسايا“ ۽ اهو لفظ رسالي ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا آيل آهي جيڪو هنن صورتن ۾ آهي. ”اوليا“، ”اولڄڻ“، ”اوليو“، ”اولين“، ”اولڄان“، ”اولڄي ويا“، ”اوليون“، جن جي معنيٰ آڏواڻي صاحب هر هنڌ ٿي اتي جي حالتن مٿان ٺهندڙ، ٺهڪندڙ ڏار ۽ صفا مختلف ڏني آهي. لفظ ”اوليا“ اڄ بہ ضلعي لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي جابلو علائقن ۾ ڳالهايو ٿو وڃي. مثال طور هي جملا ڏسو:

جملو = مان تہ هاڻي هتي مان اڇي اوليو آهيان (ڦاٽو آهيان)

جملو= هن ڪم ۾ هٿ وجهي آئون تہ اولجي (ڦاسي) پيئي آهيان.

جملو= روز روز مهمانن مان اسين تہ اڇي اوليا (ڦاٽا) آهيون.

جملو= مونکان ڏار تہ تيون آهن پر هاڻي اوليون (ڦاسيون) آهن.

بيت جي سمجهاڻي = جن ويساهہ سان ايئن چيو تہ "هو هڪ آهي ۽ ڪوبہ سندس ثاني ناهي" تن دل توڙي زبان سان حضرت محمدﷺ کي مڃيو جو دنيا جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ آهي". اُهي وڏي مرتبي وارا، هميشہ ڌڻيءَ جي حڪم ۾ رهندڙ آهن، اهي ڪنهن بہ خراب تڙ (اوتڙ) نہ ڦاسايا.

ساڳيءَ طرح هي بيت آهي:

**سُر ڪلياڻ، داستان ١، بيت ٣**

اوتڙ ڪنهن نہ اوليا، ستڙ ويا سالم،
هيڪائي هيڪ ٿيا، احد سين عالم،
بي بها بالم، آگسي ڪيا اڳهين.

**اولياء**

آڏواٽي = گهلجي ويا

منگهاڻي = ڦاسايا

(مٿي لفظ "اوليا جي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.)

بيت جي سمجهاڻي = اهي سالم ۽ صاحب دل وارا ڪڏهن بہ خراب تڙ نہ ڦاسايا ۽ سلامتيءَ سان وجي سٽائي تڙ تي رسيا. سچي چاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا هڪ (ڏٽي) سان هڪ تي ويا. ڏٽيءَ اصل ۾ هنن کي املهه ۾ اعليٰ ڪري ڇڏيو آهي.

### سُرِ ڪلياڻ، داستان ٢، بيت ٧

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾،
پسيو پر عجيب جي، لڇيو وڃي لوهه،
عاشقن اندوه، سَدا معشوقن جو.

**لڇيو:**

آڏواٽي = ڪنبيو يا ڏڪيو وڃي

قاضي = هبڪيا، ڊنا، لڏيا

گربخشاٽي = لڏي ويا، پوئتي هٽيا (ترڪڻ، ڪسڪڻ، لڇڪڻ، نچڻ)

شاهاٽي = لڏيو، ڏڪيو

منگهاٽي = چنبڙيو وڃي، "ٺڪُ" تي تنهن ئي جاءِ تي بيهيو وڃي جتي آهي، اتيئي چنبڙي پوي (اردوءَ ۾ "چسپان").

جملو= هي پوسٽر ديوار تي ليچاري اچ.

جملو= لفافي ۾ خط وڌو اٿم پر صحيح نٿو لڇي، متان ڪلي پوي ڪونئر سان ليچارينس.

جملو= پار کي ڪچ تان هيٺ لاهه، جڻ لڇي ويو اٿئي.

بيت جي سمجهاڻي = ڪاتيءَ جو ڏوهه ڪونهي، ڇو تہ ڳن وڍيندڙ جي هٿ ۾ آهي، سهڻي محبوب جي روش ڏسي لوهه (ڪاتي) اتيئي چنبڙي بيهي ٿو وڃي. عاشقن کي هميشہ معشوق جي ئي جهوري لڳل هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ڪلياڻ، داستان ٢، بيت ١٥

سـڏڙيـا شـراب جـون ڪُـه پـچـارون ڪـن،
جـے ڪات ڪلالن ڪـديا، تـہ مـوٽـيـو پـوءِ وجـن،
پـڪـون سـي پـين، سـر جـن جـا سـٿ ۾.

**سڏڙيا:**

آڏواٽي = ڪوڙي سڏ رکندڙ

قاضي= (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي= (واحد ) سڏڙيو. سڪٽي خواهش ڪندڙ

شاهواڻي= (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي= سِڪٽا، بکيت، سڪٽي خواهش ڪندڙ

”سڏڙيو“ اهڙي ماڻهوءَ کي چئبو آهي، جيڪو هر شيءِ لاءِ سڪايل/گهورو هجي. سدائين هر شيءِ جي خواهش رکندڙ، يعني سدائين پنهنجي وڻندڙ چيز لاءِ سڪايل ۽ سڏيل.

پاڻ پچي نہ سگهندڙ، بي پهچ سڪايل، ”سڏڙئي“ جي سڏ ڪوڙي ناهي (سچي آهي) ۽ بي انتها آهي، پر پاڻ هو ان لاءِ ڪا محنت ۽ جدوجهد نٿو ڪري ۽ چاهي ٿو تہ پاڻ ئي پاڻ ملي وڃي. پر ائين ممڪن ڪٿي آهي تہ بنا محنت، ڪوشش، جدوجهد ۽ قربانيءَ جي ڪو مقصد ۽ گهرج پاڻهي پاڻ پوري ٿئي. جملن ۾ اهو مفهوم سمجهائڻ وڌيڪ بهتر ٿو لڳي.

جملو= ”هي سڏڙيو آهي ڏيوس ڪٿي نہ تہ ويندو ئي ڪونہ يڪو بينو هوندو“.

جملو = ”روز روز ٿو اچي، هن سڏڙئي مان تہ اچي اوليا

آهيون.“

جملو= ”هڪ ٻن جي ڳالهہ ڪانهي انهن جو ڪتنب ئي اهڙو آهي. اهي سڀ سڏڙيا آهن.“

بيت جي سمجهاڻي = سڪڻي سڏ رڪندڙ پيالا ڇو ٿا شراب جون پچارون ۽ طلب/گهر ڪن؟ جڏهن ڪلال پنهنجا ڪات ڪڍي ٿا نروار ڪن تڏهن هو پنيان پير ڪريو پڇيو ٿا وڃن. سرڪيون اهي پيڻ جن جا سر هن سودي ۾ هڪيا حاضر هجن.

## سُر ڪلياڻ، داستان ٢، بيت ١٦

سِـــر جـــدا ڌڙ ڌار، دوڳ جـنـين جـــا ديـڳ ۾،
سـي مَـرُ ڪَـنِ پـچـار، حـاضـر جـن جـا هـٿ ۾.

**دوڳ:**

آڏواٽي = ماس جو ٽڪر

قاضي = دونئري جا ڏڳ، ڪاڏي جا ٽڪر

گربخشاٽي = پرزا پرزا، سڏيون ٽڪر يعني گوشت جا ٽڪر

شاهواٽي = ٽڪر، ذرا

منگهاٽي = وڏا ٽڪر، گوشت جا ۽ ڪانيءَ جا پرڻ.

”دوڳ“ ننڍن ٽڪرن ۽ ذرن پرزن کي چئبو ئي ناهي.

جملو= ”هي پيالا ڇا هي؟ گوشت کي دوڳ دوڳ ڪري رکيو اٿوَ! بوٽيون ۽ هڏيون سنهيون ۽ ننڍيون ڪريو تہ ماٺهو ڪائي بہ سگهي. هيئن دوڳن کي تہ ڪو هٿ بہ نہ لائيندو، ڀيو وري رڌڻ ۾ بہ دير ڪندا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو= ”هي ڪانيون ڪنهن ڦوڙيون/وڍيون آهن؟ رڳا دوڳ ڪيا اٿن، هي دوڳ تہ چُلهي ۾ بہ پورا ڪونہ ٿيندا.“

(مطلب تہ ”دوڳ“ وڏن ٽڪرن کي ٿو چئجي.)

بيت جي سمجهاڻي = جن جا سر جدا، ڌڙ الڳ ۽ جن جي جسم جا وڏا وڏا ٽڪر/ حصا ديڳ ۾ هجن، اهي پلي سرڪيءَ جي پچار ڪن/سڏ ڪن/طلب رکن. جن جا سر هڪيا هٿ ۾ آهن ۽ جيڪي بنا دير جي ان مهل قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهن، اهي پرينءَ جي پچار ڪن تہ ڳالهہ ٺهي ٿي.

## سُر ڪلياڻ، داستان ٣، وائي

ٿـيـنـدو تـن طـبـيـب، دارون مـنـهـنـجـي درد جـو.

ٻـڪـي ڏيـنـدم ٻـاجـهـہ جـي، اڇـي شـال عـجـيـب.

### ٻُڪي:

آڏواٽي= دوا درمل

قاضي = ڦڪي، ستي

گربخشاٽي = ڦڪي، دوا، سُتي

شاهواٽي = دوا

منگهاٽي = بشارت، نويد (خوشيءَ جو اڳواٽ اطلاع)، ڏَسُ

ڪوهستان ۾ شاديءَ ڪان اڳ هڪ رسم ٿيندي آهي ان جو نالو آهي ”ٻُڪي“ يعني شاديءَ جي شروعات.

جملو= ”ادي، پير تي ويئي هئينءَ اتان ڪا ”ٻُڪي“ مليئي؟“

جملو= ”ها ادي مونکي شفا جي ”ٻُڪي“ ملي هاڻي مان ٺيڪ آهيان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو= ”مونکي به الله ڪا خوشيءَ جي ٻُڪي ڏيندو“.

ست جي سمجهاڻي = پرين شال اچي مونکي پاڄهه جو ڏس ڏيندا.

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ١، بيت ۴

جت حبيب هٿن، نائڪ پري نينهن جو،
تتي طبيبن، وڃا وڃي وسري.

**وڇا:**

آڏواٽي = وديا (طبي علم)

قاضي = علم، هنر

گربخشاٽي = علم، هنر، قابليت

شاهاٽي = علم، دنيوي ڳالهيون

منگهاٽي = سمجهه، عقل، قابليت، استادي، ڪاريگري، علم، مت.

جملو = ”پاڻ کي سنيال! ڇا تي ”وڇا“ وسري ائي؟“

جملو= ”جيئن تو وڏو ٿيئي تيئن وٿانس سڀيئي ”وڇائون“ وسرنديون ٿيون وڃن.“

جملو= مونکي ته هاڻي اڱوٺي ”وڇا“ ئي ڪانهي.“

بيت جي سمجهاڻي = جتي پرين پريت جو تير تا هٿن. تتي ويڄن کي پنهنجي استادي ۽ قابليت وسريو وڃي.

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ١، بيت ٨

اڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهه، واڍوڙڪي منهين،
جو پڻ ڀين سنجهه، هو ڀنيون هو ڀنيون.

**ڪنجهو ڪنجهه:**

آڏواٽي = دانهن تي دانهن

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاٽي = دانهن جي متضاد بلڪل جهيٽو آواز. بيماريءَ ۽ ڪمزوريءَ جي حالت ۾ ٻاڻ مرادو وات مان جيڪو تڪليف جي ڪري آواز نڪري ٿو تنهن کي ڪنجهڻ/ڪنجهه/ڪنجهڪار چئبو آهي.

جملو = ”ادي! تون ٿي چوين ته نيڪ آهي پر اڄا ته ڀيئي ”ڪنجهڪر“ پويس.“

جملو= ”آهي ته نيڪ پر ”ڪنجهڻ“ جي عادت ڪري ويو آهي.“

جملو= ”ننڍڙي کي آهي ڇا؟ يڪي ”ڪنجهو ڪنجهه“ لڳي ڀيئي اٿس.“

بيت جي سمجهاڻي = اڄ پڻ وڍيلن جي جهوپڙين/پونگن مان تڪليف وارا ڏيما آواز پيا اچن. سنجها اچي ڀيئي اٿن ته به ٻاٽڪي اهيئي لڙيون پيا هٽن اهيئي ڀنيون پيا ڀڏن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت ۴

سَرُ جو سڃيو سڄڻين، ٻيهر ٻان ٻري،
چمڪيو سو چوهه مان، ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
جيرا جگر ٻڪيون، لنگهي پيو پري،
لڳو جيءَ جڙي، تاٽيان تير نہ نڪري.

**سڃيو:**

آڏواٽي = ڪشيو

قاضي= الاري، نشان ڪري

گربخشاٽي = لڳايو

شاهواٽي = نشان ڪيو، چٽيو

منگهاٽي = آڇيو. ڪابہ شيءِ ٻي ڏانهن آڇ جيان وڌائڻ، تاڻڻ يا ڏيکارڻ کي ”سڃڻ“ يا ”سڄ“ تو چئجي. يعني ڪا بہ چيز قولن نہ بلڪہ فعلن ڏجي.

جملو= ”هن مونکي پيسا ”سڃيا“ تہ هئا پر مون اهي ورتا ڪونہ.“

جملو= ”يڪو پيو ”سڃيين“ ڏي ڪٽي.“

جملو= رڳو ٻي ”سڃيائين“ پر ڏنائين ڪونہ.“

بيت جي سمجهاڻي = تير جو تاٽيو/آڇيو سڄڻ، ٻيهر ڪمان ۾ ٻري اهو نهايت تيزيءَ سان چم چم ڪندو ۽ ڪڙڪات ڪندو ويو ۽ جيرا، جگر ٻڪيون چيريندو پري نڪري ويو ۽ جيءَ ۾ ائين جڙي ويو آهي جو ڪيترو بہ ڇڪيانس پر اهو تير نڪري نٿو.

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت ٧

پـتـنـگـن پـه ڪـيـو، مـڙيـا مـتـي مـچ،
پـسـي لـهـس نـہ لِـڇـيـا، سـڙيـا مـتـي سـچ،
سـنـدا ڳـچـين ڳـچ، ويـچـارن وڃـائـيـا.

**لڇيا:**

آڏواڻي = لڏيا، ڪنبي ويا

قاضي = هبڪيا، ڊنا، لڏيا

گربخشاڻي = لڏيا، پوئتي هٽيا

منگهاڻي = چنبڙيا.

لفظ "لڇيا" سر ڪلياڻ جي داستان نمبر ٢ جي بيت نمبر ٧ ۾ متي آيل آهي "لڇيو" واري صورت ۾، جتي آڏواڻي صاحب معنيٰ ڏني هئي، "ڏڪيو" ۽ هتي، "لڏيا، ڪنبي ويا" ڏنل آهي. جڏهن تہ ساڳي "چنبڙڻ" واري معنيٰ ۾ بنهي هنڌن تي آيل آهي. پهرين بيت جي سٽ آهي:

پـسـيـو پر عـجـيـب جـي، لڇـيـو وجـي لـوه

يعني: محبوب جي انداز ۽ روش ڏسي لوه يعني ڪاتي جتي آهي اتيئي "چنبڙي" بيهي ٿي وڃي ۽ هن بيت ۾ آهي:

پـسـي لـهـس نـہ لڇـيـا، سـڙيـا مـتـي سـچ.

يعني، هو باھہ جو مچ/تپش/گرمائش ڏسي بہ پتنگ اتيئي چنبڙي بيهي نہ رهيا بلڪ اڳيان وڌيا ۽ سڙي ويا. جڏهن تہ "لڏڻ، ڪنبڻ ۽ ڏڪڻ واري معنيٰ ۾ لفظ "لڇيا/لڇيو" صفا نٿو اچي.

جملو = پنهنجي ديوار ٿورو پري اڏ! صفا منهنجي گهر سان ليچاري ڇڏي اٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ”اسٽيڪر جتي ڪٽي نہ ليچار (چنبڙاءِ).“

بيت جي سمجهاڻي = پتنگن پاڻ ۾ پہ/ارادو ڪيو ۽ اچي مچ جي مٿان گڏ ٿيا، مڙيا. هو باهہ جي تپش/گرمائش/لهس ڏسي اتيئي چنبڙي بيهي نہ رهيا پر ان روشنيءَ، تجلي واري سچ مٿان سڙي ويا. ويچارن ڪئي پنهنجيون سسيون قربان ڪيون، وڃايون.

## سُر يمڻ ڪلياڻ، داستان ٣، بيت ١١

ڏنءُ ڏنءُ ڏمـــڻ وار، اچ پـــڻ آگـــــڙيـــن جـــي،
بـــاري مـــچ مـــجـــاز جـــو، اوتـــيـــائـــون اڱـــار،
ڏوڏا ٿـيءُ مَ ڏار، جـمر ڪـچـو رڪ ڪـٽـيـون ٿـيـئـي.

**ڏوڏا:**

آڏواڻي = اي ڏمڻ وارا! (ڪچا پانڌيڙآ!)

قاضي = اي ڏمڻ وارا!، ڏئيندڙ

گربخشاڻي = اي ڏوڏيا! ڏوڏي وارو، ڏمڻ وارو، ڏئيندڙ، نئون سيکڙات، ڇاڙتو. دستور آهي تہ جڏهن ڪو نئين سر لهارڪو ڪم سکندو آهي تہ ڪاريگر پهريائين هن کي ڏوئڻ تي وهاريندو آهي. جيستائين ڪم مان پوري طرح واقف ٿي وڃي. هتي ڏوڏي جي مراد آهي ”نئون طالب“ جو طريقت تي هلڻ چاهي ٿو. (گربخشاڻي)

شاهواڻي = ڏنوڻ وارو، نئون طالب

منگهاڻي = وڏو ڍڳ، انبار، گهڻي چيز.

(هاڻي ڏسو! قابل محققن ۽ منهنجي ڏنل معنيٰ ۾ ڪيڏو فرق آهي!) لفظ ”ڏوڏيا“ جي معني آهي ”ڏوڏي ڪان“ (واحد ”ڏوڏو“ جمع ”ڏوڏا“).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”ڏوڏا“ نهايت اهم لفظ آهي. هونئن ته هر لفظ ئي اهم هوندو آهي، پر هي لفظ خاص طرح سان ان ڪري اهم آهي جو ان جي صحيح معنيٰ نه ڏيڻ جي صورت ۾ سڄو بيت ئي مختلف صورت وٺي ٿو وڃي ۽ ڏسو ته معنيٰ ۾ ڪيڏو وڏو فرق آهي. ڏسي ٿو سگهجي ته، ڪٿي ڌمڻ واري سان تخاطب ۽ ڪٿي وڏي ڍڳ ڏانهن اشارو يا ايڏانهن متوجه ڪرڻ! پڪ سان خطرو اهو آهي ته اهي مانوارا پڙهندڙ بيت کي بلڪل ئي سمجهي نه سگهيا هوندا جن لفظ ”ڏوڏا“ کي ”ڌمڻ وارو“ سمجهيو/پڙهيو هوندو. بيت ۾ لطيف سائين فرمائي ٿو ته، آڳڙين/ لوهارن وٽ اڄ به ڌمڻ جي ”ڌنءُ ڌنءُ“ (ڌمڻ جو آواز) لڳي پيئي آهي يعني ڪم جاري ساري ۽ عروج تي آهي ۽ انهن اڱار اوتي (اوتڻ = وڏي مقدار ۾ ڪا چيز وجهڻ کي چئبو آهي هتي”اوتيائون“ معنيٰ پلٽيائون، وڏي تعداد ۾ اڱار وڌائون). محبت جو وڏو مچ ٻاريو آهي. پر... ان ٻاهه جي وڏي ڍڳ ڪان/انبار ڪان ڏرو به، ٿورو به پري نه ٿيءُ! ان ۾ يڪو اڱار وجهندو وڃ ڇو ته ٻاهه ڪان پري ٿيڻ ڪري ڍڳ ڪان ڏور رهڻ ڪري متان ٻاهه ڍري ٿي پوي ۽ ڪچو لوهه ڏرا ڏرا، ڪٽيون ڪٽيون ٿي پوي. يعني ٻاهه جي ڍڳ ڪان پري نه ٿي/ڏار نه ٿي!

گربخشاڻي صاحب لفظ ”ڏوڏا“ نهايت تفصيل سان سمجهايو آهي پر جيئن ته لفظ جي معنيٰ ئي غلط ڏني اٿس ته پوءِ ان تفصيل جي اهميت جو جواز ئي نٿو رهي. غلط رستي تي ماٺهو جيترو به هلندو منزل کان اوترو ئي پري ٿيندو، پر جيئن ته منهنجي زير تصحيح گربخشاڻي صاحب جو مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ ناهي بلڪه آڏواڻي صاحب جو ترتيب ڏنل رسالو آهي، تنهن ڪري وڌيڪ ڇوڙ مناسب نه ٿيندو. لفظ ”ڏوڏا“ اڄ به عام جام ڳالهايو ويندو آهي. لطيف سائين جي ئي لفظن ۾ ته:

”لوچين سي لهن جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندي يون ڏسن اڱڻ عجيبن جا.“

لسپيلو ۽ ڪوهستان تہ پري آهن پر هتي ڪراچيءَ ۾ ”بڪڪ“ ذات جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان (خاص ڪري عورتن کان) ان جي معنيٰ معلوم ڪري ٿي سگهجي.

جملو= ”روز روز مهمان، اڄ بہ ٿانون جا ڏوڏا ڏٺا پوندم.“

جملو= وقت ئي نٿو ملي ڪپڙن جا ڏوڏا ٿي ويا آهن، جيڪي مونکي ئي ڏٺا آهن.

جملو= ڪهڙو ٿو ڪاچ ڪرين؟ ڪانئن جا ڏوڏا لڳا پيا آهن.

بيت جي سمجهاڻي = اڄ پڻ اوهان جي ڏمڻ جي ڏنءُ ڏنءُ لڳي پيئي آهي. محبت جي ان مچ ۾ انهن اڱار اوتيا آهن ۽ ان باهہ جي ڍڳ/ انبار کان پري نہ ٿي متان ڪچو لوهہ رتيون رتيون/ ڪٽيون ڪٽيون/ ذرا ذرا ٿي وڃي.

## سر يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت ١٢

ڏوڏا تـــون نـــہ ڏنـــئـــين، آڳ اوڏو نـــہ وڃـــين،
ألا جـي عـــشـــق جـــا، ســي تـان تـون نـــہ ســـهـين،
ايـــو ايـئـن چـــوئـين، تـــہ آئـون آڳـــڙيـــو آهـيـــان.

هتي لفظ ”ڏوڏا“ جي معنيٰ صاف نڪري ٿي اچي پر تڏهن بہ آڏواڻي صاحب اهائي معنيٰ ڏني آهي يعني ”ڏمڻ وارو“.

جيئن تہ لفظ ”ڏوڏا“ بابت مٿي جملن سان ۽ پڻ تفصيل ڏنل آهي سو، هتي رڳو بيت جي سمجهاڻي ٿي ڏجي جيڪا بلڪل واضح آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اڱارن جي وڏي ڍڳ/ انبار/ ڍير کي باهہ ۾ وجهي ڏنئين نٿو. مچ کي مچائين نٿو ۽ آڳ جي ويجهو ئي نٿو وڃين! ألا/ تآنڊا جيڪي عشق جا آهن سي تون سهين ئي نٿو ۽ بيٺو چوين تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان آڳڙيو آهيان / لوهار آهيان. (تون اجان ڪچو آهين ۽ پاڻ کي ڪامل ٿو سڏين).

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت ١٥

اڄ آڳـــڙيـــا آئـــيـــا، سُـــوڏا ســـراٽـــي،
پـــيـــاري پـــاٽـــي، تـــيـــغـــون ڪـــنـــدا تـــڪـــيـــون.

**سُوڏا:**

آڏواٽي = ماهر، پڪا

قاضي = سيڌا، پورا، سچا، سمجهو

گربخشاٽي = سچا، صادق

شاهواٽي = صادق، سچا

منگهاٽي = سيڌا، سنوان

جملو = آهي چا پڪا! سُوڏو ٿي ويهه

جملو= هيءَ تہ ويچاري سُوڏي سادي آهي.

جملو= هينئر چالاڪ ماڻهوءَ جو زمانو آهي، سُوڏي سان هرڪو ونگو ٿو هلي.

بيت جي سمجهاڻي= اڄ لوهار آيا آهن صاف سِڌا سراڻ وارا، هو رڪ کي پاڻي هڻي/لڳائي ترارين کي سِري تيز ڪندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت ١٦

اج آڳــڙيــا آئـيــا، ســـائـو ڪـي ســـچـــاڻ،
لاهــيـــنـــدا مـــوريـــاڻ، رڪ ڪــريـــنــدا پـــڌرو.

**سائو/ساهو:**

آڏواڻي = ماهر، فن ۾ ڪامل

قاضي = نيڪ، سڪر، سورهيہ

گربخشاڻي = سچا

شاهواڻي = سچا

منگھاڻي = سهڻ وارا، برداشت ڪرڻ وارا، صابر، بهادر

جملو= هي ماڻهو وڏو سائو/ساهو آهي پلي ڪيڏا ڏک اچن، سزائون ملنس پر سڀئي سهي برداشت ڪري ويندو، وات مان ٻڙڪ بہ نہ ٻوليندو.

جملو= اُهو سائين! سائو ماڻهو آهي، ان کي توهان ماري نہ مڃائيندؤ!

جملو= ڏکايل تہ بيحد آهي پر سائو آهي ڪڇندي ڀڇندي ڪي ڪين.

بيت جي سمجھاڻي: اج وڏا صابر/سهڻ وارا لوهار آيا آهن. هو زنگ ۾ ڪَٽَ کي لاهي رڪ کي ظاهر ڪندا. (ڪامل دل جو ڪٽ ۾ ڪس لاهي جرڪائيندا).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ١

ايڪ پيالو ٻہ ڄڻا! عشق نہ ڪري ايئن،
ليکيا جي لکڻ ۾، سي قرب رسندا ڪيئن،
هُئڻ ڪيا هيئن وانجيا، پس! وصال ڪان.

**وانجيا:**

آڏواڻي = نراس

قاضي = دور، پري، گمراهہ

گربخشاڻي = دور، پري، گمراهہ، نراس، نااميد

شاهواڻي = دور، نااميد

منگهاڻي= محروم، بدنصيب.

لفظ "وانجيا" جي معنيٰ "محروم يا بدنصيب" آهي جيڪا پاڻ آڏواڻي صاحب، بيت جي ٻہ ۾ ٿي ڏنل سمجهاڻيءَ ۾ ڏني آهي پر الاهجي ڇو ڏکين لفظن جي معنائن ۾ "نراس" ڏني اٿس.

جملو = پنهنجي هوندي سوندي مان بہ خدا هن کي وانجي ڇڏيو آهي.

جملو= اُهي تہ سڀ مان وانجيا آهن. ڪاڏو، پيتو، ڪيڙو، لتو سڀ منجهان وانجيل آهن.

جملو= هر شيءِ کان انڪار سڀ مان وانجو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = پيالو هڪ ۽ ڄڻا ٻہ هجن. محبت ايئن ڪرڻ نٿي ڏي. جي حساب ۾ (ٻہ) ڳڻجن ٿا، سي ڪيئن پرينءَ جي ويجهو رسندا؟ قرب حاصل ڪندا؟ جن پنهنجي هئڻ جو جدا احساس ڏياريو، ڏس تہ الڳ هستيءَ انهن کي ميلاپ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ٣

ايڪ پيالو پـ چـٽـا! عـشـق نـہ ايـئن ڪـري،
آتـي سـي ايـڪ ٿـيـا، جـي ڳـتـا نـيـنـهـن ٻـري،
دوئــي ڏار ڏري، جُـــہ خـلـت خـنـجـر آيـو.

**ڳتا نيهن ٻري:**

آڏواٽي = جي عشق جي چنبي ۾ اڙيا،

قاضي = قاتا، اٽڪيا

گربخشاٽي = جيڪي عشق جي اري ۾ قاتا، جيڪي عشق محبت ۾ مبتلا ٿيا، جيڪي ٻري نينهن يا سخت عشق ۾ اٽڪجي پيا.

شاهواٽي = چنبي ۾ يا ٻوريءَ، سخت

منگهاٽي = جي عشق ۾ گڇي ويا

”جي ڳتا نينهن ٻري“ يعني جيڪي عشق ۾ گڇي ويا.

ڳتا = گڇيا

نينهن = عشق

ٻري = وٽ، جيڪي نينهن ۾ گڇي/رڇي/گهڙي ويا

منهنجي هڪ شعر جو بند جيڪو منهنجي شعري مجموعي ”خوابن جا ايوان“ ۾ ڇپيل آهي:

ڪــڪـــرن ڪـئـي آ ڪـيـــڏي ڳـــپ،
اجـــــرو اجــــرو چـــنـــڊ ڳـــتـــــو.

جملو= واٽ تہ هيءَ سولي هئي پوءِ ايڏانهن ڪيڏانهن وڃين ڳتو آهين.

جملو= اسان سان گڏ نہ هليا پيو رستو ورتائون ۽ وچي گپ ۾ گتا.

جملو= هُو تہ سندس ٿورن ۾ چوٽيءَ تائين گتل آهي.

بيت جي سمجهاڻي= پيالو هڪ ۽ ماڻهو ٻہ هجن، عشق ايئن نہ ڪندو آهي (نينهن ۾ اهو روا ناهي تہ پرين ۽ محبتي ٻہ جدا هستيون هجن، اهي رجي هڪ ٿيا جيڪي عشق ۾ گهڙي/گڇي ويا. جڏهن محبت جو خنجر ٿو هلي تڏهن اهو ٻيائيءَ کي ڪپيو ڇڏي.

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ١٢

مـــتـــارا مـــري ويـــا، مـــوڪـــي تـــون پـــي مَـــرُ!

تـنـهـنـجـو ڏوس ڏمـــر، ڪـونـہ سـهـنـدو ان رِءَ.

**ڏوس ڏمر:**

آڏواڻي = تنبيهہ، عتاب

قاضي = عتاب، تاب

گربخشاڻي = تاب، عتاب

شاهواڻي = عتاب

منگهاڻي = "ڏوس": ڪنجوسي ۽ "ڏمر": رسڻ، ڪاوڙ، جيئن تہ لفظ "ڏمر" عام آهي ۽ لفظ "ڏوس" بلڪل ئي اڻ ڀڏل. چو تہ سڀني محترم محققن جون ڏنل معنائون اهوئي ٿيون ظاهر ڪن. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "ڪنجوس" کي "ڏوس"، "ڏوسي" ۽ "شوم" چيو ويندو آهي.

لفظ ڏوس/ڏوسي جملن ۾.

جملو= ايڏو ڏوس نہ ڪر! صحيح ماڃي ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو= سندس ٻيءُ تہ سخي هو ۽ هيءَ صفا ڏوسي آهي.

جملو= هاٺي ڇڏ ڪٺي اهو ڏوس پٺو پنهنجو.

بيت جي سمجهاڻي = پياڪ مري ويا موڪي! اي ڪلال! اي ساقي! تون ٻي مَرُ! هاٺي تنهنجون ڪاوڙون، ڪنجوسيون ۽ رساما انهن کان سواءِ ٻيو ڪير سهندو؟

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٥، بيت ١٦

ســا ســت ســاريــائــون، الــف جنــهــن جــي اڳ ۾،
لاَمَـــقـــصُـــودَ فـــي الــدَارَيــنِ، ان پــر اتــائــون،
سـگـر ســوٺــائــون، تــيــا رســيــلا رحــمــان ســين.

**سوٺائون:**

آڏواٺي = ڏوري لڌائون

قاضي = ڳولي لڌائون

گربخشاٺي = ڳولڻ، لهڻ

شاهواٺي = ڳولياٺون

منگهاٺي = سچاتائون

جملو = مون وات ڪانہ ڏيڪاري، پاٺهي سوٺائون.

جملو= هو واٽن جا سونهان آهن انهن پاٺهي وات سونٺي.

جملو = تو نہ ڏيکاري تہ ڇا، مون پاٺهي رستو سونٺو.

بيت جي سمجهاڻي = اها ست ياد ڪياٺون جنهن جي شروع ۾ الف آهي، "ٻنهي جهانن ۾ سواءِ ڌڻيءَ جي سندن ڪو مقصد ناهي" ان ئي نموني/طريقي سان چياٺون. هٺن وات سجاتي ۽ وجي مهربان مالڪ سان پرچي هڪ ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۵، بيت ۱۸

عـــاشـق تـہ عـــزازيـــل، ٻـيـــا مـــڙيـئـي ســـڌڙيـــا،
مـنـجـــهـــان ســـڪ ســـبـــيـل، لـعـنـتـي لال ٿـــيـــو.

**سڌڙيا:**

آڏواڻي = ڪوڙي يا سڪٽي سڌ رکندڙ

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = سڪٽي خواهش ڪندڙ

شاهاڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = سِڪَٽا، بکيت

لفظ ”سڌڙيا“ جي معنيٰ متي سُر ڪلياڻ جي داستان ۲ جي بيت ۵ ۾ ڏني اٿم. ”سڌڙئي “ جي سڌ سڪٽي يا ڪوڙي ناهي، اها تہ سچي آهي پر ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ٻاڻ ڪو عمل ڪا جدوجهد نٿو ڪري ۽ هن بيت ۾ بہ ساڳي ئي معنيٰ ۾ آيل آهي.

شيطان جي سڪ ۽ سڌ بہ تہ عملي قدم ڪنيو ۽ هن الله جي عشق ۾ انسان کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هو الله جي عشق ۾ ايڏو تہ انڌو ٿي پيو جو هو نافرمان ٿي ويو ۽ الله کي بہ ايئن چئي آدمء کي سجدو ڪرڻ کان نابري واري ويٺو تہ، ”جيڪو سر تنهنجي اڳيان جهڪيو/ نميو آهي اهو ٻئي جي اڳيان ڪيئن ۽ ڇو جهڪايان ۽ نمايان ۽ هو اهو بہ ٻلجي ويو تہ حڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي!

لطيف بادشاهہ ان ڪري شيطان کي عاشق ۽ ٻين کي سڌڙيا چيو آهي ۽ شيطان کي دنيا جو وڏو عاشق ڇوڻ وارو بہ سڄي دنيا ۾ لطيف بادشاهہ ئي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = عاشق تہ ابليس/شيطان ئي آهي ٻيا

مڙيئي سڏون ڪرڻ وارا آهن. هو ان اڻ جهل محبت ۾ رڱجي لال ٿيو ۽ لعنتي ڪوٺيو.

**سُر يمن ڪلياڻ داستان ٥، وائي**

وسارج مَ ويڻ، جوين پر تي ڏينهڙا
لوٺيون سهن لوڪ جا، وهاڻيءَ ٿيون ويڻ

**لوٺيون:**

آڏواٽي = بي حيا ناريون

قاضي = رليل

گربخشاڻي = ڦري، مُٺي، جلي، سڙي

شاهواٽي = رليل، ڪاٺيون، نادان عورتون

منگهاٽي = سڪٽيون، نپاڳيون، پنهنجيءَ مرضيءَ واريون

هي لفظ واحد "لوٺي" جمع "لوٺيون" نهايت اهم آهي ۽ ان تي تفصيلي گفتگو اڳيان ٿيندي ڇو ته هي لفظ پڻ هڪ ڪان وڏيڪ پيڙا آيل آهي، جملن ۾ سمجهاڻي به اڳيان ڏبي.

ست جي سمجهاڻي = لوڪ جا طعنا دير سوير پيون نپاڳيون سهن.

**سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٦، بيت ٣.**

او قابيل! اکين ۾، توکي باري بان،
ايو اڳراپون ڪرين، ماڳ هٽيو مستان،
جانب تون زيان، اکين سين ايذا ڪرين.

**اڳرايون:**

آڏواٽي = ستم

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = چڙهي، ظلم

شاهاٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاٽي = جارحيت، پهل ڪندڙ يعني زيادتيءَ واري پهل (وڏندي)

جملو = اڳرائي به پاڻ ڪيائين وري دانهون به پيو پاڻ ڏي.

جملو = هن جو ڏوهه ڪونهي اڳرائي به تو ڪئي هئي معافي به تون وٺ.

جملو = انسان جن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، اڳرايون به وري اهي پيا ڪن.

بيت جي سمجهاڻي = او قابيل! (قابيل جهڙا قاتل!) توکي اکين ۾ ڳرا تير آهن. تون مستانن تي سندن ماڳ تي وڃيو چڙهايون/ وڌنديون تو ڪرين. اي جانب! تون اکين سان ڪيڏا هاڃا/ نقصان ٿو ڪرين.

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٦

عشق تمام بره تمام، ووا مٺن لوني يار لوڪو
سيج ستي تون جهپ نه آوي، نيٽنِ نند حرام

**لوني:**

آڏواٽي = لتيل، قريل،

قاضي = رليل

گربخشاٽي = ڦري، مُني، جلي، سڙي

شاهواٽي = ڦري، مُني

منگھاٽي = سڪٽي، نياڳي، پنھنجي مرضيءَ واري

هي ساڳيو لفظ متي سُر يمن ڪلياڻ جي داستان نمبر ۵ ۾ وائي "وسارج مَ وينڻ......." ۾ جمع واري صورت "لونيون" ۾ آيو هو. جتي آڏواڻي صاحب ان جي معنيٰ "بي حيا ناريون" ڏني هئي ۽ هتي "لتيل قريل" ڏنل آهي، يعني ساڳئي لفظ جي معنيٰ هڪ هنڌ "بي حيا ناريون" ڏيئي نديو ويو آهي ته ٻي هنڌ "قريل، لتيل" ڏيئي قابل رحم ۽ ستايل ڄاڻايو ويو آهي. اها ئي پڪي پختي زيادتي پڙهندڙن سان ان ڪري ئي منڍ ۾ عرض رکيو اٿم ته ڪنهن ڏڪئي لفظ جي معنيٰ نه ڏيڻ ان کان بهتر آهي ته ان جي غلط معنيٰ ڏني وڃي، جڏهن ته لفظ "لوئي" جي معنيٰ هُتي به ۽ هتي به، سڪٽي، نياڳي آهي (هيءَ گفتگو اڃا نامڪمل آهي). هن بيت جو ٻيو لفظ آهي:

**جهپ:**

آڏواڻي = ننڊ نه اچي

قاضي = جپ، آرام، ڪنڌي، ڪنارو

گربخشاڻي = ننڊ

شاهواڻي = ننڊ

منگھاٽي = اهڙي جاءِ جتي هوا ۽ ٿڌ جو گذر نه هجي. سيءَ ۾ بغير هوا جي ڪوساڻ ۽ گرمائش هجي ته ان کي "جهپ" ٿو چئجي (اڌ/ڪنڊ). "جهپ" جو تعلق گرميءَ سان آهي، ننڊ سان نه.

مثال: "سيج ستي تون جهپ نه آوي"

معنيٰ: بسترن ۾ هنڌن ۾ ستل آهيان پر گرمائش ناهي".

"ننڊ" جو ته ڏار ذڪر آهي، "نيٽين ننڊ حرام".

لفظ "جهپ" جملن ۾:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ايڏانهن سيءَ ۾ ڇا پيا ڪريو! هيڏانهن اچي جهپ ۾ وهو.

جملو = اوهان جو گهر تہ ڏاڍو گرم آهي، لڳي ٿو سرديءَ جي موسم ئي ناهي ۽ اسانجي گهر ۾ اچي ڏسو ڪا جهپ ڪانهي صفا پارو لڳو پيو آهي.

جملو = ڀلا ڇو نٿا سڀيئي در دريون بند ڪريو، پردا وغيره لڳايو تہ "جهپ" ٿيئي.

وائيءَ جي پهرين سٽ جي سمجهاڻي = اي لوڪو! منهنجو عشق عروج (چوٽ) تي رسيل آهي ۽ مان پنهنجي پرينءَ لاءِ سڪٽي، نياڳي آهيان.

ٻي سٽ = سيج تي سٿل آهيان پر تو کان سواءِ جهپ/گرمي/ ڪوساڻ ناهي ۽ نيڻن ۾ ننڊ حرام آهي. تو ڪانسواءِ ننڊ ئي نٿي اچي.

("سيج" معنيٰ هنڌ، بسترا، سوڙيون، اتي بہ گرمي ناهي.)

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۷، بيت ۳

جان عاشق مٿي رت، تان دعويٰ ڪري مَ نينهن جي،
سائو منهن سونهن گئي، سڪڻ اي‌ءَ شرط،
نڪي گوڏ گرت، مٿان سر سودا ڪري.

### گوڏ:

آڏواٽي = چيلهہ ۾

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = گود، ڪمر، چيلهہ

شاهواٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = لنگ، ڌوتي، پوتڙو

”نڪي گوڏ گرت“ ڌوتيءَ جي ور ۾/ڳنڍ ۾/ڳانڍي ۾ ناٹو ٻڌل ڪونهي.

لفظ ”گوڏ“ جملن ۾:

جملو = منهنجي گوڏ ميري ٿي ويئي آهي ڌوئي ته ڏيو.

جملو = مون پاڻ لاءِ نئين گوڏ آندي آهي.

جملو = سلوار/سٿڻ ڇو نٿو پائين؟ سدائين گوڏ ٻڌل اٿئي.

بيت جي سمجهاڻي = جيسين عاشق جي جسم ۾ رت آهي، تيسين محبت جي دعويٰ نہ ڪري. زرد چهرو ۽ سموري سونهن ختم ٿيل، اهو آهي سڪڻ يا عشق جو شرط. گوڏ واريءَ ڳنڍ ۾ ناٹو ٻڌل ڪونهيس ۽ وري هو ٻيئو پيو سر جو سودو ڪري.

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۷، وائي

سپيريان جي سونهن جي، ڳالهہ ڪين وڃي،
وڃي در دوستن جي، سوريءَ سر هڃي.

**هَڃي:**

آڏواٽي = فنا ٿيئي

قاضي = فنا ٿيا

گربخشاڻي = هٽجي

شاهواڻي = هٽجي

منگهاڻي = هٽجي

يعني محبوب جي در تي وڃي سر کي هٽجي. اها آهي لفظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هَجي“ جي لفظي معنيٰ. هي لفظ آهي ”هجي“ ۽ معنيٰ ڏنل آهي، ”هجيءَ“ جي ۽ هن سٽ سان جيڪا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جٽ/ويڌن ۾ زيادتي ڪئي آهي اها دنگ آهي. پر هينئر منهنجو موضوع اهو ناهي.

جملو = هُن جي منهن ۾ وجي ڪجهه هجي تہ هو صحيح فيصلو ڪري نہ تہ آسرو ڪونهي.

جملو = ڪيترو بہ هن لاءِ ڪجي ڀلي وجي ڪنهن هاجي ۾ هجي پر پوءِ بہ هن وٽ مڃتا ناهي.

جملو = اڏار وني اسين اڇي اوليا آهيون، وجي منهن ۾ هجيس تہ جند ڇڏي.

سٽ جي سمجهاڻي = پرينءَ جي در تي وجي سر کي هٽجي.

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٨، بيت ١

هـــر هـــرِ هـــرائـــي، وجـــڻ در دوســـتن جـــي،
پـــاڙي ڏانـــهـــن پـــريـــنءَ جـــي، اَڄ مَ اوائـــي!
الـــڙ ٿـــــي مَ آڄ تـــــون، واتـــــاڙان وائـــــي،
لائـيـنـدءِ لـطـيـف چـئـي، ســوران ســرهـائـي،
ڳـــجـــهـــو ڳـــالـــهـــائـي، پـرت وتـجـي پـاڻ ۾.

**اوائي:**

آڏواٽي = اي وسوڙا

قاضي = موڳي نادان

گربخشاڻي = موڳي نادان

شاهواڻي = موڳي نادان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = بيعقل ڇڙواڳ، بنا جهل پل جي آزاد بينوائي، هلڪي بي سمجهه، بي متي.

جملو = ايڏانهن ڪيڏانهن ٿي و ڃين اوائي؟

جملو = اسان تہ گهٽو ئي ٿا جهليونس پر اوائي آهي جيڏانهن تيڏانهن نڪريو وڃي.

مٿئين بيت جو ٻيو لفظ آهي:

**وٽجي:**

آڏواٽي = وندڀجي

قاضي = (معنيٰ ڏنل آهي)

گربخشاٽي = وندڀجي، وراهجي

شاهواٽي = وندڀجي

منگهاٽي = وٽي هڪ ڪجي، پَٽُ ڏيئي ڇڏجي، ملائجي، ملائي، (جيئن بہ ڏاڳا هڪ ٻي سان لائي وٽبا تہ هڪ ٿي ويندا ۽ سٽ جي معنيٰ آهي ڳجهو ڳالهائي پريت کي هڪ ٻي سان وٽي (ملائي) هڪ ڪجي).

لفظ ”وٽجي“ جملن ۾:

جملو = هي رسي ڪلندي ٻيٺي وجي ”وَٽُ“ ڏيئي ٻيهر ”وٽجي“ تہ چڱو.

جملو = رسي صفا ڇجي ويئي آهي ڦَڙا هجن تہ نئين وٽجي.

جملو = هي سڳو جنهن بہ وٽيو آهي، زبردست وٽيو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = هر هر، دم دم، گهڙي گهڙيءَ دوستن/ محبوبن جي در تي وڃڻ هلڪڙائي آهي. پرينءَ جي پاڙي ڏانهن، گهٽيءَ ڏانهن ايئن نہ وڃ! اي بيعقل ڇڙواڳ! ايئن ڪچيءَ جمار واري اڻ

آزمودگار ٿي هر ايندڙ ويندڙ واٽهڙو سان اندر جو حال نہ اور/ڪجھ نہ سل، پرين سورن ۽ عذابن ذريعي ئي توکي راحت ڏيندا. ڳجھہ منجھہ ڳالهائي، ڳجهي رهاڻ ڪري پاڻ ۾ پريت وتجڻ گهرجي (هڪ ڪرڻ گهرجي).

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٨، بيت ٦

چــڻن تــوءِ مَ چــڻ، پــاءِ امـــيـــري ان ســين،
جي هو اوڳڻ ڪنئي اسونهين!، تہ تون ڳٿائي ڳڻ،
پـانـد جـهـلـيـو پـڻ، هـن سـونـهـاري سڳَ ۾.

**اسونهين:**

آڏواٽي = اي نڌر، بنا سونهين جي

قاضي = بنا رهبر جي

گربخشاٽي = سونهي يا رهبر کانسواءِ، اڪيلي، نڌر

شاهواٽي = بي رهبر، اڪيلي

منگهاٽي = اي اڻ واقف!

جملو = هيءَ اسونهين آهي هن کي واٽ ڏيکاري ڇڏيو.

جملو = تون تہ سونهين آهين پوءِ هن اسونهينءَ سان گڏ ڇو نٿي وڃين!

جملو = آئون بہ تہ اسونهين آهيان هتي اڳ ڪڏهن بہ نہ آئي آهيان.

بيت جي سمجهاڻي = جي هو تو سان ناتو ڇني ڇڏين تہ بہ تون ان کي ڇنل تند وانگر ڳنڍ ڏيئي ڳنڍيندي اچ. جي هو تو ۾ اوڳڻ ڏسن تہ اي اڻواقف! تون ان کي ڳڻ ڪري وٺ. تون پلاند پائي هن سونهاري/سڳوري ناتي لاءِ وڃي وٺن پڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٨، بيت ٨

ڪـر! ڪـمـنـدن ڪـتـيـو، هـارايـو هـوڙن،
چـڪـيـو نـہ چـونـدن، هـو جـو سـاءُ صـبـر جـو.

**هوڙن:**

آڏواٽي = هوڏ ڪندڙ، ضد تي بيهندڙن

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = شرط پڄائيندڙ، ضدي، هوڏي

شاهواٽي = هوڏ وارن

منگهاٽي = هڪدم ڳالهائيندڙن، گهڻو اجايو ڳالهائيندڙن، اجائي بڪ ڪندڙڻ، بنا سوچ سمجهہ جي تڪڙ ڪري ڳالهائيندڙ، بي صبر ۽ اَتَڪو.

جملو = هيءُ تہ صفا ”هُڙُ“ آهي اجا ماٺهو مس ڳالهائي تنهن کان اڳ جواب ڏيئي ٿو ڇڏي. نہ سمجهي نہ ٻڌي.

جملو = اتي مان ڇا ڳالهايان ها! ”هُڙن“ ۾ وڃي اولجي پيس. هو پنهنجي ڳالهائڻ کان سواءِ پيو ٻڌن ئي ڪونہ.

جملو = فيصلي ۾ هُن کي موڪليو اٿوَ؟ هو تہ ”هُڙُ“ آهي ڳالهہ ئي خراب ڪري ايندو.

بيت جي سمجهاڻي = صبر ڪر! ڇو تہ صبر ڪرڻ وارن ئي کٽيو آهي ۽ بنا صبر جي تڪڙو ئي بڪ ڪرڻ وارن هارايو آهي. اجايو ڳالهائيندڙ ڪڏهن بہ صبر جو سواد چکي نہ سگهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ڪنڀات، داستان ١، بيت ٤

راتِ سهائي، پُون ۽ سنئين، پائي گهرجي پل،
آهر ۾ ايلاچيون، چندن چري هل،
مون توئي سين ڳالهڙيون، پئي ڪنهين مَ سل،
هاهر ڪندو هل، ته ڪجايون ڪرن ڪي.

**ڪجايون:**

آڏواٽي = پوسرايون

قاضي = جهوري، ڳارائو

گربخشاٽي = خار ڏيارڻ، چيڙائڻ

شاهواٽي = خار ڏياريون، چيڙايون

منگهاٽي = ڪمزور ڪريون، نبل ڪريون (ٻي جي ڪاميابيءَ تي حسد ڪرڻ وارن کي رنجائڻ، ڳٽيءَ ۾ وجهڻ، غم ۾ ڳارڻ).

جملو = هي ته هاٽي صفا ڪِجي ڪنڊا ٽيندو پيو وڃي. الائي ڇا اتس يڪو ڪِجندو پيو وڃي.

جملو = گهٽو ئي ڪارايانس تي مان ڇا ڪريان، مون ته ڪيس ڪونه ڪجايو آهي.

جملو = تون ٿلهو ۽ سٻر ڪڏهن به ڪونه هئين سدائين ايئن ڪجلڪو آهين.

بيت جي سمجهاڻي = رات روشن آهي ۽ پٽ سيڏو ۽ سنئون آهي، اي ڀائو! اسان کي پلائي تي گهرجي. ڪاڏي ۾ ايلاچيون ۽ چندن چري/ڪائي هل. منهنجون تو سان ئي ڳالهيون آهن، اهي ٻي ڪنهن سان به نه سلجئين. هونگار ڪندو هل ته حاسدن، رقيبن کي ڪمزور ڪريون/ڳاريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ڪنيات، داستان ٢، بيت ٣

ايــر چــنــڊ! پــس پــريــن، تــو اوڏا مـــون ڏور،
ســجــڻ ســتــا وِلــهـــ ۾، ڇــوتــا ڀــري ڪــپــور،
پــيـــريـــن آئــون نـــ پــڄــٽــي، پــاپــل ڏي نـــ پــور،
جنهن تي چڙهي اسور، سنجهي سجڻ سيتيان.

**وِلهه:**

آڏواٽي = ڪليل ٿڌي هوا

قاضي = ٿڌ

گربخشاٽي = آلاڻ، ٿڌ، ڪلي هوا، ماڪ

شاهواٽي = ڪلي هوا

منگهاٽي = ماڪ، پرهه ڦٽي ڪان اڳ رات مهل پسيل ٿڌ، آلاڻ ڀريو سيءُ (ولهه جو هوا سان تعلق ڪونهي. بلڪ ولهه ۾ تہ هوا ٿيئي ڪونہ. هوا هوندي تہ آلاڻ/پوسال سڪي ويندي، بنا هوا جي آلاڻ ڀري ٿڌ.)

جملو = رات ايڏي تہ ولهه پيئي هئي جو سڀ رليون، رانتا پسجي ويا.

جملو = وِلهه ۾ ستو هئين تنهن ڪري زڪام ٿي ويو اٿئي.

جملو = ڏوتل ڪپڙا شام جو ئي رسيءَ تان ڪٽي ڇڏجئين نہ تہ رات جو ولهه ۾ پسجي خراب ٿي ويندا.

بيت جي سمجهاڻي = اي چنڊ تون اير ۾ اٿي پرينءَ جو ديدار ڪر! هو مونکان پري آهن پر توکي اوڏا/ويجها آهن. محبوب وارن کي چندن مان ڇِڪ ڪري، واسي ماڪ ۾ ستا پيا آهن. مان پيرن سان پنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري وٺن پهچڻ جهڙي ناهيان ۽ بابل ڪو اٺ به نٿو ڏئيم جنهن تي چڙهي/سوار ٿي سويل ئي وڃي محبوب وٽ پهچان.

## سُر ڪنيات، داستان ٣، بيت ٦

ڪرهو نه ڪيڪان، پيرين آئون نه پڄٽي،
جو مون رات رساٽي، نيئي ساجن ساڻ،
مون نه وهيٽي پاڻ، ويني نيڻ نچوئيان.

**نچوئيان:**

آڏواٽي = نيٽن مان نير هاريان

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = نپوڙيان

شاهواٽي = پتوڙيان، رئان

منگهاٽي = اکين کي زور ڏيان، اکين کي نپوڙيان، نور وجايان.

جملو = سپيئي پرت مون پنهنجو نور نچوئي پريا آهن.

جملو = مان ته رڳو ٿي نيڻ نچوئيان. هن رليءَ سبڻ جو معاوضو به الائي ڇا ملندو.

جملو = پورهئي ۾ اسان ته پنهنجا گهٽو ئي نيڻ نچويا پر هڙ حاصل ڪجهه ڪين ٿيو.

بيت جي سمجهاڻي = نه اٺ اٺر نه گهوڙو جو مونکي هلي رات جو پرينءَ وٽ پهچائي. پيرن سان پنڌ ڪري مان پهچڻ جهڙي ناهيان، مان پنهنجي وس ۾ ناهيان. ويٺي اکين کي زور ڏيان/نپوڙيان ۽ نهاريان (يا نيٽن مان نير هاريان.)

## سُر ڪنيات، داستان ٢، بيت ٨

ڪسر ڇڏ ڪنوات، وکون وجهه وڏنديون،
سنئين سپرين جي، ونگي ڀانءِ مَرِ واٽ،
ڇڏ جهوري ڏي جهات، تہ هونديءَ رات هت مڙون.

**ڪنواٽ:**

آڏواٽي = اي جوان اٺ

قاضي = گوڙو، يا ننڍو اٺ

گربخشاٽي = ننڍو اٺ

شاهواٽي = ننڍو اٺ

منگهاٽي = ننڍو اٺ، جوانيءَ کان هڪڙي چاڙي گهٽ.

اٺ جا ڄاپڻ کان وٺي ٻڍاپڻ تائين هر ڏاڪي لاءِ ڌار ڌار نالا آهن. جيئن؛ "گوڙو"، "دوڪ"، "ڇٽ"، "ڪنوات"، "جوان اٺ" ۽ آخر ۾ نيش/نيشات" ٿيندو آهي، يعني پوڙهو وڏي عمر جو.

جملو = ايڏو بار نہ رکينس اجا ڪنوات آهي.

جملو = منهنجو هي ڪنوات بہ هاٿي بار لائق ٿيو ڪي ٿيو.

جملو = طاقتور ڪنوات آهي گوءِ جي ڪم جو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = سُستي ڇڏ اٺ! تڪڙيون وکون کڻندو هل. محبوب جي سنئين سهنجي راهہ کي ڏنگي ۽ ڏکي نہ سمجهہ. اجهامڻ کي ڇڏ، ست ڏيئي هل جيئن هن ئي هلندڙ/گذرندڙ رات جو ئي محبوب سان هلي ملون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ڪنيات، داستان ۲، بيت ۱٠

مـــيـــا! مـج مـنـت، اڄ مـنـهـنـجـي ڪـرهـا،
جـهـاڳـيـنـدي جـر پـتـيـون، مـتـان ڪرين ڪـٽ،
سـپـيـريـان جـي سـٽ، مـونـکـي نـيـئـي مـيـڙيـين.

**ڪـٽ:**

آڏواٽي = فڪر، ڳڻتي

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = شمار، ڳڻتي، ويچار

شاهواٽي = شمار ڳڻتيون

منگهاٽي = ڪٽ ڪرائڻ، منٿ ڪرائڻ، وري وري چوائڻ

گهڻو پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ ڪـڏهن جي اٺ ٿڪجي ويهي رهي ته پوءِ اوٺار/جت لاءِ ڏاڍي مصيبت ٿي پوندي آهي ڇو جو ٿڪل اٺ وهڻ ڪان پوءِ وڏي مشڪل سان وري اٿندو ۽ هلڻ لاءِ آماده ٿيندو آهي، سو تنهن مهل ڪيس هلڻ لاءِ، وري پنڌ ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪرڻيون پونديون آهن، ڏاڍا، ايلاز، منٿون، وينتيون ڪبيون آهن. ڪڏهن پيار مان ته ڪـڏهن خار مان ۽ ڪاوڙ مان، اوٺار بيحد تنگ/ ڪـڪ ٿي پوندو آهي. ڳِتڪارون، چپڪارون، ڪتڪا، ڳِپڪا، اواو، ها ها، هُرر هُرر، هُش هُش مطلب ته جت/اوٺار پيهر اٺ کي هلائڻ لاءِ بيزار ٿي پوندو آهي ۽ ايئن ٿڪل اٺ ڪٽ ڪرائيندو آهي. باقي فڪر ۽ ڳڻتيءَ جو اٺ سان ڪهڙو تعلق/واسطو! باقي شمار/حساب/ماپ وغيره واري معنيٰ ۾ جيڪر ڏکي جيان ڪجهه نهي پر هن بيت ۾ لفظ "ڪـٽ"، منٿ، ايلاز ۽ وينتي واري معنيٰ ۾ آيل آهي.

جملو = اڇي ماني ڪاءِ! ايڏي ڪٽ ڇو ٿو ڪرائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هاٿي هل ڪٽي، ڪهڙيون پيٽي ڪٽائون ڪرائين.

جملو = اسين تہ توکي ڪتي ڪتي ٽڪي پيا آهيون، شاديءَ ۾ هلڻ لاءِ ايڏي ڪٽ؟

بيت جي سمجهاڻي = اي اٺ! اج تون منهنجي منٿ مڃ. واهڙ ۽ ميدان جهاڳيندي مونکي متان تنگ ڪرين/ستائين. مونکي هلي پرينءَ جي ڪچهريءَ سان ملاءِ.

## سُر ڪنيات داستان ٢، بيت ٢٣

ڪائي نہ ڪٽڻهار، چندن مان چوپا ڪري،
اگر اوڏو نہ وڃي، سرڪند لهي نہ سار،
لاٿي جي لغار، ميو متارو ڪيو.

**چوپا:**

آذواٽي = ٿوڪارو ڪري

قاضي = رس چوپي ڇڏڻ، نونا ڪرڻ

گربخشاٽي = ٿوڪاري ڇڏڻ

شاهواٽي = ٿوڪاري ڇڏي

منگهاٽي = عيب ڪيڻ، اوٽايون ڪرڻ/خرابيءَ جو اظهار ڪرڻ/ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪرڻ، اوٽائيءَ جو اظهار زباني يا عمل ۽ انداز سان ڪرڻ (ٿوڪاري ڇڏڻ بيت جي سمجهاڻي ۾ ڏيئي ٿو سگهجي پر ڏکين لفظن جي معنائن ۾ نہ). لفظ ”چوپا/چوپو“ جي معنيٰ ”عيب“ آهي. ”چوپا ڪري“ معنيٰ عيب ڪيڊي.

سنڌي ٻولي دنيا جي انتهائي شاهوڪار ۽ عظيم ٻولي آهي ۽ هن جي هر حصي/علائقي جو نہ صرف لهجو ۽ اچار الڳ آهن پر لفظ ۽

چوٽيون بہ گھٽو مختلف ۽ ڏار آهن. انهن مان ڪنهن کي بہ غلط يا اڻ سڌريل چوڻ/سڏڻ نہ رڳو وڏي چريائي ۽ جهالت آهي پر اهو ٻوليءَ لاءِ بہ هاڃي جهڙو ڏڪ آهي. جيئن لاڙ جو ۽ اهو بہ جابلو علائقن جو پنهنجو لهجو، اچار، لفظ، چوٽيون، محاورا، پهاڪا، پروليون ۽ شاعري آهي ۽ اهي محض ان ڪري مشڪل ۽ ڏکيا تا لڳن جو اهي معروف ناهن. لسٻيلي ۽ ڪوهستان واري ٻوليءَ جو وري پنهنجو الڳ مزو، مزاج ۽ مناس آهي ۽ اهو سواد ۽ لذت انهن کي ايندو جيڪي ان کان واقف هوندا. اسان جي جبلن وارن ڪوٽن ۾ ڪيئي سُگهڙ ڪيئي شاعر هئا ۽ آهن پر ڪوبہ انهن کان واقف ڪونهي ڇو تہ انهن جا لفظ ڏکيا ۽ اچار مختلف آهن ۽ ٻيو تہ هو اخبارن رسالن ۾ ڇپائيءَ واري دنيا کان ڏور ۽ اڻ واقف آهن. منهنجو ڏاڏو محترم ڇتوخان بکڪ پڻ هڪ وڏو شاعر هو. ڪوهستاني لهجي جي نموني طور سندس هڪ بيت پيش آهي:

”سُڻ سسئي سمجهہ ڳالهہ، آهي پنڌ پري،
منزل متو ٿي ڪين ڪو، ويا ڪيچي ڦهر ڪري،
اميا پنڌ انن جا، هلن هوت هري،
تون اسونهين! اڄ نہ مرين، ڪڻ پاٽي پوڄ پري،
ڪوهيارو ڪري، نظر هن نماٽيءَ تي.“

هن بيت ۾ ڪي لفظ اسان جي پڙهيل لکيل ماڻهن جا تہ ٻڌل ئي ڪونہ هوندا پر اها ئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جي شاهدي آهي. موضوع هليو پي لفظ ”چوپا“ جو جنهنجي معنيٰ ”عيب“ آهي. هونئن لفظ ”چوپا“ رڳو عيب جي جاءِ تي بہ نٿو اچي، پر اهو عيب جيڪو عيب نہ هجي پر ڪو ان کي عيب چوي تہ اهڙيءَ مهل چئبو (خار مان).

جملو = بريانِي تہ سٺي رڌل آهي پر هن کي تہ آهن چوپا ڪڍڻا.

جملو = هي تہ عادت ڪري ويو آهي هر چيز مان چوپا ڪڍڻ جي.

جملو = اسان جيڪو چاٺون ٿا اهو ڪم حاضر آهي، هاڻي وينو چوپا ڪڍ.

باقي جي واقعي ڪنهن چيز ۾ خرابي يا عيب هوندو تہ ان لاءِ ڪونہ چئبو تہ، فلاڻي شيءِ ۾ هي چوپو آهي. لطيف سائين بہ ايئن ٿو فرمائي تہ: ”چندن مان چوپا ڪري“ جڏهن تہ چندن هڪ اعليٰ چيز آهي ۽ اٺ لاءِ تہ شايد آئيڊيل چارو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = هو ڪٺهار نٺو ڪائي ۽ چندن مان بہ پيو عيب ڪڍي، اگر ڪي اوڏو ئي نٺو وڃي ۽ سرڪنڊ ڪي بہ پڇي ئي نٿو. لاڙي جي چش اٺ کي مڃائي متارو ڪيو آهي.

## سُر ڪنيات داستان ٢، بيت ٢٦

لڪ لاڪيٽو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاهہ،
ايلاچيون آهر ۾، پوچ مَئي ڪي پاءِ،
ڪٿ نہ ڪندو ڪاءِ، جُہ پلاڻيو تہ پرين مڙين.

**ڪٿ:**

آڏواڻي = ڳٽڳوت

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = شمار، ڳڻتي، ويچار

شاهاڻي = شمار، ڳڻتيون

منگهاڻي = منٿ، ايلاز، وينتي

مٿي لفظ ”ڪٿ“جي تفصيلي سمجهاڻي ”جملن سان ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = لڪ لهندڙ اڻ ڪروڙ ڏيئي ٻـ ڳاهي وڃ. چاري ۾ اٿ ڪي ايلاچيون جام ڏي. پوءِ هو هلڻ لاءِ ڪاٻہ منٿ نہ ڪرائيندو. بس جيئن ئي ڪيس پلاڻبو، وڃي پرينءَ وٽ پهچندو/پرينءَ سان ملائيندو.

## سُر سريراڳ داستان ۱، بيت ۸

لـڙ لـهـرون لـس لـيـٽ، جـتـي انـت نـہ آب جـو،
الله اٿ مَ اولـئـين، ٻـيـڙا مـتـي ٻـيـٽ،
جـوکـو تـيـئي مَ جـهـاز کـي، قـرهـي اچـي مَ قـيـٽ،
لـڳـي ڪـا مَ لـپـيـٽ، هـن غـاريـبـي، غـوراب کـي.

**اولئين:**

آذواڻي = ڏڪين

قاضي = لوڙهين، ٿيلهين

گربخشاڻي = ڏڪين

شاهاڻي = اڇلائين، ڇڏي ڏين

منگهاڻي = ڦاسائين

لفظ ”اولئين“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي. بيت جو ٻيو لفظ آهي:

**غوراب:**

آذواڻي = جهاز

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي = جهاز، هڪڙي قسم جو وڏو ٻيڙو

شاهواڻي = جهاز

منگهاڻي = سواري - جهاز ٻه ته اٺ ٻه (ننيڊو اٺ)

بيت جي سمجهاڻي = جتي ميريون لڙانيون لهرون، اڇ ۽ اٿل، جتي پاڻيءَ جو ڪو انت ڪونهي، اي الله! تتي ٻيتن تي چاڙهي ٻيڙا متان ڦاسائين. شل جهاز کي ڪو ڇيهو نه رسي ۽ ٻيڙي کي ڪا ڇپيٽ (ڌڪ) نه اچي. شل هن غريباڻي سواريءَ کي ڪا ضرب نه پهچي.

## سُر سريراڳ داستان ٢، بيت ٨

آڇــارا عــمــيــق جــا، ٻُــڌيــا غــواصــن،
جــهــريــون جــهــاڳــي آئــيــا، ڪــارونــيــار ڪــنن،
ســمــنــڊ ســوجــهــي جــن، آڻــي امــل اولــيــا.

**اوليا:**

آڏواڻي = ٻاهر ڪڍيا

قاضي = ڏڪجي ويا، ٿيلهجي

گربخشاڻي = ڏڪڻ، هلائڻ، خفي ٿيڻ، ڦاسڻ

شاهواڻي = اڇلايا

منگهاڻي = ڦاسايا

لفظ ”اوليا“ تي مٿي ٻه گهڻو ڪجهه لکيو اٿم پر تڏهن ٻه اچا ٻه ان تي وڏيڪ بلڪ بيحد وڏيڪ لکڻ جي گنجائش آهي، ڇو جو ڏسي ٿو سگهجي ته لفظ ”اوليا“ سان ڪيڏي ويڏن ٿيل آهي.

سُر ڪلياڻ جي داستان ١، بيت ٢ ۾ آهي:

”اوءِ فـائـق ۾ فـرمـان، اوتـڙ ڪـنـهـن نـہ اولـيـا“

اتي معنيٰ ذنل آهي، ”ڳهلجي ويا“ ۽ هتي وري ”ٻاهر ڪيڍيا“ يعني بلڪل متضاد معنيٰ: ”ڳهلجي ويا“ يا ٻاهر ڪيڍيا“؟

يعني مرضي آهي انهن جي جيڪا بہ معنيٰ ڏين ۽ اسين انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا بنجي اهو ئي سمجهون جيڪو هو سمجهائين تا ۽ جي ”اوليا“ کي ”ڳهلجي ويا“ چون تہ بہ اسين ڪنڌ جهڪائي ”جيءُ“ چئون ۽ جي وري ساڳي ئي لفظ ”اوليا“ جي معنيٰ ”ٻاهر ڪيڍيا“ چون تہ بہ اسين سر نوائي (نمائي) جيءُ چئون! نہ سائين! اجا الله جا لک احسان آهن جو اهو لفظ ”اوليا“ نہ صرف جيئرو آهي پر جوان ۽ توانا پڻ آهي ۽ مان تہ بهرحال هن لفظ ”اوليا“ کي نڪو ”ڳهلجي ويا“ تي مجان نہ ئي ”ٻاهر ڪيڍيا“ تي تسليم ڪريان. ڇو جو اهو لفظ مان پاڻ بہ ڳالهايان ٿي ۽ سمجهان ٿي تہ ان لفظ جي معنيٰ آهي ”ڦاسايا“ جيڪا ٻنهي جاين تي ٺهي ۽ ٺهڪي ٿي.

”اوءِ فـائـق ۾ فـرمـان، اوتـڙ ڪـنـهـن نـہ اولـيـا“

يعني اهي وڏي مرتبي وارا جي هميشہ ڌڻيءَ جي حڪم ۾ رهندڙ آهن تن کي ڪڌهن بہ خراب تڙ نہ ڦاسايو. يا اهي ڪڏهن بہ ابتي تڙ نہ ڦاسايا.

مٿي بيت جي سٽ آهي:

سـمـنـڊ سـوجـهـي جـن، آٽـي امـل اولـيـا.

يعني انهن سمنڊ ڦولهي موتي ڦاسائي آندا. يا انهن سمنڊ ڇاٽي ۽ جاچي اٽمل موتي ڦاسايا. جيئن مڇي ڦاسائبي آهي تيئن انهن موتي ڦاسائي آندا.

جملو = انهن سان سڱ ڪري اسان اڃي اوليا آهيون.

جملو = ان ڏنڌي ۾ هٿ وجهي هاٽي هو بہ اوليا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = پرائي لوڌ مان سنڌي اڇي اوليا آهن.

بيت جي سمجهاڻي = توہن کي اونهي ساگر جون لهرون سامهون آيون، هو ڪارن ڪنن جا خوفائتا گهيڙ بہ پار اڪري ويا. هنن سمنڊ ڦولهي املهہ ماڻڪ ڦاسائي آندا.

## سُر سريراڳ داستان ٣، بيت ٦

وينو تن ٽنينس، مَڪِ ڏهاڻي مڪڙي،
سنباهي سيد چئي، متي نينديءَ نينس،
وتائي وڏاندرا، لاڇو لڳائينس،
آخر اهڙائينس، تہ جوکو تيئي نہ جهاز کي.

**اهرائينس:**

آڏواڻي = هاڪارينس

قاضي = هاڪارينس، تيلهينس

گربخشاڻي = ڌڪڻ، تيلهائڻ، اوهرڻ = پري وڃڻ، اسرڻ نڪري وڃڻ" ڪسڪي وڃڻ، روانو ٿيڻ.

شاهواڻي = پاڻيءَ ۾ ڌڪينس، هلائينس

منگهاڻي = هيٺ لاهينس، اوهرڻ جي معنيٰ آهي مٿي کان هيٺ ٿيڻ ڪنهن بہ شيءِ جو. ان تي وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ اڳيان هلي ٿيندي لفظ "اوهري" بہ لفظ "اوليا" وانگيان نهايت اهم آهي ۽ هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا آيل آهي. مٿئين بيت جو ٻيو لفظ آهي:

**مڪ:**

آڏواڻي = تيل جو هٿ هڻينس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي = تيل لڳڻ، تيل جو مک

گربخشاٽي = تيل جو مک ڏينس، تيل يا چربيءَ جو مک ڏيندا آهن

شاهواٽي = تيل لڳاءِ

منگهاٽي = تيل، چربي يا ڪابہ سٽيي چيز لڳائينس.

”مکِ“ جي معنيٰ هرويرو تيل لڳائڻ ناهي، ”مک ڏينس“ اهو جملو ئي صحيح ناهي. ”مک!“ معنيٰ ”مکينس“ پوءِ اهو مک ڪنهن بہ شي جو ٿي سگهي ٿو.

جملو = سياري ۾ چمڙي ڪيڏي خشڪ ٿي ٿيئي، جيسين ڪا ڪريم ۽ لوشن مکجي تيسين پيئي چڪجي.

جملو = ماني صفا اٽيي آهي. ٿورو گهہ تہ مکينس

جملو = هيءَ ڪريم سٺي آهي منهن کي مکِ

بيت جي سمجهاڻي = يڪو ويهي سوراخ/ٿُنگ بند ڪرينس ۽ روز سٽيي لڳائينس ۽ پوءِ سانپائيءَ سان سمنڊ تي ڪاهي وڃينس ۽ هيٺ (سمنڊ ۾) لاهي ڇڏينس تہ جهاز کي ڪو نقصان نہ رسي.

## سُر سريراڳ، داستان ٣، بيت ٧

اڃي سو ڏنوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪنن سين،
ستي لوڪ لطيف چئي، ياد نہ ذرو ڪيوءِ،
غافل ٿي غوراب کي، اوڙاهہ تي آندوءِ،
سو چتر چوهي ڪان رکين، جو پيو پراڻو پوءِ،
جهاز ضعيفن جو، پاڻيءَ ۾ پرتوءِ،
سيد سات سندوءِ، پربندر پهچائيين.

**ڇتَرُ:**

آڏواڻي = ڇيتيون تيل جهاز

قاضي = ڇوڏو، پراڻي ٻيڙي

گربخشاڻي = ڇيتيون ڇيتيون تيل جهاز، پراڻو جهاز

شاهواڻي = پراڻو جهاز

منگهاڻي = تڏو، پرچ

**ڇوهي:**

آڏواڻي = ڇوھ وهڪرو

قاضي = سخت طوفان، وهڪري

گربخشاڻي = سخت طوفان، درياه جو لڙ، وه جي تک

شاهواڻي = طوفان

منگهاڻي = تيز هواجو اوچتو آيل جهوتو/جهونڪو يا تيزي

درياھ يا سمنڊ ۾ جهاز لاءِ ڇُهو/ڇوهو نهايت خطرناڪ ثابت ٿيندو آهي ۽ ان جو علاج اهو ئي آهي ته ڪنهن به طريقي سان ان کي جهاز ۾ گهڙڻ کان روڪجي پر تنهن هوندي به جيئن ته جهاز پاڻيءَ ۾ ئي هوندو آهي (۽ واءُ جهاز جا پاسا سيڪيندو آهي) لحاذا اهو وڏو ۽ يقيني خطرو هوندو آهي (ته جهاز جو خير ڪونهي) پر پوءِ به احتياطي اپاءَ ته ضرور وٺبا تنهن ڪري لطيف سائين فرمائي ٿو ته، ”سو ڇتر ڇوهي کان رکين جو پيو پراڻو پوءِ“ يعني ڪو تڏو/پرچ يا ڪابه اهڙي پيل شيءِ ڇوهي جي اڳيان آڏ ڏيو ته اهو ڇوهو جهاز ۾ داخل نه ٿيئي. شاھ سائين جيئن ته رڳو شاعر نه، پر هو ته اسانجو رهبر/رهنما/اڳ ڪثيون ڪند ڙ/سنڀاليندڙ/متيون ڏيندڙ به آهي، تنهن اسان کي هر طرف کان سلامتيءَ وارو رستو ڏسيو آهي ۽ اسان کي سڌي واٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاري آهي ۽ هر خطري کان اسان کي آگاهه ڪيو آهي (ملاح: تنهنجي مڪڙيءَ اڃي چور چڙهيا!) جيئن ته جهاز ۾ ڇوهو داخل ٿيڻ يقينن هاڃيڪار آهي پر جي اهو تيز هوا جو ڇوهو سُڪي تي اڏيل گهرن ۾ گهڙي پوي ته به جيڪر وڏا نقصان ڪري سو جڏهن تيز هوا جو اوچتو جهولو لڳندو آهي ته جهنگن ۾ رهيل جهوپڙين ۽ پونگن جا ڏٽي پنهنجن گهرن ۾ ان کي داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ ان پاسي کان ڇتر/ تڏا/پرچ ۽ ڇنايون وغيره ڏيئي آڏا ڪند آهن ۽ ڇوهي کي هر ممڪن طريقي سان گهرن ۾ گهڙڻ کان روڪيندا آهن. اتفاق سان يا غير احتياط جي ڪري جي اهڙو تيز ڇوهو گهرن ۾ داخل ٿي وڃي ۽ ٻي پاسي کان ڪيس نڪرڻ لاءِ راهه نه ملي ته هو گهرن کي اڏائي ڪٽي ويندو آهي. جهوپڙيون ۽ پونگا ته ڇا پر اهڙيءَ صورتحال ۾ پڪن گهرن جون ڇتيون به ڏاري وجهندو آهي. هونئن ”ڇوهه“ تيزيءَ لاءِ ئي مخصوص آهي.

لفظ ”ڇتر“ جملن ۾:

جملو = ماڻهو اچڻ وارا آهن، جلدي ڪريو ڇتر وڇائي ڇڏيو.

جملو = منهنجو ڇتر سڄو کُسي ويو آهي، ڇترن وارو اچي ته وٺان.

جملو = پنهنجا سپيئي ڇتر ڍڪيل اٿس ۽ منهنجا ڇتر پيرن جي لتوڙ ۾ آهن.

لفظ ”ڇهو/ڇوهو“ جملن ۾

جملو = مائي! واءُ وڏو ٿو ڏسجي گهر کي ڇوڦير بند ڪريو متان ڇوهو گهڙي پوي.

جملو = اوطاق گهر کان پري هئي سو اسان ڳهتر ئي ڪانه ڪئي ته ڪو ان جي هڪ پاسي کان دري کليل آهي سو اوطاق ۾ ڇوهو داخل ٿي ويو ۽ وري ٻي پاسي کان نڪرڻ لاءِ به ڪا واٽ نه مليس ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساريون ڇت واريون چادرون اکوڙي نڪري ويو.

بيت جي سمجهاڻي = اکين سان اچي اهو ڀوائتو ڪنارو ڏٺو آهي جنهن جا احوال ڪنن سان ٻڌا هيئي. غفلت ڪري تو خطري کي ذرو ياد نہ ڪيو، هينئن ساڻ نہ هنڌايو ۽ بيخبر ٻنجي هن سواريءَ (جهاز) کي اوڙاهہ ۾ آڻي وڌئي. هاڻي جهاز کي بچائڻ لاءِ سڀ احتياطي تدبيرون ڪر! هنئين، مسڪينن جو جهاز اونهي ۾ پرتو اٿئي، (حفاظت ڪجئين) اي سردار! تون پنهنجي سموري ساٿ کي شل پور بندر پهچائين.

## سُر سريراڳ، داستان ٣، بيت ٩

دنگي منجهہ درياهہ، ڪين ٻڏي ڪين اپڙي،
هو جي واڍي واڍيا، سي سونهڻ سڀ سڙيا،
معلم ماڳ نہ اڳئين، فرنگي منجهہ ڦريا،
ملاح! تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڍينگ ڍريا، تتي تاري تنهنجي.

**ڍِينگَ:**

آڏواڻي = جنگ جهاز

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = ڪابہ ڏکهي وڏي قداور شيءِ، هتي وڏا پربت جهاز "ڍينگ" هڪ قسم جي پکيءَ کي بہ چوندا آهن

شاهواڻي = وڏا پربت جيڏا جهاز

منگهاڻي = هر اها شيءِ جيڪا پنهنجي "ذات" ۾ ڏکهي، وڏي، ڏکهي ماپ ۽ تور ۾ هجي ان کي "ڍينگ" ٿو چيو وڃي.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

جيئن تہ لفظ ”ڊينگ“ جي معنيٰ ڏنل آهي تہ معنيٰ ڏيڻ گهربي هئي ”وڏا وڏا يا جنگ“ پر جهاز جو نالو ڏيڻ صحيح ڪونهي ۽ لفظ جهاز ڏنگين ۾ ڏيڻ ڪپندو هو چو تہ ”ڊينگ“ جي معنيٰ ”جنگ جهاز“ ڏيڻ سان انهن علائقن جي ماڻهن ۾ جن ڪڏهن بہ لفظ ”ڊينگ“ ٻڌو ۽ ورتو نہ هوندو غلط تاثر پيدا ٿيندو ۽ هو اهو ئي سمجهندا تہ ”ڊينگ“ وڏن جهازن کي ٿو چئجي. جڏهن تہ ”ڊينگ“ ان ”جونءَ“ کي بہ چئبو آهي جيڪا ٻين ”جونئن“ کان سائز ۾ وڏي ۽ ٿلهي هوندي آهي. هاڻي اميد تہ لفظ ”ڊينگ“ سمجهہ ۾ اچي ويو هوندو.

جملو = تو سڀ ننڍا ننڍا ۽ هلڪا هلڪا سامان ڪنيا هئا، سپيئي ڊينگ مون ڪنيا هئا.

جملو = مون نڊيو ڪپٽ چيو هو تون هيڏو ”ڊينگ“ وٺي آيو آهين.

جملو = صفائي جو نٽي ڪرين، ڏس مٽي ۾ ڪيڏا ”ڊينگ“ پئجي ويا اٿئي.

بيت جي سمجهاڻي = وچ درياہ ۾ ٻيڙي، ڪجهہ ٻڏي ٿي تہ ڪجهہ تري/ايري ٿي، هو جي چپڙيون ۽ ڪيل واڍي مڙهيا/جڙيا هئا اهي سڀ سڙي ويا آهن. باخبر وڏا ملاح پنهنجي اڳيئن جاءِ تي نہ آهن. دريائي چور (فرنگي، انگريز) ان ۾ ڪاهي پيا آهن. اي ناکئا! تنهنجي ٻيڙيءَ ۾ اچي چور چڙهيا آهن. اي ڏٺي! جتي وڏا جنگ جهاز بہ ڊري/ٻڏي ويا، تتي تنهنجو ئي آسرو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سريراڳ، داستان ٣، بيت ١٠

بيڙياتا بيئي، تو نہ ٻڌيون ڳالهڙيون،
سڄيون راتيون سمهين، پَرُ سڪاڻ ڏيئي،
صباح سيئي، پار پڇندءِ خبرون.

**پَرُ:**

آڏواٽي = پاسي ۾، پر ۾

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

ڳربخشاٽي = ٽيڪ ڏيئي

شاهواٽي = پاسو، ٽيڪ

منگهاٽي = ٽيڪ، سهارو

جملو = سڄو ڏينهن ديوار کي پر ڏيو وينو آهين، اٺي سنئون ٿي! ٻاهر نڪر!

جملو = ڪرسي هٽاءِ تہ سڀئي سامان ڪري پيا. شايد ڪرسيءَ جي پر تي رکيل هئا.

بيت جي سمجهاڻي = اي ملاح! توکي ٻئي ڳالهيون (سمهڻ ۽ ٻيڙي هلائڻ) هٿ نہ ايندڀون. تون سڪاڻ کي ٽيڪ ڏيو ساريون راتيون ٻي سڌ پيو آهين. سڀاڻي توکان سڀئي هُن پار جون خبرون پڇندا.

## سُر سريراڳ داستان ۳ بيت ۱۳

ناکيو نگهبان، معلم منجي خبرون،
جن ساري ڪنيو سمونڊ تي، سفر جو سامان،
لطف ساڻ لطيف چئي، تن لنگهيو طوفان،
سنياري سبحان، وجي عادنئون اڪتا.

**اڪتاءَ**

آڏواٽي = نڪتا

قاضي = پار پيا، اڪريا

گربخشاٽي = نڪتا، پهتا

شاهاٽي = نڪتا، پهتا

منگهاٽي = اڪريا، چڙهي پار پيا

جملو = همراهه اڃي ڊوري تان اڪتو آهي.

جملو = اسين جبل تان چڙهي اڪتاسين تہ اڃا هو پي چڙهيا.

جملو = بيمار تہ گهٽو هو پر هاٽي اڃي اڪتو آهي.

لفظ واحد ”اڪتو“، جمع ”اڪتا“ - معنيٰ آهي ”هيٺ کان مٿي چڙهڻ“ ۽ چڙهي پار پوڻ. جيئن لفظ ”اوهرڻ“ مٿان کان هيٺ لهڻ آهي.

بيت جي سمجهاڻي = نظر رکندڙ ناکئو، ٻيڙيءَ جي معلم (ڪپتان) کي خبر سٽائيندو تو اچي. جن سفر لاءِ سنيالي پورو سامان کنيو، سي ڏٿيءَ جي ٻاجهہ سان طوفان بہ اڪري ويا، هو سائينءَ کي سنياري وڃي چڙهي پار پيا ۽ عدن پهتا.

## سُر سريراڳ، داستان ۵، بيت ۴

تـاريءَ وانءُ تـراز ڪـيءَ؟ مـنجـهـان مـوج مـلاح!
دانـهـون ڪـن درياه جـون، اونـهي جـا آگـاهـ،
سـونـهـين جـي صـلاح، وٺ تـہ ويـر لـنگـهـي وڃـي.

**سونهين:**

آڏواٽي = رهبرن

قاضي = رهبر

گربخشاٽي = رهبر

شاهواٽي = رهبرن

منگهاٽي = واقفڪارن، باخبرن

”سونهين“ جو رهبر/اڳواڻ هئڻ ضروري ناهي، واٽن جو، رستن جو، پاٽيءَ جو، رڻن جو ڪوبہ ”سونهون“/واقفڪار ٿي سگهي ٿو پر اهو هرو ڀرو رهبر ڪونهي.

جملو = سونهين ڪانسواءِ نہ وڃجانءِ! پاڻ سان ڪو سونهون وٺي وڃجانءِ.

جملو = مان پاڻ واٽن جو سونهون آهيان بي ڪنهن سونهين جي ضرورت ڪانهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي ناڪئا! لهرن منجهان ٻيڙي تاري وڃ! اونهي سمنڊ جا ڄاڻو انجي خطرن جون دانهون ٻيا ڪن. واقفڪارن/ باخبرن کان صلاح وٺ تہ وير مان اڪري/گذري پار پوين.

### سُر سريراڳ، داستان ٦، بيت ۵

نڪو سڪ نڪيتين، نہ ويساند نئين،
جيڪا اچي سامهين، پانئين سا سنئين،
موڙي ڪوہ مئين، جيئن سچيون راتيون سمهين.

**نئين:**

آڏواڻي = نهرن کي

قاضي = ننڍي ندي، نهر

گربخشاڻي = ندي (ننڍي)

شاهاڻي = ندي

منگهاڻي= قدرتي پاڻيءَ جو وهڪرو جيڪو جبلن ۾ ٿئي، ننڍڙي ندي (ندين)

آڏواڻي صاحب "نهرن کي" معنيٰ ڏني آهي - نهر قدرتي وهڪري کي ڪونہ چئبو آهي بلڪہ هٿراڏو ڪوٺيل وهڪري کي چئبو آهي.

**مئين:**

آڏواڻي = ڳڻين، ڪٿين

قاضي = ماپين، تورين، ڳڻين

گربخشاڻي = ماپ ڪرڻ، تورڻ، ڳڻڻ

شاهواڻي = ماپين، تورين

مُنگهاڻي = ماپين، تورين، وزن ڪرين

"مَئڻ" جو تعلق "ماپ، تور" سان آهي. جڏهن تہ آڏواڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب چيو آهي ”ڳٽين، ڪٽين“؛ مٺڻ جو واسطو ڳٽڻ ۽ ڪٽڻ سان ناهي.

جملو = ڪيڙو مَيو اٿئي تہ ڪيترو آهي؟

جملو = تنهنجو مٺڻ ڪوتو آهي سدائين گهٽ تو تيل مٺين.

”موڙي مٺڻ“ معنيٰ پيسا وزن ڪرڻ، ماپڻ جيئن تہ اڳ پيسا ڪاغذ جا نہ پر ”ڌات“ (چاندي، ٽامو، پتل وغيره) جا هوند اهئا ۽ اهي ڳٽبا نہ پر اهي ”لوٽن“ وغيره سان وزن ڪبا هئا.

بيت جي سمجهاڻي = نڪو تارن ڪي سک آهي نہ ئي ندين ڪي ڪو آرام ۽ ويساهي آهي. جيڪي تو منهن سامهون مليئي تنهن ڪي ئي سهنجي ڪيو سمجهين. موڙي ڪيئن تو ماپين/تورين ۽ حساب ڪرين؟ جو تون سچيون راتيون ستو پيو آهين.

## سُر سريراڳ، داستان ٦، بيت ٨

سمند جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانڪوتا ۽ ستيون.

**چلر:**

آڏواٽي = چاريون، هلڪڙيون پيڙيون

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = (اهو بيت ئي ناهي)

شاهاڻي = (اهو بيت ئي ناهي)

منگهاڻي = مڇيءَ جي مٽان چلر (ڪل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**چوئين:**

آڏواٽي = ٻُولين

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = (اهو بيت ناهي)

شاهواڻي = (اهو بيت ئي ناهي)

منگهاڻي = چوسين، چٽين، چوهين

جيڪي سمنڊ جي اونهاين ۾ ننڍا وڏا وڏا ۽ بس ملي سلي مڇيءَ جا چلر پيا چٽين ۽ چوسين تہ انهن کي ڪهڙا ماڻڪ موتي ملندا؟ اهي تہ ڪنارن تان سانڪوٽا ۽ سپيون ميڙيندا ۽ چوندپيندا.

”چلر“ ۽ ”چوئين“ جملن ۾:

جملو = مڇي تہ گهٽي آهي پوءِ چو رڳو چلر پيو چوئين.

جملو = چلر سوادي آهن ان لاءِ پيو چوئيان.

بيت جي سمجهاڻي = جن سمنڊ ۾ پوڄا ڪئي/خدمت ڪئي. انهن ئي ماڻڪ ماڻيا ۽ هٿ ڪيا. جن چلر چونڊا ۽ چٽيا انهن رڳو سنڪ، سپيون، ڪوڙا ڪوڏا ۽ ردي گونديون حاصل ڪيا.

## سُر سامونڊي، داستان ١، بيت ١

پگهہ پاسي گهار، آيل سامونڊين جي،

وڃهي جيءَ جنجار، جم وڃنئي اوهري.

**اوهري:**

آڏواٽي = هاڪاري

قاضي = (اوهرڻ، ٻيڙين جو روانو ٿيڻ) اسري، نڪري.

گربخشاٽي = اسري، ڪسڪي

شاهواٽي = ٻيڙيون ڏڪي يا ڇوڙي

منگهاٽي = هيٺ لهي (پاڻيءَ ۾)

لفظ ”اوهري“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آ هي.

بيت جي سمجهاڻي = اي امان! تون ساموندين جي پڳه (لنگر ٻڌڻ جي (رسي) جي پير ۾ وڃي گهار. متان تنهنجو جيءُ جنجال ۾ وجهي هو پنهنجون ٻيڙيون سمنڊ ۾ هيٺ لاهي هليا وڃن.

## سُر ساموندي، داستان ١، بيت ۴

لنگرئون نيٽين، من اوليءَ نہ اوهري،
سباجهين سيٽين، پائي ڳڻ ڳهيو هينئون.

**اوهري:**

آڏواٽي = ٽيلهجي، ڏڪجي

قاضي = اسري، نڪري

گربخشاٽي = اسري ڪسڪي، مونکي وٽجاري جي ڪسڪي وڃڻ جو اهڙو خطرو آهي جو منهنجو من لنگر ڪان اور تي، اولي سان بہ ڏڪجي نٿو سگهجي.

شاهواٽي = منهنجو من اولي (ٻيڙي هلائڻ جي ڳن) سان بہ لنگرن ڪان اورتي نٿو ڏڪجي يا ڀري ٽيئي.

منگهاٽي = هيٺ لهي.

لفظ ”اوهريءَ“ جي صحيح معنيٰ ڪنهن بہ قابل محقق ڪي جيئن تہ نٿي اچي سو اوهان ؑسي تا سگهو تہ ڪيڏا حيلا آهن پوءِ بہ معنيٰ صحيح نٿي بيهي. جڏهن تہ مان مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏيئي

آئي آهيان تہ ”اوهرڻ“ معنيٰ ”مٿان ڪان هيٺ لهڻ“ ۽ مٿي بيت ۾ آهي ”من اوليءَ نہ اوهري“ يعني منهنجو من اوليءَ ڪان يعني ٻيڙيءَ جي ٻِگن ڪان بہ هيٺ نٿو لهي.“

منڊ ۾ عرض ڪيو هوم تہ لفظ ”اوهريءَ“ تي اڳتي روشني وجهندس سو جيئن تہ هتي هڪ ٻئي پويان ٻن بيتن ۾ لفظ ”اوهري“ آيل آهي. تنهنڪري مناسب ڄاتم تہ هتي ڪجهہ تفصيل عرض رکان.

هڪ ئي لفظ ”اوهريءَ“ جي معنيٰ ۾ واضح فرق هنن ٻن بيتن ۾ ئي ڏسڻ لاءِ ڪافي آهي. مٿئين بيت جي سٽ آهي:

”وجـــهــي جـيءَ جـنـجــار، جـم وجـنـئـي اوهـري“

هن ۾ لفظ ”اوهري“ جي معنيٰ ڏنل آهي ”هاڪاري“ ۽ ٻئي بيت ۾ آيل ساڳئي لفظ ”اوهري“ جي معنيٰ ”تيلهجي، ڌڪجي“ ڏنل آهي. هاڻي اوهان پاڻ ئي ”هاڪارڻ“ ۽ ”تيلهجڻ“ وارو فرق سمجهي سگهو ٿا. صاف ظاهر آهي تہ لفظ ”اوهريءَ“ ڪان قابل محقق واقف ناهن. شايد نہ پر يقيناً اهو لفظ سندن ٻڌل ئي ڪونهي، متضاد معنيٰ ڏيڻ جي اها ئي وجہ آهي، جڏهن تہ لفظ ”اوهري“ جي معنيٰ آهي: ”مٿان ڪان هيٺ، آهستي ڍرڻ/ٽيڻ، هرڪي هرڪي هيٺ وڃڻ/ٽيڻ.“ ٻيڙي بہ جڏهن پاڻيءَ مٿان هلي ويندي آهي تہ ڪناري تي بيٺلن کي ايئن نظر ايندو آهي تہ ٻيڙي هيٺ لهندي پيئي وڃي تانجو نظرن ڪان گم ٿي غائب ٿي ويندي آهي ۽ ان مهل جي ڪو اچي ٻيڙيءَ جي روانگيءَ جو پڇندو آهي تہ چئبو:

جملو = تون هينئر آيو آهين! ٻيڙي تہ اوهري ويئي.

اٿ بار نہ رکيو ۽ جي هڪ پاسي بار گهٽو لڏجي/رکجي ويو تہ اهو پاسو هيٺ جهڪندو/جهڪاءُ ڪندو تہ اهڙيءَ مهل پَرَيَرو/ٿورو پري بيٺل رڙ ڪري چوندا (ڇو جو اهو آهستي آهستي هيٺ ڍرڻ وارو عمل اتي بيٺل محسوس ڪري نہ سگهندا آهن)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = اڙي بابا! ڌيان ڏيو، هن پاسي بار اوهري پيو.

متئين بيت جي سٽ آهي:

”ننگرئون نيٽين، من اوليءَ نہ اوهري“

يعني: منهنجو من اوليءَ/ٻيڙيءَ جي ڳن تان بہ هيٺ نٿو لهي.

”اوهرڻ“(لهڻ)، ”اوهار“ (هيٺائين)، ”اهرائينس“ (لاهينس)، ”اوهري“ (لهي)، ”اُهارو“ (هيٺ لٿو/ٿيو).

جملو = مون گهٽائي سڌ ڪياس پر هو جبل تان اهارو ٿي ويو.

جملو = جتان پاٽيءَ جي اهار آهي اتان ئي ٻنڌ ٻڌو.

متئين بيت جو ٻيو لفظ آهي:

**ڳهيو:**

آڏواٽي = سوگهو

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = پڪڙڻ، قابو ڪرڻ

شاهواٽي = قابو ڪيو

منگهاٽي = ڳوري ڇڏڻ (نڙيءَ کان هيٺ لاهڻ)

جملو = هيچ چو تا ڪريو! ڪاڏو تہ گهٽو ئي آهي پلي پيا ڳهيو.

جملو = اسان هڪ عجب لقاءُ ڏٺو. هوراڙ (بلا) کي هڪ واسينگ نانگ سڄو ڳهي ويو.

جملو = مانيءَ کي ڇيين بہ ٿي يا ايئن ئي ڳهيو ٿي وڃين.

بيت جي سمجهاڻي = منهنجو من لنگر جي پر کان، ٻيڙيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳن ڪان بہ نٿو لهي. (پرين جي تہ ڳالهہ ئي ڌار آهي پر منهنجو من ٻيڙيءَ تان بہ نٿو لهي). سڀاجهي سپرينءَ منهنجو من (دل) پنهنجي ڳڻن سان ڳهي/ڳوري ڇڏيو.

## سُر سامونڊي، داستان ١، بيت ١٢

ڳـــريـو جـــهـلـيـــو روءِ، مـــٿـي مـــهـــري هـٿـــڙا،
ڪـــوءِ ســـودو سـنـدوءِ، جـي تـو ڍولـيـــا سـڪـيـــو.

**ڳريو:**

آڏواٽي = ڪلو، ٻيڙيءَ جي ڳن ٻڌڻ لاءِ

قاضي = ٻيڙيءَ جي ٻڳه جو رسو

گربخشاٽي = ٻيڙيءَ جي مهري جي ٻنهي پاسن کان ڪاٺ جا تلها ڪپن وارا ڪلا ٺيندا آهن، جن ۾ ٻيڙيءَ جو ڳن رسيءَ سان ٻڌبو آهي. انهن ڪلن کي "ڳريا" يا "ڪنيا" ڪري چوندا آهن. "ڳن ڳريو ڪرڻ" هڪ ميربحرن جو اصطلاح آهي. جنهنجي معنيٰ آهي سنيت ڪرڻ.

شاهواٽي = اولي کي رسين سان ٻڌڻ لاءِ ڪلو

منگهاٽي = پير جو ڳڙي کان مٿي ۾ ٻيڏ (جنهن کي سيني قابل محققن ڪرائيءَ جو هڏو چيو آهي) کان هيٺ واري حصي کي "ڳريو" چيو ويندو آهي.

بيت پڙهڻ سان ئي ساري صورتحال واضح نموني سان پيئي سامهون اچي تہ وڻجاري پنهنجي محبوب مڙس کي پرديس وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪيڏا تي جتن ڪري/حيلا هلائي ۽ ڪيڏا تي وس ڪري کيس روڪڻ/جهلڻ لاءِ. ڪڏهن پيرن تي ڪِري يا هيٺ پيرن کي جهلي روئي پيئي روڪيس (ڳريو جهليو روءِ....) تہ وري ڪڏهن ٻيڙيءَ سان

چنبڙي ٿي پوي (مٺي مهري هٿڙا.....) مطلب تہ پنهنجي پياري پرينءَ کي هر ممڪن طريقي سان جهلڻ لاءِ پيئي ڪوششون ڪري ۽ ڳالهائي (ڪوءِ سودو سندوءِ، جو تو ڏوليا سکيو) يعني زباني شڪايتون، حجتون، ڏک، ڏوراپا، روئڻ، مطلب تہ هوءَ پنهنجي ڪانڌ کي جهلڻ ۽ روڪڻ لاءِ هر حربو پيئي آزمائي ۽ ڪيس نہ وڃڻ لاءِ پيئي ڪوشش ڪري ۽ ڪابہ ڳالهہ هٿان ۽ وسان نٿي وڃائي (جيڪا بعد ۾ سندس لاءِ پڇتاءُ بنجي پوي).

لطيف سائينءَ جا احساس ۽ سندس حساسيت جيئن تہ تمام اُچي هئي سو اهڙين جذباني گهڙين کي هو ڪٿي ٿو نظرانداز ڪري سگهي. هو سائين تہ اهڙين ساعتن کي سنڀالي ۽ سنواري چاڙهي سو انهن لفظن جي منظر ڪشي ايڏي ئي معصوميت ۽ عظيم انداز سان ڪئي اٿس. هاڻي جي اسين لفظ ”ڳريو“ جي معنيٰ قابل محققن جي ڏنل ”پيڙيءَ جي ڳن پڌڻ وارو ڪلو“ کي صحيح ٿا سمجهون ۽ ”ڳريو“ جي اها معنيٰ جنهن ۾ اج بہ ڳالهايو/سمجهيو وڃي ٿو ان کي نظرانداز ڪري بحث هيٺ نٿا آڻيون تہ اچو ڏسو تہ بيت جي معنيٰ ڪيڏي عجيب ٿي بنجي پوي، يعني وڻجاري جي زال پيڙيءَ کي پڌڻ واري ڪلي کي جهلي پيئي روئي ۽ پيڙيءَ کي بہ هٿن سان پيئي جهلي باقي پنهنجي پياري ڀتار کي جهلڻ لاءِ ڪيس هٿ بہ نٿي لائي، بلڪ ڪا ڪوشش ئي نٿي ڪري- پر جڏهن اسين ”ڳريو“ کي پير جو ڳُڙي ڪان مٿي وارو حصو ٿا سمجهون تہ ظاهر ظهور وڻجاري جي زال پنهنجي محبوب مڙس کي پيرن کان جهليو روئندي پاڪاريندي پيئي نظر ايندي. بلڪل اصل تصوير نظر اڳيان اچي ويندي. اهوئي لطيف سائين جو ڪمال آهي جو سندس بيتن کي جڏهن صحيح سمجهبو/پڙهبو آهي تہ ايئن لڳندو آهي ڄڻ اهي شعر نہ پر کي عظيم پينٽنگس آهن جيڪي اکين سان پيا ڏسون. لفظ ”ڳريو“ ختم ٿيل يا متروڪ لفظ ڪونهي، اڄ بہ ڳالهايو ٿو وڃي منهنجي ڏنل معنيٰ ۾ ۽ وري ساڳيئي منهنجي ڳالهہ موجب تہ

رڳو ٿوري تڪليف وني انهن علائقن ۾ وڃڻو پوندو جتي اهو لفظ (ڳريو) اڄ به زنده جاويد آهي. لفظ ”ڳريو“ جملن ۾:

جملو = مرد جڏهن نماز پڙهي ته شلوار ”ڳرئي“ کان ٿورو مٿي هجي.

جملو = سڄي پير ۾ سور ڪونه اٿم بس ڳريو ٿو سور ڪري.

جملو = پير ته نيڪ طرح سان ڌوءُ! هي ڏس ڳرئي تي مٽي لڳل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = وڻجاري جي زال ٻيڙيءَ جي مهڙ وٽ پهچي پنهنجي محبوب مڙس جي پيرن تي ڪري سندس پيرن کي جهليو پيئي روئي ۽ هنجون هاري ۽ ڪيس پيئي چوي، ”اي منهنجا جاني تنهنجو اهو واپار ۽ سودو ئي وڃي ڪڏ ۾ پوي جيڪو تون سکيو آهين.

## سُر سامونڊي، داستان ۱، بيت ۲۲

چمڪيون چوڏار، ڏڇون ڏاڙيچن جون،
ماءُ سامونڊي آئيا. سهسين ڪري سينگار،
انين جي پچار. ڪالونهوڪر ڪانگ ڪري.

### ڏڇون:

لفظ ”ڏڇُون“ جمع ۽ ”ڏڇُ“ واحد مٿي بيت ۾ جهنڊيون ۽ بيرقون جي معنيٰ ۾ آيل آهي. ۽ لاشڪ ته اهو صحيح هوندو/آهي. پر هتي ٿورو عرض ڪجي ۽ پڙهندڙ کي اها معلومات ڏجي ته ضلعي لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڪٿي ڪٿي ”ڏڇ“ وارن کي به چيو ويندو آهي.

جملو = هيڏيون ڏڇون تي ويون اٿئي. ڪتراءِ صحيح ڪراءِ!

جملو = هن جي مٿي واري ڏڇ سهڻي آهي ۽ ڪيس نهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي لفظ ”ڏڇون“ تڪراري معنيٰ ۾ آيل ناهي، نه ئي مان مٿين معنيٰ سان اختلاف تي رڪان. پر هتي لفظ ”ڏڄ/ڏڇيون“ جي هڪ ٻي ۽ مختلف معنيٰ جي معلومات ڏيڻ مقصد آهي.

## سُر سامونڊي، داستان ٢، بيت ٧

ســڙهــه تــي ســبــيــائــون، بــنــدر جــن تــڙن تــي،
مــلان مــعــلــم خــبــرون، پــڇــي پــوريــائــون
ســتــڙ ســونــيــائــون، اوتــڙ ڪــنــهــن نــه اولــيــا.

**سونيائون:**

آڏواڻي = لڏائون

قاضي = ڳولي لڏائون

گربخشاڻي = ڳولڻ، لهڻ

شاهواڻي = ڳولي لڏائون

منگهاڻي = سجاتائون

لفظ ”سونيائون“ مٿي سر يمن ڪلياڻ داستان ٥ جي بيت ١٥ ۾ آيل آهي جتي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي. ٻيو آهي لفظ:

**اوليا:**

آڏواڻي = توائي نه ٿيا

قاضي = ڏڪجي ويا، ٿيلهجي ويا

گربخشاڻي = ڏڪڻ، ملائڻ، تڙ ڪان توائي نه ٿيا، پريشان ٿيڻ، خفي ٿيڻ، ڦاسڻ

شاهواڻي = لوڏيا، تنگ ڪيا، پوئتي ڇڏي ڏنا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنگهاٽي = ڦاسايا

لفظ ”اوليا“ تي گهڻو ڪجهہ چوڻ جي باوجود بہ اجا گهڻو ڪجهہ چئي ٿو سگهجي ڇو جو ان لاءِ جواز آڏواڻي صاحب پاڻ پيدا ڪيو آهي، ساڳئي لفظ جي معنيٰ مختلف هنڌن تي مختلف ڏيئي ڪيڏا مونجهارا پيدا ڪيا آهن. هونئن بہ جي ڪنهن لفظ جي معنيٰ نٿي اچي، يا جيڪو لفظ ٻڌل نہ هوندو آهي تہ ان جي معنيٰ ظاهر آهي نہ غلط ٿي ڏيئي سگهجي ۽ هاجو تڏهن ٿو ٿيئي جڏهن اهو لفظ (سمجهہ ۾ بہ ايندڙ) بار بار اچي بلڪل ايئن ڪي ڪوهستاني لفظ شاهہ سائينءَ ورتا آهن جن جي معنيٰ ٻيا ڪي لهجا ڳالهائيندڙن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي، جن جون غلط معنائون ڏيڻ سان بيتن جي معنائن ۾ تبديليءَ جو وڏو خطرو آهي. انهن اڻ ٻڌل لفظن ۾ ”اوليا“ ”اوهرڻ“ ۽ ”ڏوڏا“ اهڙا لفظ آهن جيڪي مختلف سُرن ۾ آيل آهن ۽ نهايت افسوس مان چوڻو ٿو پوي تہ ڪنهن بہ قابل محقق انهن جي صحيح معنيٰ نہ ڏني آهي ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ بہ ڪي صاحب پنهنجو دامن بچائڻ ۾ ڪي قدر ڪامياب ويا آهن. محض ان ڪري تہ انهن هر هنڌ تي انهن لفظن جي معنيٰ ڏيڻ جي هرويرو ڪوشش نہ ڪئي آهي، بلڪ معنيٰ ڏيڻ کان اجتناب ڪيو آهي/احتياط ڪيو آهي. جيئن قابل احترام علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب ۽ قابل عزت گربخشاڻي صاحب جن آهن. انهن صاحبن انهن ڏکين لفظن جي صرف هڪ هنڌ ئي معنيٰ ڏيئي اها ڪوشش ڪئي آهي تہ ماٿهو هر هنڌ تي آيل ان لفظ جي معنيٰ، ڏنل معنيٰ سان پيٽي سمجهي ويندا ۽ محترم گربخشاڻي صاحب تہ نهايت تفصيلن ۽ حوالن سان انهن جون معنائون ڏنيون آهن ۽ ايئن ڪندي ان پنهنجي خيال موجب پنهنجي جند ڇڏائي آهي. هر هنڌ تي ساڳئي لفظ جي مختلف معنيٰ نہ ڏيڻ جي صورت ۾ واقعي بہ انهن تي گرفت مضبوط نٿي ٿيئي پر هو بچي پوءِ بہ نہ سگهيا آهن. ڇو جو اها هڪ جاءِ تي ڏنل معنيٰ بہ صحيح ناهي جڏهن تہ محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب معنائن ۾ ايئن ڪيو آهي جڻ مٿين جي

راڄ ۾ پاڻ ئي هڪڙو جيئرو آهي جنهن کان بازپرس ڪرڻ وارو ۽ پڇاڳاڇا ڪرڻ وارو ڪوئي ڪونهي ۽ شاهواڻي صاحب بہ تقريباً ايئن ئي ڪيو آهي حالانڪہ جڏهن هن صاحب سچو ڪم گربخشاڻي صاحب جي ڪم کي اڳيان رکي ڪيو آهي تہ ان ڏس ۾ بہ ڪيس ايئن ئي ڪرڻ ڪپندو هو، بلڪہ وڏيڪ ڏيان ڏيڻ ڪپندو هو. متئين بيت جي سٽ آهي:

”ستڙ سونياڻون، اوتڙ ڪنهن نہ اوليا“

معنيٰ: انهن سنو تڙ سڃاتو ۽ انهن کي ڪنهن بہ خراب تڙ نہ ڦاسايو.

آڏواڻي صاحب جي ڏنل معنيٰ ”توائي نہ تيا“ ڀلا هتي ڪيئن هرويرو نهڪائجي؟

بيت جي سمجهاڻي = بندر جي تڙن تي سڙهہ سبي راس ڪيائون، معلم (بحري ڄاڻو) کان سڌسماء وٺي جهاز هاڪاريائون. نيٺ سٺائو تڙ سڃاتائون ۽ کين ڪنهن بہ خراب تڙ نہ ڦاسايو. (ڇو جو هو باخبر ۽ ارادي جا پڪا هئا)

## سُر سامونڊي، داستان ٣، بيت ٦

ڪاري ڪيڙائو، مٿي مٽي موتيا،
سودو ڪن نہ سون جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا تن جا طاماعو،
سامونڊي سائو، لنڪا لوڙي آئيا.

**سائو:**

آڏواڻي = ڌنوان

قاضي = نيڪ، سکر، سورهيہ

گربخشاڻي = سچا

شاهواڻي = سچا

منگهاڻي = سهڻ وارا، برداشت ڪرڻ وارا، صابر، بهادر

لفظ "سائو" جي سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ٣ جي بيت ١٦ ۾ تفصيل سان ۽ جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي جتي لفظ "سائو" جي معنيٰ آڏواڻي صاحب "ماهر، فن ۾ ڪامل" ڏني هئي ۽ هتي "ڏنوان" ڏنل آهي. مٿئين بيت جو ٻيو لفظ آهي:

**لوڀي:**

آڏواڻي = لٽي

قاضي = لٽي، ڦري

گربخشاڻي = لٽڻ، ڦرڻ

شاهواڻي = ڦري، لٽي

منگهاڻي = ڳهي، ڳوري، هضم ڪري (ختم ڪري) لڪائي.

اها آهي لفظ "لوڀي" جي لفظي معنيٰ باقي معنوي معنيٰ "لٽي، ڦري" ٻه ٽي سگهي ٿي جيڪا ڏکين لفظن جي معنائن ۾ هرگز ڏيڻ نه کپي.

جملو = پهريائين ڳالهه ٻيءَ پٽ (ٻي نموني) ٻي ڪيائين ۽ هاڻي تنهنجي اڳيان سچي ڳالهه لوڀي ويئي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ڪارو (سمنڊ) جهاڳيندڙ وري مٺي پاڻيءَ (سنڌو نديءَ) رستي موٽي آيا. وڏا سوداگر سون جو سودو نٽا ڪن پر اهي مهراڻ جي موتين جا طلب گار/خواهشمند آهن. سمنڊ جا صابر، بهادر لنڪا (سري لنڪا) سڄو ڳوري/ڳهي ڪٽي آيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سهڻي داستان ٢، بيت ٦

دڙهڙ ڏُنس درياهه ۾، جت لهرين ڪن لوڙا،
سڱين اچي سمونڊ ۾، تيا سيٽايا سوڙا،
جي تارو هئا توڙا، تن هريو پانيو هيڪڙو.

**درهڙ/دڙ:**

(اهڙي ٻي ست: چنڊ نالو ناهه ڪو، درياه دڙ لائي)

آڏواڻي = گوڙ گهمسان

قاضي = ڏڏڪو، ڌمچو

گربخشاڻي = ڏڏڪو، ڌمچر

شاهواڻي = ڌمچر

منگهاڻي = ڪاوڙ، جٽ (تکو آواز)

جملو = آهي ڇا؟ صبح کان يڪي دڙ لايو وينو آهين.

جملو = اُها خبر پئجي نہ سگهي تہ جهيڙو ڇا جو هو پر هُن يڪو پي ڪيس دڙيو.

جملو = هن جي ڏرهڙ کان هر ڪو ٿو ڊڄي.

**ڏنس:**

آڏواڻي = هل هلاچو، ڪولاهل

قاضي = زور، زبردستي، تيزي

گربخشاڻي = ڏماڏم

شاهواڻي = ڏڏڪو، ڏماڏم

مُنگهاڻي = زوري، رعب، ڏبدبو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مونتي ڪهڙي پيُو ڏنس ڇمائين! اها ڏنس وڃي پين ڪي ڏيکار!

جملو = تون سمجهين ٿو ته هر ڪم ڏنس سان ڪري ويندين! پر ايئن ناهي.

**لوڙا:**

آڏواٽي = وڏ آواز

قاضي = هل، گوڙ

گربخشاٽي = دڙڪا، آواز

شاهواٽي = آواز

منگهاٽي = ور، وڪڙ" چڪر، ڦيريون

جملو = وهي ٿي نٿو. هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي پيو، لوڙا پيو ڏي.

بيت جي سمجهاڻي = جتي درياهه جون ڪاوڙون، رعب ۽ دهشت آهي. جتي لهرون ڦيريون ۽ چڪر ٿيون ڏين، جتي سوين سيٽاهه وارا اچي حيران، پريشان ۽ تنگ (سوڙها) ٿيو پون تتي انکي (درياهه ڪي) جيڪي اصل تارو (اصل ڪان) هئا تن انهيءَ کي هڪ ٽپ سمجهيو.

## سُر سهڻي، داستان ٣، بيت ٧

تـوڏي تـوڙائـين، نـيـنـهـن نـواز سـهـڻـي،
ڳـچـيءَ هـار حـبـيـب جـو، لائـق لـڏائـين،
سـو تـڙ سـونـٺـائـين، جـيـڏانـهـن عـالـم آسـرو.

**سونٺائين:**

آڏواٽي = ڳولي هٿ ڪيائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي = ٻڪولي لڏائون

گربخشاڻي = ٻڪولڻ، لهڻ

شاهواڻي = ٻڪولي لڏائون

منگهاڻي = سڄاتائين، واقف ٿي

لفظ ”سونٽائين/ سونٽائون“ تي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = سهڻي اصل کان نينهن جي نوازيل هئي، نيٺ محبوب جو ناهوڪو هار (ميلاپ جو هار) هٿ ڪيائين ۽ اهو تڙ سڃاتائين جتي ساري جهان جو آسرو آهي.

## سُر سهڻي، داستان ٣، بيت ١٠

صبر شاڪرن، آهي اوطاقن ۾،
جي واصل ٿيا وصال ۾، سي ذرو ظاهر نه ڪن،
ويٺ واهر نرن، هينئڙا جن هڃي ويا.

**هڃي:**

آڏواڻي = محو يا فنا ٿيا

قاضي = فنا ٿي ويا

شاهواڻي = نابود يا فنا ٿيا

منگهاڻي = لٽجي ويا، ڏکوئجي ويا

جملو = هڃي وياس! منهنجو پٽ هليو ويو

جملو = بيمار ياءُ جي حالت ڏسي منهنجو هنيون ٿو هڃي.

لفظ ”هڃي“ هڪ صفا مختلف ۽ ٻيءَ معنيٰ ۾ به اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين بيت ۾ تہ "لتجي ۽ ڦرجي ويا" جي معنيٰ ۾ آيل آهي. "هينئڙا جن هڄي ويا" معنيٰ جن جون دليون لتجي ۽ ڦرجي ڏڪوئجي ويون. پر ڪوهستاني لهجي ۾ ٻي معنيٰ اها آهي تہ، جي ڪا بہ شيءِ خوبصورت ۽ سهڻي هوندي تہ ان لاءِ چئبو: "ادي هوءَ ڇوڪري ڏٺي اٿئي ڪيڏي سهڻي آهي صفا هڄي ويئي آهي." (آهي نہ حيرت جهڙي معنيٰ!)

بيت جي سمجهاڻي = شڪر وارن جي آستانن ۾ صبر ئي صبر آهي، جي پرينءَ سان ملي منجهس محو ٿي ويا آهن، سي تر جيترو بہ ظاهر نٿا ٿين. جن جون دليون محبت ۾ لتجي ۽ ڦرجي ويون آهن.(هنيل ۽ ڏڪويل آهن) بنا ڪنهن مدد ۽ ترهي جي ترڻ تا وڃن.

## سُر سهڻي، داستان ۳، بيت ۱۴

مــحــبــتــي مــيــهــار جــون، دل انــدر دونــهــيــون
آٽــيـــو وجـــهـــي آر ۾، لـــهـــاٽـــو لـــوهـــيـــون
جي ســاهڙ جـون ســونـهـيـون، ســيـر ســراڙو تـن ڪي.

**سونهيون:**

آڏواٽي = جاڻ سڃاڻ واريون

قاضي = رهبر

گربخشاٽي = رهبر

شاهواٽي = رهبر

منگهاٽي= واقفڪار

لفظ "سونهيون" جي آڏواٽي صاحب واري معنيٰ هتي ڪجهہ صحيح آهي نہ تہ هي لفظ هر هنڌ تي ساڳي معنيٰ ۾ آيل آهي پر ان جي

معنيٰ ڪٿي ”رهبر“ تہ ڪٿي ”نڌر“ ۽ ”اڪيلي“ ڏني ويئي آهي. نہ رڳو آڏواڻي صاحب پر سيني قابل محققن لفظ ”سونهين“ جي معنيٰ ”رهبر“ ئي ڏني آهي. لفظ ”سونهون/سونهين“ مٿي جملن مان سمجهايل آهي.

**سراڙو:**

آڏواڻي = روهي، لسو پٽ

قاضي = تکي ڊوڙ

گربخشاڻي = پٿر، روهي، سر

شاهواڻي = پٿر (جهڙو سخت پيچرو) ٻرانگهہ، لک

منگهاڻي = تيز ڊوڙ، اک ڇنڀ ۾ گذرڻ

جملو = اها ڪير هئي مان تہ ڏسي بہ نہ سگهيس، سراڙو ڪري گذري ويئي.

جملو = ڏسو! ڏسو! الائي ڪهڙي بلا هئي هتان سراڙو ڪري ويئي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = منهنجي دل ۾ محبوب ميهار جي نينهن جا مچ پيا ٻرن. هي جلائو (جلائيندڙ عشق) جليلين (عشق جي آگ ۾ سڙيل ۽ جليل عاشقياڻين) کي اچي ڇوهہ ڀري تار پاڻيءَ ۾ ٿو هڻي. جيڪي ساهڙ جون واقفڪار آهن (جن جي ساهڙ سان سڃاڻپ آهي) تن لاءِ وچ سير بہ سولي تکي ڊوڙ مثل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سهڻي، داستان ۵، بيت ۴

آڪيون منهن ميهار ڏي، رڪيون جن جوڙي،
رِيءَ سنڌ سيد چئي، تارگهڙن توڙي،
تنين کي ٻوڙي، سائر سگهي ڪين ڪي.

**سنڌ:**

آڏواٽي = سيٽاهه

قاضي = اوزار، وسيلو، سيٽاهه

گربخشاڻي = ساندارو

شاهواڻي = ترڻ وارو ساندارو

منگهاڻي = ٽانءُ

معنوي معنيٰ ۾ سيٽاهه/ساندارو ٿي سگهي ٿو پر لفظي معنيٰ ٽانءُ آهي (هڪ ٽانءُ آهي گهڙو).

جملو = اٿي مائي! سچو ڪم پيو اٿئي، هي راتوڪا اڌوتا سنڌ به اجا رکيا آهن، اهي ته پهرين ڌوءَ.

جملو = پاڻي ته ٻري اچو! سيبيئي پاٽيءَ وارا سنڌ به خالي پيا آهن.

جملو = پنهنجا سنڌ ڪٽي اچو ته چانور وجهي ڏيون.

بيت جي سمجهاڻي = جن پنهنجون اکيون ميهار ۾ کوڙيون، سي بنا ٽانءَ (گهڙي/سيٽاهه) ڦوهه درياهه ۾ گهڙن ته به ساگر تن کي ٻوڙي نه ٿو سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سهڻي داستان ٥، بيت ٨

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذرو جاڳ نہ هوءِ،
اوهير اڇيو، اديون! پہُ پريان جو پوءِ،
جي ڪڇو چونر ڪوءِ، تہ مَرڪ پانيان مهٽو.

**جهپ:**

آڏواٽي = ننڊ، آرام

قاضي = آرام ڪندي، ڪنارو، جپ

گربخشاٽي = ننڊ

شاهواٽي = ننڊ

منگهاٽي = گرمائش/ڪوساڻ بنا هوا ۽ سيءَ جي ڪوساڻ، گرم بسترن ۾ ڪوساڻ ۾.

لفظ "جهپ" جي متي جملن سان سمجهاٽي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاٽي = جنهن مهل ماڻهو پنهنجن گرم بسترن ۾ آهن ۽ ڪين ذري بہ بي آرامي ۽ جاڳ نہ آهي. تنهن مهل اي سرتيون! مونکي اچيو پرينءَ جو خيال ستائي، جي مونکي ڪٽي ڪي طعنا ۽ مهٽا هڻن تہ ان کي پنهنجي لاءِ مان (فخر) ٿي سمجهان.

## سُر سهڻي، داستان ٦، بيت ٥

الست ارواحن ڪي، جڏهن جاڳايو جليل،
سنئين راهہ، سيد چئي، سونائون سبيل،
وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين ڪي قليل،
درياه جي دليل، لکين لهوارا ڪيا.

**سونائون:**

آڏواٽي = ڳوليان

قاضي = ڳولي لڌائون

گربخشاڻي = ڳولڻ، لهڻ

شاهواڻي = سونو ڪنيائون، واعدو ڪيائون

منگهاڻي = سڃاڻائون

لفظ "سونائون" کي سڀني قابل محققن، "ڳولڻ ۽ لهڻ" واري معنيٰ ڏني آهي. ڳوليائون ۽ سڃاڻائون ۾ جيڪو فرق آهي اهو جي ڪو محسوس ڪري سگهي. مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ازل جي ڏينهن جڏهن سگهاري ڏڻيءَ روحن کي سڃاڻپ ڪيو تڏهن هنن سنئين راهه يعني خدا جي راهه سڃاتي. پوءِ هيڪڙائيءَ جي واديءَ (ماتري) ۾ ڪروڙن مان ڪي ٿورا وڃي رهيا. درياهه جي دليل لکن کي ٻوڙي ڇڏيو.

### سُر سهڻي، داستان ٦، بيت ٧

ڪاري رات ڪچو گهڙو، اُٿيه اونداهي،
چنڊ نالي ناهه ڪو، درياهه دڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سهڻي، آڏي تي آئي،
اي ڪم الاهي، نات ڪن ۾ ڪير گهڙي؟

**دڙ:**

آڏواٽي = گوڙ، گهمسان

قاضي = ڏمچر، گوڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي = درهڙ" ڏڏڪو، ڏمڇر

شاهواڻي = ڏڏڪو، ڏمڇر

منگهاڻي = تيز آواز، ڪاوڙ، جهٽ، دڙڪا

جملو = گهٽو ئي دڙيو اٿئي هاٿي ڪٿي ڇڏينس.

جملو = ايڏو نہ دڙينس، باغي ٿي ويندو.

بيت جي سمجهاڻي = اٺتيهين تاريخ جي اونداهي رات آهي ۽ سهٽيءَ کي ڪچو دلو ساڻ آهي، چنڊ جو نالو نشان ئي ڪونهي ۽ درياهہ ڪاوڙيل ۽ جوش ۾ آهي. هوءَ ساهڙ لاءِ آڌيءَ رات جو درياهہ تي آئي آهي. اهو ڪم ڏٺيءَ جي امر موجب هو نہ تہ جيڪر ههڙيءَ صورتحال ۾ ڪنهن ۾ هيئن ڪير ڪاهي پوي؟

## سُر سهڻي داستان ٧، بيت ٥

جـــتـي پـيـــر پـــرن، پُـــريـون پـون پـــوارئـون،
تـانـگـهـــہ نـــہ لـڌي تـارئـين، مـــپ نـــہ مـــاتـيــئـڙن،
ڪـنـڌيءَ ايـا ڪـيـتــرا، ســيــٺــاهـا سـنـڪـن،
تـون ڪـيـئـن تـن تـڙن، اچـيـــو اســاري گـهـــڙيـن.

**اساري:**

آڌواڻي = وسوڙي، موڳي!

قاضي = بنا سار جي، غافل

شاهواڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = غائب دماغ، بي ڌيان

"اسارو/اساري ان ماڻهوءَ کي چئبو آهي، جنهن جو ذهن ستل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي.

جملو = يڪي اساري وينئي آهين اٽي سنئين ٽي!

جملو = ان اساري کي چڏي ڏيو، ايئن ئي وينو هوندو، نڪو وقت جو پتو نڪا خبر.

جملو = اهو اسارو آهي ان جو انتظار نہ ڪر! الائي اچي نہ اچي.

بيت جي سمجهاڻي = جتي گرداب (ڪن) پيا ڦرن ۽ پوائتيون پڪون پيون ڪرن، جتي تارن، تري جي سُڌ نہ لڌي ۽ ماتيءَ تي ترندڙن کي گهرائيءَ جي ڄاڻ نہ پيئي. جتي ڪنڌيءَ تي سيٽاهہ وارا بہ بينيو ڪنبيو وڃن، اهڙي هنڌ تي او بي سونتي! غائب دماغ! تون ڪيئن اچيو ٿي گهڙين!

## سُر سهڻي، داستان ٨، بيت ٦

ڪچو تان ڪوهہ؟ پڪو نظر پرينءُ جو،
ساهڙ منهنجو سپرين، ڏمر ڏنيئي ڏوهہ،
جي ڇتو جي ڇوهہ، تہ پورينديس پارمٽي.

**ڇنو:**

آڏواٽي = سخت طوفان

قاضي = هوا

گربخشاٽي = سخت طوفان

شاهواٽي= سخت طوفان

منگهاٽي = پاٽيءَ جو هڪڙو ڦڙو، بوند، ايترو ٿورو پاڻي جنهنجو ڪپڙي يا زمين تي رڳو نشان ٿيئي، وهي نہ نڪري (پاٽيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾).

”جي ڇِـتـو جي ڇـوهـہ، تـہ پـوريـنديـس پارمـٽي،“

معنيٰ = جي صفا ٿورو بلڪل هڪ ڦڙي يا بوند جيترو پاڻي هجي يا بيحد تيزي وارو مست پاڻي هجي پر مان تڏهن بہ هر حال ۾ صورت ۾ هن پار (ميهار ڏانهن) ويندس.

جملو = اڄ ۾ بوڙ جو ڇِتو پيو آهي يڪي پيئي ڪامين!

جملو = هي ڪپڙن تي ڇا جا ڇِتا آهن؟

جملو = مٿان ڪان پاڻي هاريو اٿئي! منهنجا ڪپڙا ئي سڄا ڇِتن سان پرجي ويا.

مٿئين بيت جو ٻيو لفظ آهي ”ڇوهہ“ جنهن جي معنيٰ آهي تيزي/مستي، تيز هوا يا تيز پاڻيءَ جو وهڪرو.

بيت جي معنيٰ = جي دلو ڪچو آهي تہ ڇا ٿيو؟ محبوب جي نظر پختي آهي. ساهڙ منهنجو جاني آهي، ڏم ڪي ڏسڻ ئي گناهہ آهي. جي درياهہ ۾ پاڻيءَ جي هڪ بوند هجي (صفا اٿهوند هجي) يا جي تيزي، تِک، مستي هجي تہ بہ مان تہ پرينءَ جي ڪنڌيءَ ڏانهن ويندس. (جي ڇِتو جي ڇوهہ.... اڻ هوند هجي يا تيزي).

## سُر سهڻي، داستان ٨، بيت ١١

تـن ڪـي ڪـدي تـار مـــان، صـلـح ســاهـڙ جـــو،
ات آڏو اڇـي ڪـين، ڪـي ٻـيـلـپـــو ٻـي جـــو،
مـيـهـر! ڪج منهنجو، ڪـو اوڪر ڪـنـهن آر مـان.

**اوڪر:**

آڏواٽي = ڇوٽڪارو

قاضي = اڪلاءُ، نيڪال، لانگهو

گربخشاٽي = نيڪال، موڪ، اوڪرڻ، پار پهچائڻ

شاهواٽي = نيڪال، لنگهائڻ

منگهاٽي= سڏجي ورندي، سڏ جو جواب، بنا لفظن واري آواز سان.

"اُوڪَرَ" سَڏَ جي ان ورنديءَ کي چئبو آهي جنهن ۾ ڪوبہ لفظ نہ هجي. يعني سڏ ڪبو تہ، "ميهر!" تہ ميهر جواب ڏيندو، "اُو" يا "هاها!" جيئن:

جملو = ٻڌو! جي مان سڏ ڪريان تہ اتيئي موجود هججو اوڪر ڪجو.

جملو = تون اتي ئي ويٺي آهين، مان يڪا پيئي سڏ ڪريان اُوڪَرَ بہ نٿي ڪري سگهين؟

جملو = هر سڏ تي اوڪر ڪري بس تو ڪرين گونگو آهين ڇا! ڳالهائين ڇو نٿو!

بيت جي سمجهاڻي = ساهڙ جو راضپو ئي سرير کي سير مان تو اڪاري. اتي ٻئي ڪنهن جو ساٿ ڪم نٿو اچي. اي ميهار! مونکي اونهي پاڻيءَ مان سڏ ۾ سڏ ڏجان.

## سُر سهڻي، داستان ۹، بيت ٦

آئون جي ڄاڻان ايئن؟ تہ جر گهڙي جوڪو ٿيئي،
قضا جا ڪريم جي، تنهن ڪان ڪنڌ ڪڍبو ڪيئن؟
هڪ لڪئي ٻيي نينهن، آٽي اوليس اول ۾.

**اوليس؛**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواٽي = ڏکي هنيس

قاضي = لوڙهيس، ٽيلهيس

شاهواٽي = ڏکيس، وڏيس

منگهاٽي = ڦاسايس

"اوليا" (ڦاسايا)، "اوليُون" (ڦاسايون)، "اوليو" (ڦاسيو/ڦاٿو)، "اولين" (ڦاسائين)، اوليس" (ڦاسيس/ڦاٿس)، "اولجي" (ڦاسي).

اهي لفظ آڏواٽي صاحب جا بلڪل ٻڌل ناهن ۽ يقينن هو صاحب انهن لفظن کان واقف ناهي، تڏهن ئي تہ هر هنڌ ان جي معنيٰ مختلف ۽ متضاد ڏني اٿس ۽ اهو ئي سبب آهي جو مونکي بہ هر هنڌ سندس ڏنل معنائن جا مثال تا ڏيڻا پون.

مثال ١: سُر ڪلياڻ جي داستان ١، بيت ٢ ۾ آهي:

اوءِ فـائـق ۾ فـرمـان، اوتـڙ ڪـنـهـن نـہ اولـيـا،

اتـي مـعـنـيٰ ڏنـل آهـي "گـهـلـجـي ويـا"

جڏهن تہ معنيٰ آهي، "اهي وڏي مرتبي وارا، جي هميشہ ڌڻيءَ جي حڪم ۾ رهندڙ آهن. سي ڪڏهن بہ خراب تڙ يا ابتي تڙ نہ ڦاسايا.

مثال ٢: سُرسريراڳ جي داستان ٢ جي بيت ٨ ۾ آهي

"سـمـنـڊ سـوجـهـي جـن، آٿـي امـل اولـيـا"

اتـي "اوليـا" جـي مـعـنـيٰ ڏنـل آهـي، "ٻاهر ڪڍيا"

(متي "گهلجي ويا" ۽ هتي "ٻاهر ڪڍيا")

سٽ جي معنيٰ آهي، "سمنڊ جاچي اندر (عميق) ۾ وڃي نيٺ املهہ موتي ڦاسايا."

مثال ٣: سُر سامونڊي جي داستان ٣ جي بيت ٧ ۾ آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ستڙ سونائون، اوتڙ ڪنهن نہ اوليا“

اتي ”اوليا جي معنيٰ ڏنل آهي ”توائي نہ تيا“

ست جي معنيٰ آهي ”سنو تڙ سجاتائون. ۽ ڪنهن بہ خراب تڙ نہ ڦاسايا.

مثال ۴: مٿيون بيت، ست آهي:

”هڪ لڪئي ٻي نينهن، آٿي اوليس اول ۾.“

معنيٰ آهي، هڪ تقدير ۽ ٻيو عشق، آٿي ڦاسايس درياهہ جي مستيءَ ۾“

هاڻي پڙهندڙ پاڻ انصاف ڪن تہ لفظ ”اوليا“ سان انصاف ٿيو آهي؟ هڪ ئي لفظ جي معنيٰ ”ڳهلجي ويا“، ”ٻاهر ڪڍيا“، ”توائي نہ تيا“ ۽ ”ڏڪي هنيا“؟؟؟

لفظ ”اوليا“ جملن ۾ اچي چڪو آهي، مٿئين بيت جو ٻيو لفظ آهي.

**اُولِ :**

آڏواٽي = درياهہ جي ڪنڌ

قاضي = بند، روڪ، اها ڪنڌ جنهن ۾ درياهہ ڪڪ ۽ ڪانيون لوڙهي آڻي ڇڏي.

گربخشاڻي = درياهہ جي ڪنڌ، جتي ڪک ڪانا اولجي اچي ڪنا ٿيندا آهن.

شاهواڻي = درياهہ جي ڪنڌ جتي ڪک ڪانا اولجي اچي ڪنا ٿيندا آهن.

منگهاڻي = مستي، چريائي (پاڻيءَ/درياهہ جي مستي)

جملو = ڪهڙا پيو هن ڪان سوال جواب ڪرين! هي تہ اول

آهي صفا.

جملو = هن تي ڪهڙي ميار! اهو اول ۾ آهي.

مينهن گهٽو پوندو تہ ان لاءِ چئبو:

جملو = هينئر تہ مينهن اول آندي آهي.

مونث ۽ مذڪر لاءِ ساڳيءَ شڪل ۾ هوندو، البتہ مؤنث لاءِ "زير" ۽ مذڪر لاءِ "پيش" هوندو يعني "اولِ"، "اولُ".

بيت جي سمجهاڻي = مونکي ڪهڙي خبر هئي تہ پاڻيءَ ۾ گهڙڻ سان جان کي جوکو رسندو. ڏٽيءَ جي امر ڪان ڪيئن ڪنڌ کي ڪڍبو/ٽائبو. هڪ تقدير ۽ ٻيو عشق آٽي ڦاسايس، هن چريائيءَ واري مستيءَ ۾ (درياه جي مستيءَ ۾).

جيئن تہ ٻين قابل محققن بہ لفظ "اوليا" ۽ ٻين لفظن سان ساڳيون ويڏنون ۽ هاڃا ڪيا آهن پر مون هر هنڌ رڳو محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي ڏنل معنائن جا ئي مثال ڏنا آهن سو متان محترم پڙهندڙ اهو سوچين تہ رڳو آڏواڻي صاحب چو؟ سو عرض آهي تہ اهي ان ڪري جو منهنجو سڄو ڪم ۽ موضوع ئي محترم آڏواڻي صاهب جو ترتيب ڏنل "شاهہ جو رسالو" آهي ۽ ان ۾ آيل ڏکين لفظن جون غلط ڏنل معنائون ۽ انهن جي درستگي آهي، يا ڏکين لفظن جي ڏنل غلط معنائن ڏانهن اشارو ۽ انهن کي درست ۽ صحيح معنيٰ ڏيڻ آهي. اها معنيٰ جيڪا اڄ بہ اهي ماٺهو ڳالهائين ٿا جن جا اهي لفظ آهن. هاڻي اميد تہ ذهن ۾ آيل سوالن جا جواب ملي ويا هوندا.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

## سُر سهڻي، ابيات متفرقہ

سبائر ٻوڙي سهڻي، نہ ڍوري، نہ ڍنڍ
اکين منجھہ اکنڊ، ميائي ميهار ڏي.

**ڍوري:**

آڏواٽي = نهر

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاٽي = برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ قدرتي نالو جيڪو وڃي نئين (ندي) ۾ ملي.

"ڍوري" ننڍي نالي/"ڍورو" وڏو نالو.

جملو = جبلن جو پاڻي اچي ڍوري ۾ پيو آهي ۽ هاڻي تہ ڍورو ڦاٽي تو.

جملو = هن پيري مينهن گهڻو پيو آهي سڀيئي ڍوريون، ڍورا پرجي ويا آهن.

بيت جي سمجهاڻي = سهڻيءَ کي سمنڊ ٻوڙيو آهي، نہ ڍوري نہ ڍنڍ. مُئي کان پوءِ بہ هوءَ اکين ۾ اڪير رکي ميهار ڏانهن لڙهندي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سسئي آبري، داستان ٢، بيت ١

پسي ڏونگر، ڏاهه! جم هلڻ ۾ هيٺي وهين،
لانچي لڪ لطيف چئي، پنيءَ ڪيچين ڪاهه،
پچي پورج سسئي! بلوچاڻي باهه،
ان وڙائتي ور جي، آسر هڏ مَ لاهه،
جو اڪنئون اوڏو آهه، سو پرين پرانهون مَ چئو.

**لانچي:**

آڏواٽي = ڏوري

قاضي = ڳولي، ڏوري

گربخشاڻي = سوچڻ، ڍونڍڻ، ڏورڻ

شاهواٽي = ڳولي

منگهاٽي = مڪمل تيار ٿي، ليس ٿي، ضرورت جي هر سامان سان سنيري.

جملو = صبر ڪري ويهه! هر وقت لانچيو وينو آهين.

جملو = پٽ ڪي لانچي ڇڏيو اٿئي، ڪيڏانهن ٿو وڃي.

جملو = ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري آهي ڇا؟ گهوڙو لانچيل اٿئي.

بيت جي سمجهاڻي = اي ٻانهي! تون جبل ڏسي متان هلڻ ۾/ پنڌ ۾ پوئتي پوين/ رهجي وڃين. تيار ٿي جبل ۽ لڪ ڪيچين جي پنيان ڪاهه. پنهونءَ جي عشق جي آگ مان واقف ٿي اڳتي هلج. انهيءَ ڳڻائتي پيتار جو آسرو هرگز نه لاهج. جو پرين اکين کان به اڏو آهي تنهن کي پري نه چئو.

## سُر سسئي آبري، داستان ٢، بيت ٣

جــيــڪــس يــاد ڪــيــاس، ور ويــي وٽــڪــار ۾،
جــلــد جـــريــدي پــنــڌ ۾، اديــون! اڄ تـــيـــاس،
ويـي ڪـيـچ پـنـيـاس، پـاروچـاٽـيءَ پـاجـهـه سين.

**جريدي:**

آڏواٽي = هيڪلي

قاضي = ڇڙي، اڪيلي، آزاد

گربخشاٽي = ڇڙي اڪيلي

شاهواٽي = اڪيلي

منگهاٽي = تيار (مٿي تي آيل تيار پنڌ)

سسئي جڏهن رات جو ستي هوندي تڏهن ڪيس خبر نہ هئي تہ صبح جو سندس لاءِ سفر تيار آهي ۽ ڪيس ڪنهن بہ صورت ۾ پنهونءَ جي پنيان ڪيچ وڃڻو آهي. سٽ آهي:

"جــلــد جـــريــدي پــنــڌ ۾، اديــون اڄ تـــيـــاس"

معنيٰ: اديون! اڄ مان اوچتو تيار مليل پنڌ ۾ تڪڙي آهيان.

جملو = تو لاءِ تہ هر چيز جريدي رکيل هجي، ٿوري دير بہ نٿو مهين.

جملو = هوتلن تان جريدو ڪاڏو ٿي گهرائين، توکي توڻ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت!

جملو = مان تہ جريدا ڪپڙا وٺندي آهيان درزين جي جهنجهٽ ۾ ڪير پوي.

بيت جي سمجهاڻي = شايد مونکي پتار ويي وٽڪار ۾ ياد

ڪيو آهي. تنهنڪري اي سرتيون اڄ تيار مليل سفر/پنڌ ۾ تڪڙي ٿي آهيان، ڀروچ (پنهون) جي مهر سان وڃي ڪيچ پهتس.

## سُر آبري، داستان ٢، بيت ۴

واقف نہ وٽڪار جي، پاٽي ڪنيم نہ پاءُ،
جبل جلدايون ڪري، تڪ ڏيکاري تاءُ،
لڳي لڪ لطيف چئي، معذورن مٿانءُ،
اتي اوڏو آءُ، جت هوت هيڪلي آهيان.

**جلدايون:**

آڏواٽي = جبرايون، ڏاڍايون،

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = سختون

منگهاٽي = تيزيون، تِکون (تک) ڪاوڙون

جملو = هن ۾ تہ ايڏو جَلدُ آهي جو ذري ذري تي چڙيو وڃي.

جملو = ايڏو جَلدُ اٿئي! اهو تنهنجي صحت لاءِ بہ نيڪ ڪونهي.

جملو = انهن جلداين مان فائدو ڪونهي، نقصان ئي نقصان آهي.

بيت جي سمجهاڻي = مان وٽڪار جي واقف نہ آهيان ۽ پاڻ سان پاٽيءَ جو پاءُ بہ نہ کنيو اٿم. جبل پڻ تکايون پيو ڪري ۽ تيز تاب پيو ڏيکاري، ويچارين ابلائن مٿان لڪ پيئي لڳي. اي پرين! جتي هيڪلي آهيان تتي تون مونکي ويجهو اچي رس.

**سُر سسئي، داستان ٧، بيت ۴**

هـڏ نـہ سـاهہ سـڌيـر، دل درمـانـدي دوس ري،
پـائـي ويـڙا پـرت جـو، زوراور زنـجـيـر،
جيءُ جـسـو جـاڳـيـر، هـاڻي مـلـڪ هـوت جي.

**سڌير:**

آڏواڻي = ڌيرج ۾ (صبر ۾)

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = هوش ۾، ساعت ۾، خاطر جمع

شاهواڻي = هوشيار

منگهاڻي = سمجهدار، عقل وارو، سلجهيل، ذهين، سنڀليل.

جملو = هو سڌير آهي توکي سيپئي نيون پراڻيون ڳالهيون ٻڌائيندو.

جملو = منهنجو بابا تمام ذهين ۽ سڌير هو سندس ٻڌايل معنائون اڄ بہ پيون ڪم اچن.

جملو = هيءَ مائي ڏاڍي سڌير آهي، ماٺ ڪري ويٺي آهي ان مان متان سمجهو تہ ڪا موڳي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = منهنجو ساهہ هرگز سنڀليل ۽ سونت ۾ ناهي ۽ دل دوست بنا بي قرار آهي. مونکي محبت جو زوردار زنجير پائي ويا آهن پريت جي مضبوط زنجير ۾ جڪڙي ويا آهن. هاڻي منهنجو جسم، جان ۽ سمورو مال اسباب جانيءَ جي ملڪيت آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سسئي آبري، داستان ٧، بيت ٨

منجهان پنءُ پروڙ، سڀ مَ پڇج سسئي!
ويهي وڏي ڏيگ مان، ڏٺي وجهج ڏوڙ،
تہ تون ماڻئين موڙ، جي پند اهائي پارئين.

**ڏٺي:**

آڏواٽي = چاٽي، صاف ڪري

قاضي = چونڊي، وائري، پسند ڪري

گربخشاٽي = ڏٺڻ = لوڙڻ، ڇنڊڪو ڏيئي غير يا ميل ڪيڻ، صاف ڪرڻ

شاهواٽي = چونڊي

منگهاٽي = پسند ڪري، چونڊي

جملو = تون ڏٺي ڪڻ باقي اسين ڇهڙو تهڙو ڪٿون؟

جملو = ڏٺڻ کهڙو! سڀ هڪ جهڙا آهن.

جملو = ڏمرجين ڇو ٿي! اڃا تہ سڀ رکيا آهن تون ڏٺي ڪڻ!

بيت جي سمجهاڻي = اي سسئي! تون پاڻ منجهان ئي پروڙج ۽ هر ڪنهن شيءِ ۾ پنهون ڳولج. وڃي وڏي ڏيگ مان ڪٽي (چونڊي) پنهنجي مٿان ڏوڙ وجهہ، جي اها صلاح مڃيندينءَ تہ خزانو ماڻيندينءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سسئي آبري، داستان ٨، بيت ١

اڏر نڌر اپري، اسونهين آهيان،
لڙڪ لال لطيف چئي، ور لئه وهايان،
هيجان هنجون حب ۾، هوتن لئه هاريان،
جانب ضعيفيءَ سين، پنهون پهايان،
پيهان پچايان، جي مان نيو پاڻ سين.

**اپري:**

آڏواڻي = ضعيف، هيٺي

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = بي طاقت، ڪمزور، ضعيف

شاهواڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = مَوڙي، گهٽ، غريب، ڪمزور، هلڪو

جملو = هي ڪپڙو اپرو آهي ۽ هي اوچو آهي.

جملو = هو ويچارا صفا غريب هئا ۽ ڏيءَ ڪي جيڪو ڏيج ڏنائون اهو اپرو هو.

جملو = هوندي سوندي جيڪا ٻه شيءِ آڻيندو اها اپري ئي آڻيندو.

**اسونهين:**

آڏواڻي = بنا سونهين يا بنا سونهن جي

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = ڪوجهي

منگهاٽي = اٽواقف

لفظ "سونهين/اسونهين" تي پڻ منڍ کان ذڪر هليل آهي.

جملو = مان هن شهر ۾ اسونهين آهيان. ڪا خبر ڪانهيم تہ ڪيڏانهن وڃان.

جملو = تون اسونهين هئينءَ پوءِ ايڏانهن وئينءَ ڇو تي!

جملو = هيءَ اسونهين آهي، هن سان گڏجي وڃ!

بيت جي سمجهاڻي = مان بنا آڌر، بي وسيلي، مَوڙي ۽ اڻواقف آهيان پنهنجي ڪانڌ لاءِ رت جا ڳوڙها پيئي وهايان. جانب لاءِ حب ۾ محبت مان پيئي انجهيون هاريان. مان جاني پنهل کي نماڻائيءَ سان ريجهايان. اي محبوب! جي اوهين مونکي پاڻ سان وٺي وڃو تہ جيڪر مان اوهان لاءِ جنڊ پيهان ۽ ڪاڄ پچايان.

## سُر سسئي آبري، داستان ٨، بيت ٣

اڏر، نڌر، ابري، ۽ سڌر تي سچي،
سپڪ تي سيد چئي، پهڻن ۾ پچي،
معذور تي مارو ڪيو، اولاڪن اچي،
منجهان راهہ رچي، تيڙي لال لطيف چئي.

**سپڪ:**

آڌواٽي = رسيل، پڪل

قاضي = مضبوط، سوٽ

شاهواٽي= پوري پڪل

منگهاٽي = ڪڙڪ، بنا نمي/پاڻيءَ جي، خستہ، ڪُرڪري.

لفظ "سپڪ" جملن ۾:

جملو = ماني پڪل تہ پوري آهي پر "سپڪ" ڪانهي.

جملو = مڇي پلي تريل هجي پر نرم نہ هجي، "سپڪ" هجي.

**اولاڪن:**

آڏواٽي = فڪرن،

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = "اولاڪ" باهہ جو مچ، نور، ساڙو، پچ

شاهواٽي = ابڪن، فڪرن

منگهاٽي = اُنن (سوارن)

"اولاڪ" اڄ بہ ڪوهستان جي هر حصي، مُوئيداڻ، هِنيدَاڻُ، سُندي، ڪَندِ، مَهيرُ، گزيڳُ، شُوڙِڪَندي، ڪارِ، ڍِينگو، ڪِيلوَ، بارڻ ۾، سواريءَ ۾ اٺ کي چئبو آهي. سواريءَ ۾ اٺ، گهوڙو ۽ گڏهہ ٽا اچن.

جملو = مون وٽ اولاڪ ڪونهي تون جي شهر وڃين تہ مونکي ساڻ وٺي وڃجان.

جملو = اسان وٽ تہ ڪو اولاڪ ناهي جو ڪٿي ڪيڏانهن وڃجي.

جملو = پنهنجو اولاڪ آهي تہ پوءِ ڪنهن بہ ڳالهہ جو فڪر ڪونهي.

بيت جي سٽ آهي: "معذور تي مارو ڪيو، اولاڪن اچي" سسئيءَ جا ڏير بہ تہ اٺن تي سوار آيا هئا جيڪي پنهونءَ کي وٺي ويا ۽ اهو ئي تہ حملو ۽ مارو هو سسئيءَ تي، معنيٰ هن معذور تي اٺن ۽ سوارن اچي مارو ڪيو.

بيت جي سمجهاڻي = اي بنا آڌر، بي وسيلي، موڙي گهٽ! تون

سِڪ ۾ سگهاري/سمجهدار سچي ٿيءُ. جبلن ۾ جلي تون پوريءَ ريت پچي سوڪ ۽ ڪڙڪ (بنا رت ست جي) ٿيءُ. هن ضعيف تي ائن/ سوارن اچي وار ڪيا آهن. هوءَ سفر جي ڏاڪڙن سبب رچي لال ٿي ويئي.

## سُر سسئي آبري داستان ٩، بيت ٣

واءَ! وجاءِ مَ سو، پنيءَ جنهن پنڌ ڪريان،
چِتا! چپر پرينءَ جو، پير پرنيان تو،
بَر بورائو جو، سو لڳي متان لتئين.

**چِتا:**

آڏواڻي = اي واءَ

قاضي = سخت طوفان

گربخشاڻي = اي چِتا! يعني واءَ

شاهواڻي = اي واءَ

منگهاڻي = اي پاٽي! اي پاٽيءَ جون بوندون/ڦڙا.

بيت ۾ هوا (واءَ مَ وجاءِ سو.....) ۽ پاٽي (چِتا! چپر پرينءَ جو...) جو ذڪر آهي. پر آڏواڻي صاحب (۽ سيني قابل محققن) "واءُ" جو ئي ذڪر ڪيو آهي. ڇا پيرن جا نشان رڳو واءُ ئي لَتائي/مِتائي ۽ ڊاهي تو سگهي؟ پاٽي نه!؟ لطيف تو فرمائي، "اي واءَ! جن پيرن جي نشانن تي پيئي پنڌ ڪريان اهي لتائي وجائي نه ڇڏجانءِ"، "اي پاٽي! چپرن/جبلن ۾ پنهون جي پيرن جا نشان توکي ئي سپرد ڪريان (امانت طور، حفاظت ڪجانءِ).

لفظ "چِتو/چِتا" جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي واءَ! جن پيرن جي نشانن جي پويان

لڳي سفر پيئي ڪريان/پنڌ پئي ڪريان، سي گم نہ ڪج! اي پاڻي! جبلن ۾ پرينءَ جي پيرن جا نشان توکي ئي سپرد ڪريان/ارپيان جو رڻ ۾ منهنجو سونهون آهي سو لڳي متان لٽي ڇڏين.

## سُر سسئي آبري، ابيات متفرق، بيت ۵

اولاڪن اچي، معذور تي مارو ڪيو،
متان ور وسارئين، منجهان ڪَرَ ڪچي،
لاهي لاڳاپا لنگهہ تون، سيڻن ڏانهن سچي،
منجهان راهہ رچي، ٿيندينءَ لال لطيف چئي.

**اولاڪن:**

آڏواٽي = ڳُٽتين، محبت جي مچن

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = ”اولاڪ“ باهہ جو مچ، نور، ساڙو، پچ

شاهواڻي = فڪرن

منگهاڻي = اڻن/سوارين

لفظ ”اولاڪ/اولاڪن“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اڻن اچي هن هيٺيءَ تي حملو ڪيو (پنهون وٺي ويا) اي ڪانڌ! تون متان هن خسيس ذات واريءَ ڪي اندر مان وساري ڇڏين. اي سچي! تون سڀ لاڳاپا لاهي پرين ڏانهن وڃ. تون پنڌ ۾ رچي لال ٿيندينءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر معذوري، داستان ١، بيت ١

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، کهجن کي کوتيون،
پهڻ تنين پٽ تيئي، جي لءِ لالڻ لوتيون،
سڀ سهيليون سڪ کي، چنجهيون ۽ چوتيون،
ٻانيڻ تي ٻوتيون، ته ڪتا ڪينئي ڪيچ جا.

**لوتيون:**

آڏواٽي = رليل، پٽڪيل، بيحال

قاضي = رليل

شاهواٽي = تنگدل، بخيل

منگهاٽي = چوٽائون، چوسيائون، چوهياٻون، کوکلا ڪيائون.

هتي پهرين لفظ ”لوتيون“ جي ڏنل معنيٰ ۽ اڄ به ڳالهائي ويندڙ معنيٰ بابت عرض ڪبو ۽ تنهن کان پوءِ لفظ ”چنجهيون“ ۽ ”چوتيون“ بابت عرض ڪبو.

لفظ ”لوتيون“ جمع ۽ ”لوتي“ واحد واري صورت ۾ لطيف بادشاهه هڪ کان وڌيڪ ڀيرا بيتن ۽ واين ۾ آندو آهي پر جيئن ته هيڏيءَ ساريءَ سنڌ جي هر حصي، هر خطي ۽ علائقي جي مخصوص لفظن کان واقفيت هئڻ هڪ ماڻهوءَ لاءِ ناممڪن آهي (لطيف سائين کان سواءِ، جو جو هو پاڻ سنڌي ٻولي هو) ۽ ايئن به ممڪن ناهي ته جي ڪا ڪاميٽي به آهي ته به هرويرو هر لفظ جي معنيٰ ڏئي سگهندي، ڇو جو ان ڪاميٽيءَ ۾ به ظاهر آهي ته سنڌ جي هر حصي مان ته ماڻهو ڪنيل نه هوندا. سو ظاهر آهي ته اهي مخصوص لفظ جيڪي مخصوص علائقن ۾ مخصوص ماڻهو ئا ڳالهائين ته انهن لفظن جي معنيٰ لاءِ ته اهي لفظ ڳالهائڻ وارا ماڻهو ڪپندا ۽ مان جن علائقن ۽ پٽن (ضلع لسٻيلو ۽

ڪوهستان) جي مخصوص لفظن بابت تي ڳالهايان انهن علائقن ۾ پڻن جا ماڻهو بدقسمتيءَ سان تعليمي ميدان ۾ گهٽ ايريل آهن. پر ايئن بہ ڪونهي تہ اهي علائقا سگهڙن، سڌيرن ۽ اڪابرن کان وانجهيل آهن. مثال لاءِ تہ هڪ ئي وڏو ماڻهو اسان جو آهي جيڪو اسان کي سمجهي ٿو، جنهن کي اسين ٿا سمجهون. اهو آهي لاڪيڻو لال لطيف بادشاهہ. ڀلا جي لطيف سائين اسان جا اهي مخصوص لفظ نہ ڳالهائي/نہ وٺي تہ جيڪر انهن کي ڪير اهميت ڏي؟ ۽ هير (هينئر) وانگي جي مان انهن جون معنائون سمجهايان تہ هرڪو مشڪي چوي تہ: ”اسان ڇا ڪريون؟ انهن لفظن جون معنائون سمجهي!“ پر جڏهن هيڏو وڏو ماڻهو اها ٻولي ڳالهائي ٿو تہ اڄ مان فخر مان پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن بابت پيئي ڳالهايان ۽ هيروڪي دور جي مثال لاءِ اسان وٽ اسانجو هڪ ئي ماڻهو آهي جنهنجو نالو مان وٺي ٿي سگهان، ڇو جو ان جو پورهيو ڪتابي صورت ۾ اوهانً سيني جي اڳيان اچي چڪو آهي ۽ اهو آهي محترم الله بچايو يار محمد سمون (ڇُتو) ۽ سندس ڪتاب آهي ”سير ڪوهستان“. هاڻي اميد تہ ان پاسي جي ٻوليءَ بابت ڪا اهڃاڻي حاصل ٿي هوندي، جڏهن تہ ”سير ڪوهستان“ ۾ بہ هرويرو اها ٻولي لکيل ناهي پر تڏهن بہ اندازو لڳائڻ لاءِ اهو ڪتاب اڳيان رکي ٿو سگهجي.

۽ هاڻي لفظ ”لونيون“ بابت عرض، جيئن تہ نہ رڳو محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب پر سيني محترم شارحن ۽ محققن جو اهو لفظ ٻڌل ئي ڪونهي. (ڇو جو انهن سيني جو تعلق هڪ ئي علائقي سان آهي ۽ اهو علائقو لاڙ ناهي. اهو ئي سبب آهي جو ان لفظ جي معنيٰ هر جاءِ تي اتي جي حالتن مثان نهڪندڙ ڏيئي پاڻ کي آزاد ڪيو آهي (جڏهن تہ هو تڏهن ئي آزاد هجن ها جو ان لفظ جي معنيٰ نہ ڏين ها.) ۽ ايئن حيرت ناڪ معنائون ڏيئي ان لفظ کي جڻ هڪ ڀوڳ/مذاق بنائي ڇڏيو اٿن.

مثال: مٿئين بيت ۾ لفظ ”لونيون“ جي معنيٰ رليون، پٽڪيل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيحال ڏنل آهي، ڇو تہ ست ئي ان قسم جي آهي.

”پـهـڻ تـنين پٽ تــيـئـي، جي لـئـہ لالڻ لـوئــيـون“

تـنهنڪري آڏواڻي صاحب (يا ان لفظ جي معنيٰ ڪـڍندڙ) اهو اندازو لڳايو تہ پهڻ انهن لاءِ پٽ ٿيندو جيڪي پرينءَ لاءِ رليون پٽڪيون ۽ بيحال ٿيون. پر اوهان کي ياد هوندو تہ سر يمن ڪلياڻ جي داستان ٦ ۾ آيل هڪ وائي آهي:

”عـــــــشـــــق تمـــــام، بــــره تمــــــام ووا!

مـــــــئـــــن لــــوئـــــي يــــار لـــــوڪـــــو.“

۾ آيل واحد صورت ”لوئي“ ۾ معنيٰ ڏنل آهي ”ڦريل، لٽيل“ ڇو جو اتي آهي ”مئن لوئي يار ڪو“ سو اتي اهو اندازو ٿين تہ، ”اي لوڪو مان لٽيل ڦريل آهيان“ پر اجا اڳيان سُر ڪلياڻ جي داستان ٥ جي هڪ وائي، ”وسارج مَ وينڻ.....“ جي ست ٢ ۾ آهي: ”لوئـيون سهن لوڪ جا، وهاڻي ٿيون وينڻ“ ۽ اتي لفظ ”لوئيون“ جي معنيٰ نهايت عجيب ۽ ڪل جهڙي ڏنل آهي (جيڪا ناقابل معافي آهي) معنيٰ آهي ”بي حيا ناريون“ ڇو جو ست ئي اهڙي نموني جي آهي: ”لوئيون سهن لوڪ جا، وهاڻيءَ ٿيون وينڻ“ ۽ هو صاحب سمجهي ٿو تہ، بي حيا ناريون ئي لوڪ جا وينڻ ۽ طعنا سهنديون آهن. اميد تہ هاڻي اهو اندازو ٿي ويو هوندو تہ ڏکين لفظن جي ڏنل معنائن ۾ ڪيڏا هاڃا ۽ ڪلور ٿيل آهن. جي ساڳي ”بي حيا ناريون“ واري معنيٰ هن ست، ”پهڻ تنين پٽ ٿيئي، جي لئہ لالڻ لوئيون“ ۾ ڏجي تہ پوءِ سمجهي ٿو سگهجي تہ بيت جي ڪهڙي معنيٰ نڪرندي؟

ڏنو وڃي تہ ”شاهہ جو رسالو“ پڙهڻ ۽ سمجهڻ وارن جو تعداد تمام گهٽ آهي ۽ اهي ٿوري تعداد وارا بہ بيت پڙهڻ کان پوءِ سمجهڻ لاءِ ڏکين لفظن وارين معنائن جو سهارو وٺندا آهن، تہ ڇا ايڏيون فاش غلطيون نظرانداز ڪري ڇڏجن؟ ايڏي فرق وارين معنائن

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

ڪي مانگاري (نظر انداز ڪري) ڇڏجي؟ جيڪي بيتن/واين ڪي صفا اُبتو ڪري انهن جو روح ئي ختم ڪري، سندن مفهوم ۽ مقصد ئي بدلائي ڇڏين ٿيون.

لفظ "لوني/لونيون" خوش قسمتيءَ سان اڃا بہ عام جام ڳالهايو وڃي ٿو. تنهنڪري ان جي معنيٰ معلوم ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ۽ مشقت ڪرڻي نہ پوندي، بس شرط رڳو اهو ئي آهي تہ انهن علائقن ۾ وڃڻو پوندو، جتي اهي لفظ ڳالهايا وڃن ٿا ۽ اتي پهچڻ سان ئي اهو مسئلو مڪمل طور تي حل ٿي ويندو ڇو جو سيئي اهو چوندا تہ "لوني" جي معنيٰ آهي، "سڪٽي، نياڳي، پنهنجي ڳالهہ تي بيٺل" ۽ لطيف بادشاهہ بہ مٿئين بيت ۾ ان ئي معنيٰ ۾ ورتو آهي.

"پهڻ تنين پٽ ٿيئي، جي لئہ لالڻ لونيون"

يعني، پٿريلي ۽ ناهموار زمين/جبل بہ انهن لاءِ سنئون سيڌو پٽ آهن جيڪي پنهنجي پريندءَ لاءِ سڪٽيون، نياڳيون ٿيون يا جن پنهنجي محبوب لاءِ پاڻ کي سڪٽيون ۽ نياڳيون سڏايو/چوايو ۽ پنهنجي ڳالهہ تي اٽل رهيون. ڇو جو جڏهن سسئي پنهنجي سڪئي ۽ ستابي پريل گهر مان هتين خالي روئندي نڪتي هوندي، تڏهن ظاهر آهي تہ روڪڻ/جهلڻ کان علاوه گهٽن ئي کيس نياڳي ۽ سڪٽي چيو هوندو ۽ لال لطيف گهوٽ جيڪو حساسيت جو مرڪز آهي سو ڪيئن ان مهل جي جذبن کي محسوس ڪري نہ سگهيو هوندو، ۽ ڪيئن اهڙين گهڙين جي احساسن کي اهميت نہ ڏيندو! لطيف سائين تہ اهڙن موقعن تي ڳالهايل لفظن جو قدر ۽ قيمت خوب ڄاڻندو هو، سو ان ڪري اهي دعائيہ لفظ چيائين تہ "پهڻ تنين پٽ ٿيئي، جي لئہ لالن لونيون".

۽ هڪ ٻي اهم ڳالهہ لفظ "لوني ۽ لونيون" بابت آهي. جيئن تہ منڍ ۾ عرض رکيو هئم تہ شروع ۾ مونکي شاهہ سائين جي ڪلام ۾ غلط ڏنل "زير، زبر ۽ پيش" بہ اڳتي اچڻ لاءِ همٿايو هو پر اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم اڪيلي سر ڪرڻ مشڪل ڏسي نہ ڪيم پر لفظ ”لوني/لونيون“ جي مڪمل تصحيح ٿي ويئي آهي تہ ان کي مڪمل صحيح پڙهڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ان کي ”لونيون“ نہ پر ”لونيون“ پڙهڻ گهرجي يعني ”پيش“ سان نہ پر ”زبر“ سان پڙهڻ گهرجي ۽ هاڻي لفظ ”لوني/ لونيون “جملن ۾:

جملو = هن لونيءَ سان اوهان پڇي نہ سگهندا، ڇڏيوس تہ هيڪلي وڃي.

**چنجهيون:**

ساڳئي متين بيت جو ٻيو لفظ آهي ”چنجهيون“ اهو جملن ۾ ڏسو:

جملو = ڪيڏي حبس ٿي ويئي آهي، هيترا ماڻهو! سڄو ڪمرو ماڻهن مان چنجهو پيو آهي.

جملو = ڊاڪٽر وٽ وڃون تہ سهي پر مايون ڊاڪٽر کي چنجهون پيون آهن.

جملو = بس ماڻهن مان چنجهي پيئي آهي، پير رکڻ جي بہ جاءِ ڪانهي.

ساڳئي متئين بيت جو ٽيون لفظ آهي:

**چوئيون:**

جملو = تنهنجو گلو اجا بہ خراب آهي، مان جيڪي توکي گوريون ڏنيون هيون اهي تو چوئيون يا نہ؟

جملو = واقعي انب متو آهي مان چوئو هو.

جملو = هيترو ڪچرو، هي ڳنڍيريون ڪنهن چوئيون آهن؟

بيت جي سمجهاڻي = پرينءَ ڏانهن پنڌ ڪندي اهيئي ٽيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿڪجن جن جي دل ۾ ڪوٺ آهي، جبل / پٽر انهن لاءِ ٿي سنوان ۽ سيڌا پٽ/ميدان ٿا ٿين جيڪي پنهنجي جانب لاءِ هٿين خالي سڪٽيون ٿي نڪرن ٿيون ۽ پاڻ ڪي نياڱيون چورائي بہ پنهنجي ڳالهہ تي محڪم آهن. سڪ جي رس حاصل ڪرڻ لاءِ تي سڀ سهيليون ڳاهٺ ٿي چنبڙيون ۽ چوسيائون (سڪ مان رڳو پاڻ فائدو حاصل ڪيائون ۽ عشق جي ميدان ۾ انهن پاڻ ڪو نقصان نہ ڪنيو. جڏهن تہ عشق جي ڪيتر ۾ رڳو قربانيون ئي ڏيٺيون آهن، ڏيٺو ئي ڏيٺو آهي. ونڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو تہ ڪو تصور ۽ سوال ئي ڪونهي ۽ جن سهيلين سڪ ڪي چنبڙي رڳو چوسيو آهي اهي توڪي ڪهڙي سٺي راهہ ۽ صلاح ڏينديون لحاذا) اي ڀانيٺياٺي! تون ان پنڌ ۾ ڀوتيون ڀوتيون ٿي، ذرا ذرا ٿي تہ پلي تنهنجو ماس ڪيچ جا ڪتا ڪائين (يعني پاڻ قربان ڪري ڇڏ).

## سُر معذوري داستان ١، بيت ٣

جاڳايس جنبورِ، ڪتي قريبن جي،
ڀهي ڀونڪي اٿيو، گهڏي منجهان گهور،
سڀ لاهيندو سور، گري هن غريب تان.

**گهڏي:**

آڏواٺي = بدن ڪي لوڏي

قاضي = بت ڪي لوڏي، گهوماٺجي

گربخشاٺي = بت ڪي لوڏڻ، جٺن ڪتو اٿڻ مهل ڪندو آهي.

شاهاٺي = بدن ڪي لوڏي

منگهاٺي = جاڳ/سجاڳ واري حالت ۾ جهوٽا ڪائي اٿڻ، گهٽي ننڊ واري ڳهريل صورت ۾ جاڳڻ جي ڪوشش (اردوءِ ۾ "اونگهنا").

جملو = هتي ڪرسيءَ تي يڪو پيو گهڏين، وڃين پنهنجي هنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سمھ!

جملو = تنھنجي رات جي ڊيوٽي آھي سو ڏينھن جو سمھي پئو، نہ تہ رات جو پيو گھڏندين.

جملو = منھنجي سڏ تي گھڏي اٿيو تہ ھو، پوءِ الائي وري سمھي پيو يا ڇا.

بيت جي سمجھاڻي = محبوب جي زنبور (ڏينيوءَ) جھڙي شوخ ڪتي اڄي سجاڳ ڪيو. ھو جاڳ سجاڳ واريءَ حالت ۾ ڇرڪي گھور ڪري بھي ڀونڪي اٿيو ۽ ڏند ڀيڙھي گري (ان نموني ھن ڪي سجاڳ ڪرڻ سبب) ھن مسڪين تان سڀ سور لاھيندو.

### سُر معذوري، داستان ٢ بيت ٨

ھورن ھاڙھو لنگھيو، تي جريدي جوءِ،
ھوند جنين سين ھوءِ، ھوت نہ ھوندو تن سين.

**جريدي:**

آڏواڻي = اڪيلي، ھيڪلي، ڇڙي

قاضي = ڇڙي، اڪيلي، آزاد

شاھواڻي = اڪيلي

منگھاڻي = تيار

لفظ "جريدي/جريدو"جي جملن سان مٽي سمجھاڻي ڏنل آھي.

بيت جي سمجھاڻي = بنا بار (ساز سامان) وارن ھلڪن ھاڙھو جبل پار ڪيو/لنگھيو. اي منڌ! تون بہ اٿي (سفر لاءِ) تيار ٿي (سنيت ڪر). جن سان "ھوند" (سفر جو سامان) ساڻ آھي تن سان پرين ھرگز ساڻ نہ ھوندو.

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

## سُر معذوري، داستان ٢، بيت ٩

هـورن هـاڙهـو لـنـگـهـيـو، مـنـي مـوسـٽ چـڏ،
”لا“ سـين اٿـي لـڏ، ”ڪـين“ رسـاٽـي ڪـيـچ ڪـي.

**موسٽ:**

آڏواٽي = هار، سينگار، ناز نخرو

قاضي = ڪوڏ، بهانو، غرور

گربخشاٽي = هار سينگار، لاڏ ڪوڏ، ناز نخرو

شاهواٽي = هار سينگار

منگهاٽي = بهانو، موسو

جملو = اٽي ڪم ڪر، يڪو بيماريءَ جي موسي تي ستي آهين

جملو = اسان سچي بيمار ٿيون تڏهن بہ چون موسٽ (موسا) ٿي ڪري.

جملو = ڏمر جو موسٽ (موسو/بهانو) ڪري يڪي ماٺ آهي

بيت جي سـمـجـهـاڻي = مـني! تون بـهـانـا (سـسـتي) چـڏ، ”ڪين“(اٿهوند) واريون هاڙهو جبل اڪري ويون، تون ”نيستي“ (پاڻ وساري) ڪٽي پنڌ ڪر. اٿهوند ئي هلي ڪيچ ٿي رسائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر معذوري، داستان ٣، بيت ٣

وارو! مون وڙاھ! ڪا سڌ سونھپ جي نہ ڏيو؟
وجھي وراڪن ۾، معذور ڪي مَ منجھاءِ،
منجھان پاڻ پياديون، ھادي تي ھلاءِ،
پرياڻءِ ڪي پھچاءِ، تہ لڳي لونو نہ تئين

لفظ ”لونو“ تي مٿي تفصيل سان سمجھاڻي جملن سان ڏنل آھي پر ھتي ھن لفظ جي تصحيح ضروري ڄاڻم ٿو تہ بيت جي سمجھاڻيءَ ۾ آڏواڻي صاحب لفظ ”لونو“ جي معنيٰ ”ساڙو، سڙي“ ڏني آھي.

بيت جي سمجھاڻي = اي وڙاھ! منھنجي ڪا رھنمائي نہ ٿو ڪرين؟ ھن بيحال کي پيچرن ۾ اڙائي نہ منجھاءِ. پيادن جي سونھپ ڪري انھن کي اڳتي ھلاءِ. مونکي پرينءَ وٽ پھچاءِ متان اتيئي سڪٽو/ خالي ءِ نياڱو ٿي وڃين.

## سُر ديسي داستان ٢، بيت ٣

سبہ سياھي، آريءَ ڄام جي،
ڪڏھن پسي ڪانہ ڪا، رِءَ لالڻ لالائي،
دود دل تان دور ڪري، ڪر ساجن! صفائي،
مَن لاَشَيخ لَہُ فَشَخہُ اَلشيطاَنُ، ان رِءَ اونداھي،
ھوءَ جا ھلي ھيڪلي، سا گيرب گمائي،
بِلا شَيخ مَن يَمشِي فِي الطَرِيقِ، اھڙي اوائي،
تنھن رِءَ توائي، ڪوڙين تين ڪيتريون.

**دود:**

آڏواڻي = دونهون

قاضي = دونهون، غبار

گربخشاڻي = دونهون، غبار

شاهواڻي = دونهون

منگهاڻي = ڍڳ، انبار

لفظ ”دود“ منڊ ۾ آيل لفظ ”ڏوڏ/ڏوڏا“ جي ٻي شڪل آهي. مٿين سٽ آهي ”دود“ دل تان دور ڪري، ڪر ساجن صفائي.“

يعني: منهنجي دل تان غمن/فڪرن/ڏکن جا بار لاهي يا اهي پيڙائن جا ڍڳ/انبار هٽائي دل کي صاف ۽ آجي ڪر.

**گيرب:**

آڏواڻي = هٺ يا مغروري

قاضي = هٺ وڏائي

گربخشاڻي = هٺ، مغروري، وڏائي

شاهواڻي = هٺ گمراهه ڪئي

منگهاڻي = ڪمزوري، لاچاري (ڪسمپرسي) بيوسي. سٽ آهي، ”هوءَ جا هلي هيڪلي، سا گيرب گمائي“ يعني هوءَ جا اڪيلي نڪتي هئي تنهن کي ڪمزوريءَ ۽ لاچاريءَ هٽي هارايو.

لفظ گيرب جملن ۾:

جملو = ويچاري بس پيئي آهي ڪٿ تي، گيرب تي گذاري.

جملو = هن گيرب کان مري وڃي تہ چڱو.

سسئيءَ ۾ هٺ، مغروري ۽ وڏائي تہ اڳ بہ نہ هئي. (پيرين

ڏريان پنبٽيون هنڌ وڃايان وار. - هو جا پائڻ پير ۾، آئون تنهن جتيءَ نه جيهي) اها ڪتي تي پنڌ ۾ بيوسيءَ واري حالت ۾ هلڻ ۾ هٺ ۾ مغروري ڪري. باقي عورت جي بيوسيءَ ڏانهن اشارو آهي (گيرب گمائي) اهوئي سبب هو جو هوءَ ڪيچ پهچي نه سگهي ۽ واٽ (سنگهر/ پيني) ۾ ئي زمين ۾ گر تي ويئي. تيون لفظ آهي:

**اوائي:**

آڏوائي = بديا خراب وائي

قاضي = موڳي، نادان (رڳو هڪ هنڌ تي معنيٰ ڏنل آهي)

گربخشائي = اهڙي اوائي - (اوائي = اها اهڙي ڪوائي يا خراب ڳالهه آهي.)

شاهوائي = بد يا خراب وائي

منگهائي = بيعقل ڇڙواڳ، آزاد بينوائي، بي متي (اوائي توائي گڏ استعمال ٿيندا آهن).

لفظ "اوائي" سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ٨ بيت ١ ۾ پڻ آيل آهي. سٽ آهي: "پاڙي ڏانهن پرينءَ جي، اڄ مَ اوائي" جتي آڏوائي صاحب معنيٰ ڏني هئي "اي وسوڙل!" جڏهن ته اتي ۽ هتي پنهي جاين تي ساڳي معنيٰ "بيعقل ڇڙواڳ" آهي. ڇو جو لفظ به ساڳيو آهي.

"پاڙي ڏانهن پرينءَ جي اُڄ مَ اوائي!"

يعني: محبوب جي پاڙي ڏانهن/گهٽيءَ ڏانهن ايئن هر هر اچ وڃ نه اي بيعقل ڇڙواڳ! آزاد بينوائي! بي سمجهه پنهنجيءَ مرضيءَ واري! ۽ مٿئين بيت جي سٽ آهي:

"بِلا شيخ مَن يَمشِي فِي الطرِيق، اهڙي اوائي"

يعني: هوءَ اهڙي بي سمجهه پنهنجيءَ مرضيءَ واري، بيعقل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڙواڳ آهي جو بنا ٻيڙيءَ جي سمنڊ ۾ ٺي هلي. بقول صوفي جي تہ:

جيڪو مرشد ڪانسواءِ طريقت (روحاني پنڌ) ۾ هلي ٿو (سو بنا ٻيڙيءَ جي سمنڊ ۾ تري ٿو).

بيت جي سمجھاڻي = پنهونءَ ڪان سواءِ مون لاءِ سموري اونداهي آهي. پنهنجي پرينءَ ڏاران ڪٿي بہ ڪا لالاڻ (روشنيءَ جي چمڪ) ڏسڻ ۾ نہ آئي. (مرشد بنا طالب لاءِ اونداهي آهي) اهي سپرين! منهنجي دل تان ڪارنهن جا ڍڳ/انبار لاهي ان کي اڇو اجرو ڪر. جنهنجو ڪو شيخ (مرشد) ناهي تنهنجو مرشد شيطان آهي. ان بنا (مرشد ڪانسواءِ) اونداهي آهي. اها جنهن اڪيلي سر پنڌ ڪيو تنهن کي ڪمزوري، لاچاريءَ ڪسمپرسي هٿي هارايو (گم ڪيو) مرشد بنا طريقت (روحاني پنڌ) تي هلي ٿو (سو بنا ٻيڙيءَ جي سمنڊ ۾ هلي ٿو) ۽ اهو بي مَتو/بي سمجھ آهي.

## سُر ديسي، داستان ٢، بيت ۴

ڀنيءَ ٿا ڀرين، ساٿين سنڌ هٿن ۾،
ليڙن جو لطيف چئي، مونکي منجھہ نہ ڏين،
مون پنهون ٿا نين، اسونهينءَ جو آجڪو.

**سنڌ:**

آڏواٺي = ساندارا، پخالون

قاضي = اوزار، وسيلو، سيٽاھہ

گربخشاٺي = ساندارو

شاهواٺي = ترڻ وارو ساندارو

منگهاٺي = ٿانوَ، اويون

اوئيون/پخالون يا ساندارا ٻہ ٿانوَ ٿي آهن جو انهن ۾ پاڻي پربو آهي پر اسان وٽ ڪوهستاني لهجي ۾ ”سنڌ“ لفظ ٿانون لاءِ ٿي مخصوص آهي ۽ پوين صفحن ۾ هن لفظ جي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ساڻي اسر جو پاڻي ٿا پرين سندن هٿن ۾ ٿانءَ (اوئيون) آهن. مونکي انن جو انت نٿا ڏين ۽ مون اٿواقف جو آسرو هوت پنهون پاڻ سان ونيو ٿا وڃن.

## سُر ديسي، داستان ٢، بيت ٦

دوڪ دهليا جت، گوارا هلن نہ گس ۾،
چؤسال ٿي نہ چلٽا، ٿي تنگ نهاري تت،
سوڏي انين سيد چئي، پوءِ پانچارين پرت،
ان اڙانگي پنڌ جي، ڪا نيشن پوءِ نرت،
سسئي وڏي ست، جا اهڙي پر پنڌ ڪري.

**دوڪ:**

آڏواٽي = پنجن ڇهن سالن جا اٺ

قاضي = پنجن سالن کان ڇهن جي وهٽ جي ڄمار

گربخشاڻي = جنهن صورت ۾ هن بيت ۾ انن جا ڪي اصطلاحي نالا سندن عمرين موجب آيل آهن تنهن صورت ۾ اهي سڀ تفصيلوار ڏجن ٿا. سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ انهن نالن ۾ قدرتي تفاوت آهي. مگر اڪثر نالا هن ريت آهن: ڪير ڏائڪ گوري کي ”لاؤرو“ چوندا آهن. اهو نالو هڪ سال تائين هلندو هڪ سال کان ٻن سالن تائين اٺ کي ”ڏبڙ“ يا ”ڪنواٺ“ چوندا آهن. ٻن سالن کان ٽن سالن تائين ”ڀهاڻ“، ٽن سالن کان چئن سالن تائين ”ٿهاڻ“ يا ”مزات“ چئن کان

پنجن سالن تائين ”ڇٽ“ پنجن کان ڇهن سالن تائين ”دوڪ“ چو ته ان عمر ۾ ان کي هيٺين چاڙيءَ ۾ ٻه ڏند نڪرندا آهن. ڇهن کان ستن سالن واري اٺ کي ”چؤڳو“ يعني چئن ڏندن وارو؛ ستن کان اٺن سالن تائين ”ڇڳو“ يعني ڇهن ڏندن وارو. اٺن ورهن جي عمر ۾ هن کي ٻنهي چاڙين جي پاسيرو ٻه تکا ڏگها ڏند. جن کي فارسيءَ ۾ ”نيش“ چوندا آهن. نڪرندا آهن. پوءِ ڇٽبو آهي ته هاٿي ”نيش“ ٿيو. يعني پورو جوان ٿيو. ٽن سالن کان پوءِ وري چار ٻيا ”نيش“ ڪيندو آهي، پوءِ چوندا ته اٺ هاٿي ”ارموش“ ٿيو. انهيءَ بعد پوئتي هٽندو ويندو آهي. اٺ جي عمر ٽيهن سالن تائين ٿيندي آهي. ”چؤسال“ وارو اصطلاح گهوڙي سان لڳندو آهي. گهوڙو ٽن سالن جي عمر ۾ ”دوڪ“ ٿيندو آهي. هڪ زياده سال گذرڻ بعد ان کي ”چؤسال“ ڪري سڏيندا آهن. هڪ وڌيڪ سال گذرڻ پڄاڻان هن کي هڪڙو تکو ڏگهو ڏند. اٺ جي، نيش وانگر نڪرندو آهي. ان وقت چوندا ته گهوڙو ”پانچاريو“ آهي. يعني قوهه جوان ٿيو آهي. جيتوڻيڪ ”چؤسال“ ۽ ”پانچاريو“ ٻئي گهوڙن جي عمرين موجب اصطلاحي نالا آهن، ته به هتي ”دوڪ“ ۽ ”نيش“ جي وچ وارين عمرين جي اٺن يعني ”چوڳي“ ۽ ”ڇڳي“ لاءِ ڪم آندا ويا آهن.

شاهواٽي = ٻه ڏندا. پنجن يا ڇهن سالن جا اٺ

مُنگهاٽي = وچولو گوارو. چئن سالن جو ”ٻه ڏندو“

**نيشن:**

آڏواٽي = نيشي گهوڙن يا اٺن

قاضي = ڇهن ورهن جو جوان اٺ. وڏو ڏند. همت وارو جوان

گربخشاٽي = پورو جوان اٺ

شاهواٽي = پورو جوان اٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = پوڙهو اٺ، وڏي ڄمار وارا اٺ، تجربيڪار وڏي عمر وارا اٺ.

١. ڳوُرو - ڪيرو - ڄائو

٢. اَتوڙ - ڪيرو - سال جو

٣. ڇت - ڪيرو - سال جو

٤. پڪو ڇت - ڪيرو - ٽن سالن جو

٥. دوڪ - ٻه ڏندو - چئن سالن جو

٦. چوڳو/ڪنوات - چار ڏندو - پنجن سالن جو

٧. ڇڳو/ڪنوات - ڇهه ڏندو - ڇهن سالن جو

٨. تِجو - ڇهه ڏندو - ستن سالن جو

٩. پورو اٺ - اٺ - اٺ سالن جو

١٠. نيش/نيشان - وڏو اٺ - پوڙهو اٺ

”ڀهاڻ“ ۽ ”ٿهاڻ“ اٺ کي نہ چئبو آهي، ”ڀهاڻ“ نوجوان ڳڏهه (ماديءَ) کي ۽ ”ٿهاڻ“ نوجوان مينهن کي چئبو آهي ۽ اٺ جا جيڪي پاسن کان ٻہ ڊگها ڏند گهوندا (ايندا) آهن انهن کي فارسيءَ ۾ پلي ”نيش“ چئجي پر سنڌيءَ ۾ انهن کي ”ڪِيرَ“ چئبو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = جتي دوڪ دهلجي وڃن ۽ ڳوُرا ڳس ۾ ئي نہ هلن، جتي ڇوُسال بہ نہ چلي سگهن، تتي هوءَ (سسئي)، لڪ پيئي تڪي، انجي پوري خبر پنجن سالن جي اٺن کي بہ مس پوي. انهيءَ ڏکئي پنڌ جي پروڙ ڪا پوڙهن/ڪراڙن. تجربيڪار اٺن کي پوي تہ پوي. سسئي ايڏي سگهي آهي جا اهڙيءَ طرح پنڌ ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ديسي، داستان ۴، بيت ۳

وارو! وَرُ وني ويا، ڏاڙهيءَ پنيا ڏير،
ڏينديس ڏاڍين ڏونگرين، انين لئه الير،
ڪيچ پهچي ڪير؟ وڃڻ سين وس ڪريان.

**پنيا:**

آڏواٽي = سهڻين ڏاڙهين وارا

قاضي = ڪارا گهنڊيدار وار

شاهواٽي = ڳاڙهي

منگهاٽي = گهاٽن گهنڊيدار، گهرين ڏاڙهين وارا (ڏير).

جملو = هن جا وار پنيا آهن ڦٽي ڏيڻ به ڏکي ته تيل به گهڻو کڻن.

جملو = نه رڳو سندس وار پنيا آهن پر سهڻا، ڪارا ۽ چمڪدار به آهن.

بيت جي سمجهاڻي = هيءَ! هيءَ! گهرن گهنڊيدار ڏاڙهين وارا ڏير منهنجو پنڌ ساڻ وٺي ويا. انهن لاءِ ڏکين پهاڙن ۾ ڪاهون ڪنديس/چڙهايون ڪنديس. ڪيچ ڏانهن پنڌ ڪري ڪير پهچي؟ مان پنڌ ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽائينديس.

## سُر ديسي، داستان ۴، بيت ۸

گڏيو ڏوڀين ڏوءِ، پنهونءَ پارچو هٿ ۾،
اتي آريءَ جام جو، قاصد آيس ڪوءِ،
اي ڪامل ڪم نه سندوءِ، جيئن پهس پڇاڙين پوتين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پهس:**

آڏواڻي = زور سان

قاضي = زبردستي سان

گربخشاڻي = زور سان

شاهواڻي = زور سان

منگهاڻي = شاهوڪار، ڏاول، سڪيو

لفظ ”پهس“ هاڻي واهپي ۾ ڳالهائڻ ۾ ڪونهي.

بيت جي سمجهاڻي = پنهون بين ڏوبين سان گڏ ڪپڙو هٿ ۾ بي ڏوتو تہ اتي وتس آريءَ سردار وتان ڪو قاصد/پيغامبر هي نياپو ڪٺي آيو، ”اي ڪامل اهو تنهنجو ڪم ناهي جو اي باحيثيت شهزادا! ايئن پيو ڪپڙا وتين سٽيندو.“

**سُر ديسي، داستان ٦، بيت ٥**

ڪرڙا ڏونگر ڪہ گهٽي، جت ويا روڏا رنگائي،
ساگاپي سيٽن جي، تي وندر واجهائي،
رهيس رس لطيف چئي، تنهن ڪميٽيءَ ڪاهي،
آرياڻي آهي، مَنهن معذورن جي.

**رنگائي:**

آڏواڻي = اڙندا، رينگ ڪندا

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = سختيءَ سببان رينگاٽ ڪندي، رڙيون ڪندي

شاهواڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = ڪڏائي، گهمائي، ڦيرائي، هلائي

جملو = چاٻي هيٺ رک. يڪو پيو آڱر ۾ رِنگائين، متان نڪري ڪنهن کي لڳي وڃي.

جملو = ٻار کي مٽي پٽي رنگائين ڪٽي هيٺ پٽ تي رک.

جملو = ڪم نڪو ڪار سڄو ڏينهن واندي پيئي تنگون رنگائي.

بيت جي سمجهاڻي = جبل ڏکيا، سفر اجهاڳ، جت انن کي ڪڏائي گهمائي ڦيرائي ونئي هليا ويا. سسئي پرينءَ جي سڱ سانگي، وتي وندُر (جبل، نئين ۽ هاٽي پورو علائقو) ۾ واجهه وجهندي، تون ڪاهي اچي هن ڪميٽيءَ وٽ پهچ. آري ڄام هيٺن جي پناهه يا پردو آهي.

## سُر ديسي، داستان ٧، بيت ١

پنهونءَ سين پريت جو، ڪو جو پيچ پيو،
پنيي هن پنيور ۾، وهڻ وه ٿيوم،
متيون موٽڻ سنديون، ڪاڪيون ڪيم ڏيوم،
سَرتيون ساهه سندوم، ٿيو حوالي هوت جي.

**پنيي:**

آڏواٽي = بدحال، ايوڳي (بدزيبي)

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = بي ڊولي، بدزيبي

منگهاٽي = گهاٽي، گهنڊيدار، گهري (وٽن واري)

لفظ "پنيا/پنيي" مٽي سرديسي داستان ۴، بيت ٣ ۾ آيل آهي.

سٽ آي، ”وارو! وَرُ ونئي ويا، ڏاڙهيءَ پنيا ڏير“

اتي آڏواڻي صاحب لفظ ”پنيا“ جي معنيٰ ڏني هئي ”سهڻين ڏاڙهين وارا“ هتي ساڳي لفظ ”پنيي“ جي معنيٰ ڏني اٿس، ”بدحال ايوڳي (بدزيبي)، يعني هڪ ئي لفظ جي معنيٰ هڪ هنڌ ”خوبصورت“ ته ٻي هنڌ ”بدصورت!“ آهي نه حيرت جهڙي ڳالهه؟ ڇا ائين ممڪن آهي؟ هڪ ئي لفظ جي متضاد معنيٰ!

لفظ ”پنيا/پنيي“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = پنهونءَ سان محبت جو اهڙو ڪو پيوند پيو اٿم جو هن گهري گهنڊيدار وڻن (ساوڪ واري) واري پنيور ۾ وهڻ ئي وهه/زهر ٿي پيو اٿم. اي اديون! مونکي واپس ورڻ جون نصيحتون نه ڏيو. اي سرتيون! منهنجو ساهه هاڻي هوت جي حوالي آهي.

## سُر ديسي، داستان ٧، بيت ٢

ڏانجهن تي ڏانجها، ڏنائون ڏکيءَ کي،<br>
لڳس نائڪ نينهن جي، ڪڙه ڪا جا،<br>
ترن ۾ تاجا، ڪري مند مروئن سين.

**تاجا:**

آڏواڻي = محفلون

قاضي = ڪچهريون، محفلون، مجلسون

گربخشاڻي = ٽولي، منڊلي، جلسو، مجلس، رفاقت، رهاڻ

شاهواڻي = جٿا، ٽولي، رهاڻ

منگهاڻي = موت مهل ويڻلن جو ميڙ، تعزيتي گڏجاڻي.

جملو = اتي سنئون ٿي ڪهڙي تاجي ۾ وينو آهي!

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

جملو = هن مائيءَ جو ڪوبہ سجاتل ٻلي دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ مري پر تاجو هن جي گهر ۾ هوندو.

جملو = روز ٿي مڙس سان ڪاوڙجي اچين، ڪهڙا تولاءِ روز ٽاجا ڪجن.

بيت جي سمجهاڻي = هن ڏکيءَ کي عذابن تي عذاب ڏنائون. سيني ۾ برهہ جو اهڙوڪو ڪان لڳو آهي، جو هيءَ عورت برن ۾ مروئن سان ٻيئي ڏکائتا ميڙ ڪري/تعزيتي گڏجاڻيون ڪري.

## سُر ڪوهياري، داستان ۲، بيت ۱۰

ٻـڙي! تـہ ٻـيـلـي گـهـٽـا، سـاٿـي پـڇـي سـک،
رفـــاقـــت رجـــن ۾، ڏونـــگـــر ڪـــاري ڏک،
آريءَ جـــو اهـــک، مـــون رهـــنـــمـــا راه تـــيـــو.

**اهک:**

آڏواٽي = رنج، اهنج

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = اهنج (عشق)

منگهاٽي = تنگ تيڻ. تڪليف واري سوڙهہ. ناگواريت. ناگواري واري تڪليف.

جملو = تورو پري ٿي! اهک تو تيئي.

جملو = هي ڪم ڏاڍو اَهُکو آهي.

جملو = اسان جيڏو تنهنجا اهک ٽا سهون تون ان جي اڌ جيترو بہ اسانجو اهک نہ سهين.

بيت جي سمجهاڻي = ٻڙي! ساٿي تہ گهٽئي، پر ساٿي بہ سڪ ۾ تا پچن (يا ساٿي بہ سڪ جا طاماعو آهن) ڏک منهنجي واقفيت. رڃن ۾ جبلن سان ٿو ڪرائي. آريءَ جام پنهونءَ جي عشق جي تڪليف/ ڏکيائي، هن سفر ۾ منهنجي رهنمائي آهي.

## سُر ڪوهياري، داستان ۴، بيت ۴

مونڪي جنين ماريو، سڄاتم سيئي،
پنهونءَ پيڪان پچنديا، پلن تان ٻئي،
ويچنئون ويئي، تي وهيٽي سڄٽيين.

**پچنڊيا:**

آڏواٽي = وسايا

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = ورڪا ڪرڻ، وسڪارو مچائڻ

شاهواڻي = وسڪار مچايو

منگهاڻي = چنڊيا، اکين جا ڇپر هيٺ مٿي ڪيا

ڇاپرو/جابلو ٻوليءَ ۾ اکين جي ڇپرن/پپوڻن کي "پچنڊ" بہ چيو ويندو آهي. ۽ اکين جي ٽيڻ/ڇنيڻ کي "پچنڊڻ" چيو ويندو آهي.

جملو = هڪ تہ اکيون ئي سهٽيون اٿس ٻيو وري اهڙي تہ انداز سان پچنڊيون اٿس جو ماڻهن جا هوش ئي ختم ٿي ويا آهن.

جملو = هوءَ ايڏي تہ ٻناڪڻ آهي جو اک جي پوڇڻ ۽ پچنڊ سان ٿي ڳالهائي.

دهل جي هڪڙي قسم جي وڄت کي بہ "پچنڊ" چئبو آهي جنهن۾ آواز هيٺ مٿي ٿيندو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = اڙي دهلاري! هاٺي ڀڄندڙ وڃاءِ!

بيت جي سمجهاڻي = مون اهي سڄاتا آهن. جن مونکي ماريو/ رلايو آهي. پنهونءَ پنهنجن پنهي نيڻن جي ڇپرن کي ڇنيي ڇڻ ۾ تير وسايا آهن هاڻي هوءَ طبيبن جي وس کان ٻاهر ٿي ويئي آهي ۽ وڃي جانب جي وس ٿي آهي.

## سُر حسيني، داستان ٥، بيت ١

ليــڙن لـنگـهـي لـس، مــانـبــاڻـيــان مــتـي ويـا،
ونـي ور واٽ ٿـيـــا، پـنـهــون ڇــام پــهــس،
هــئـــا وڏي وس، پــاروچـــا پــنــيـــور ۾.

**پهس:**

آڏواٽي = زوريءَ

قاضي = زبردستيءَ سان

گربخشاٽي = زور زبردستيءَ سان

شاهواٽي = زبردستيءَ سان

منگهاٽي = ڏاول، سکيو، شاهوڪار

مٿي لفظ "پهس" جي سمجهاڻي ڏنل آهي

بيت جي سمجهاڻي = اٺ، لس ٻيلو پار ڪري (اڪري) مانباڻ (علائقو) کان مٿي/پري ويا. پاروچا منهنجو سکيو/ڏاول شهزادو پنهون ساڻ ونئي روانا ٿيا (سفر تي ويا). پاروچا پنيور ۾ مون لاءِ وڏي وسندي هئا.

## سُر ليلا چنيسر، داستان ٣، بيت ٢

چنيسر سين چاءُ، متان ڪا منڊ ڪري،
ڪانڊ ڪنهين جو نہ وٺي، گيرب ۽ گاءُ،
جي ٿڙي ٿورڙيا ء، تہ دوس دسائي داسڙو.

**گيرب:**

آڏواٽي = مغروري ۽ تڪبر

قاضي = هٺ وڏائي

گربخشاٽي = هٺ، وڏائي، مغروري

شاهواٽي = مغروري

منگهاٽي = ڪمزوري، لاچاري، بيوسي

لفظ ”گيرب“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = متان ڪا عورت چنيسر سان ماٺو ڪري. پتار کي ڪنهنجي بہ لاچاري توڙي تڪبر نٿو وڻي. جي داسڙو ٿوري ڳالهہ تان رسي تہ پنهنجن دوستن کي ڪيرائي فنا ڪريو ڇڏي.

## سُر ليلا چنيسر، داستان ٣، بيت ٥

جي مون موڙهي مت، تہ تون پاڻ سجاڻج سپرين،
اصل اواين جا، عيب ڍڪئين تون ات،
اي‌ءَ پرين تنهنجي پت، جيئن ولهيون ڍڪين ولها.

**اواين:**

آڏواٽي = گمراهہ ٿيلن ۽ بيعقل عورتن

قاضي = موڳين، مورکن

گربخشاٽي = موڳين، مورکن

شاهاٽي = موڳين، بيوقوف زالن

منگهاٽي = بيعقل ڇڙواڳ، بي سمجهہ آزاد، بي متي، مرضيءَ واري.

هاٽي ڏسجي تہ محترم آڏواٽي صاحب لفظ ”اوائي/اواين“ ڪي کھڙيون معنائون ڏنيون آهن. سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ٨، بيت ١ ۾ آهي: ”پاڙي ڏانهن پرين جي، اَچ مَ اوائي“ اتي ”اوائيءَ“ جي معنيٰ ڏنل آهي. ”اي وسوڙا“ سُر ديسي داستان ۴، بيت ٣ ۾ آهي: ”بِلا شيخ مَن يَمشِي فِي الطَرِيقَ، اهڙي اوائي“ ۾ آيل لفظ ”اوائي“ جي معنيٰ ڏنل آهي، ”بد يا خراب وائي“ ۽ مٿئين بيت جي سٽ آهي، ”اصل اواين جا، عيب ڍڪئين تون ات“ - لفظ ”اوائي“ جمع جي صورت ۾ ”اواين“ آهي ۽ اتي معنيٰ ڏنل آهي: گمراهہ ۽ بيعقل عورتون“! هاٽي ڏسو تہ سيئي معنائون هڪ ٻئي کان مختلف آهن.

بيت جي سمجهاٽي = اي محبوب! جي منهنجو هوش خطا ٿيو هجي تہ تون پنهنجو شان سڃاڻج. تون بي متين/بي سمجهن جا توڙ کان ئي عيب ٿو ڍڪين. اي پرين! اهو پڻ تنهنجو شان آهي، جو تون عيب وارين کي ڍڪيندڙ آهين. پردو ڏيندڙ آهين.

### سُر مومل راڻو، داستان ١، بيت ٦

سڄ سياٽي جا ڪري، ساميءَ سائي روءِ،
اڄي ٿي عطر جي، منجهان مڪ بوءِ،
سا ڏيکاريهون جوءِ، جتان لاهوتي لال ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**روءِ:**

آڏواٽي = شڪل

قاضي = منهن، نمونو، صورت، روبرو

گربخشاٽي = زئي، منهن، لقاءُ، ڏيکاءُ

شاهواٽي = ساميءَ جي منهن جو رنگ اهڙو لال هو جهڙو پرهه ڦٽيءَ جي سج جو هوندو آهي.

منگهاٽي = رنگ، رنگت، ڏيکاءُ

جملو = هن جي رُوءِ تہ تانڊي وانگر ٽي ٻري.

جملو = اها هڪڙي ڪاري ۽ سانوري ناهي پر انهن جي سڄي خاندان جي روءِ ڪاري آهي.

جملو = هوءَ تہ پنهنجي روءِ تي ٽي ناز ڪري، اڇو ڪارو سڀ الله ٽو بنائي.

**مگٽ:**

آڏواٽي = ڪٽ، ڇٽ، مستڪ

قاضي = موڙ، تاج

گربخشاٽي = ڇٽ، موڙ

شاهواٽي = ڇٽ، موڙ

منگهاٽي = وارن جو جوڙو. (وارن کي گڏ ڪري هڪ گولي جي شڪل ۾) وانگوڙو ٻڌڻ

جملو = هر وقت وار کليا نہ ڇڏ! مگٽ ٻڌي ڇڏ.

جملو = ٽو ڪيس ڏنو هو! ڪهڙو سهڻو مگٽ ٻڌل هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هاٺي اڱوٺا مگث ڪونہ ٿا نهن. نئين اسٽائيل سان بناءِ.

بيت جي سمجهاڻي = جيڪا روشني ۽ رنگت سج اڀرڻ مهل ڏيکاريندو آهي، اهڙي ئي جرڪندڙ رنگت ساميءَ جي آهي ۽ سندس وارن جي بدل جُوڙي مان عطر جي خوشبو پيئي اچي. ان لاهوتيءَ اچي اسان کي اها منزل ڏيکاري جتان پاڻ رڱجي لال ٿيو هو.

## سُر مومل راڻو، داستان ٦، بيت ٣

اڱڻ آءُ اڪندين، پرچي پيارا،
پلڪ پرانهون نہ سهنءِ، جيءَ جا جيارا،
نيهان نيزارا، سَج تہ مان سور لهي.

**سج**

آڏواڻي = لڳاءِ

قاضي = ڏس، پتو

گربخشاڻي = لڳاءِ

شاهواڻي = نشان ڪيو، چٽيو

منگهاڻي = آڇ/تاڻ

لفظ ”سج“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي پرين! تون پرچي سڪندين جي اڱڻ اچ. اي منهنجي جيءَ جا جيارا! مان هڪ پل بہ تو کان پري رهڻ سهي نہ ٿي سگهان. تون نينهن جا نيزا (دل چيريندڙ نگاهون)ن مون ڏانهن کڻ/آڇ/تاڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر مارئي، داستان ٢، بيت ۴

تــر تــر اندر تــاڪ، عــمــر مــاروئــڙن جــا،
لاتــائــون لـطـيـف چــئـي، مــتــان لـوئــيءَ لاڪ،
عــمــر ڪـريـو آڪ، تـہ پـهــريُـو تـي پـن چــران.

**پهريو/پهرُو:**

آڏواٽي = مال کي پهريو

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = چاري لاءِ جهنگ ۾ پکڙي وڃڻ/مال کي پکيڙي چڏڻ

شاهواڻي = اي عمر! حڪم ڪر تہ مان مال سان (گڏ وڃي) انهن کي پن چاريان.

منگهاڻي = مال وانگيان، مال جيان (پن چران)

اي عمر! حڪم ڪر تہ مان اتي وڃي مال وانگيان پن چران.

"پهرو" معنيٰ "مال، ڌڻ"، "پهرايو" معنيٰ، چاري لاءِ جهنگ مال کي پکيڙي ڇڏڻ.

جملو = ادا! تو وٽ گهڻا پهرو آهن؟

جملو = منهنجو مال ڏڪار ۾ سڀ مري چٽ ٿي ويو باقي وڃي ڪي پهرو بچيا آهن.

جملو = هو ويچارو نهايت غريب آهي وٽس ڪو پهرو ئي ڪونهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي عمر! هر هڪ وستيءَ ۾ ماروئڙن جا تاڻا آهن. هنن ڏک وچان لوئي متان لاڪ جو رنگ لاهي ڇڏيو آهي. اي عمر! اجازت ڏي تہ مان ملير وڃي مال وانگيان پن چران (ڏٿ کاوان)

## سُر مارئي، داستان ٢، بيت ٦

سـهـسـين سـيـبـا ڪـنجـري، لـوئـي تـيـڙم لـيـڙ،
واسـي وار نـہ ويـڙهـيـان، مَـرُ چـڳـون رهـن چـيـڙ،
مـارو جـي مـهـاڙ رءِ، انـدر نـاهـہ اڪـيـر،
هـهـڙو حـال هـمـيـر، ونـي شـال ويـڙهـہ وجـان.

**چيڙ:**

آڏواٽي = منجهيل

قاضي = وارن جو چيڙهہ

گربخشاڻي = چنبڙيل، منجهيل

شاهواٽي = منجهيل

منگهاڻي = مير (وارن ۾ تيل ۽ مٽي ملي جيڪو مير ٿيندو آهي)

جملو = وار ڪيئن ڌوتا اٿئي؟ اجا تہ چيڙ مان پريا پيا آهن.

جـملو = ڪِـني آهين نـہ! دير دير سـان ٿـي مٿـو ڌئين چـيـڙ تـہ ضرور هوندو.

بيت جي سمجهاڻي = سوين ٽوپا منهنجي چوليءَ ۾ آيل آهن ۽ منهنجي لوئي ليڙون ليڙون ٿي ويئي آهي. وارن کي سرهاڻ مکي چوٽي نٿي ڪريان. پلي چڳن ۾ مير هجي. ماروءَ جي ڏسڻ ڏاران ہي ڪابہ سڪ نہ اٿم. اي همير سومرا! شال ههڙي حال سان ئي مان وطن وڃان.

## سُر مارئي، داستان ٣، بيت ٧

ڪـارا ڪـرايـن ۾، ســـون اســـان ڪـــي ســـــوءَ،
وَرُ جـيــڏيـن جي جــوع، فــاقــو فــرحــت پــانـيــان.

**سوءَ:**

آڏواٽي = ماتم

قاضي = ماتم

گربخشاڻي = ڏک، ماتم

شاهواڻي = ماتم، ڏک

منگهاڻي = سوڳ، ”ماتم“ ۾ روئڻ پٽڻ هوندو آهي. ”سوءَ“ ۾ چهرو، لباس، ڳالهائڻ، ڪاڏو ۽ زندگيءَ جي گذارڻ جو طريقو ڏکائتو هوندو آهي. يعني خاموش ڏک جو اظهار.

جملو = انهن تہ سوءَ ۾ ڪٽ تي سمهڻ بہ ڇڏي ڏنو آهي.

جملو = ماڻس جي موت ڪانپوءِ هوءَ اڃا سؤَ ۾ آهي.

جملو = هوءَ سوئاٿي آهي شاديءَ ۾ ڪونہ ايندي.

بيت جي سمجهاڻي = اسان ڪي ڪراين ۾ ڪارا ڌاڳا پئل آهن ۽ سون اسان لاءِ حرام آهي. (سوڳ ۾ سون ۽ زيور پائڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي). سرتين سان گڏجي بک ڪاٽڻ ڪي مان راحت ٿي سمجهان. مبارڪ آهي جيڏين جي بک (لنگهڻ).

## سُر مارئي، داستان ٣، بيت ٩

ور سـي وطـن ڇـايـون، صـحـرا سـتـر جن،
گـولاڙا ۽ گـگـريـون، اوچـڻ ابـاڻـن،
ويڙهيا گـهـمن ولـيين، جـهـانگي منجـهـ جـهنگن،
مـونـکـي مـاروئـڙن، سـج ڳـڻـائـي سـيـج ۾.

### اوچڻ:

آڏواڻي = ڍڪ، پردو

قاضي = (معنىٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = ڪپڙو، ڍڪ، پناهہ

منگهاڻي = چادر، رلي يا ڪوبہ اهو ڪپڙو جيڪو سمهڻ مهل مٿان پائجي.

جملو = ايئن ئي ويچارا سيءَ ۾ پيا آهن، وٽن ڪو اوڇڻ ئي ڪونهي.

جملو = باهر ٿو وڃين پاڻ سان ڪو اوڇڻ کڻي وڃجئين!

### ڳڻائي:

آڏواڻي = ڳڻي ڏني (وڳن جي بدران)

قاضي = (معنىٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = شاديءَ رات سَج ڏاجي ۾ ڏني.

منگهاڻي = شاديءَ مهل ڏنل سوکڙي يا شيءِ (چيز).

جملو = توکي شاديءَ ۾ ڇاڇي ڇا ڳڻايو هو؟

جملو = مونکي شاديءَ ۾ ڇاڇي سٺي کير واري مينهن ڳڻائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مارئي، داستان ٣، بيت ٧

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سوءَ،
وَرَ جيڏين جي جوع، فاقو فرحت پانيان.

**سوءَ:**

آڏواٽي = ماتم

قاضي = ماتم

گربخشاڻي = ڏک، ماتم

شاهواڻي = ماتم، ڏک

منگهاڻي = سوڳ، ”ماتم“ ۾ روئڻ پٽڻ هوندو آهي. ”سوءَ“ ۾ چهرو، لباس، ڳالهائڻ، ڪاڏو ۽ زندگيءَ جي گذارڻ جو طريقو ڏکائتو هوندو آهي. يعني خاموش ڏک جو اظهار.

جملو = انهن تہ سوءَ ۾ ڪٽ تي سمهڻ بہ ڇڏي ڏنو آهي.

جملو = ماڻس جي موت ڪانپوءِ هوءَ اجا سوءَ ۾ آهي.

جملو = هوءَ سوئاڻتي آهي شاديءَ ۾ ڪونہ ايندي.

بيت جي سمجهاڻي = اسان کي ڪراين ۾ ڪارا ڏاڳا پڌل آهن ۽ سون اسان لاءِ حرام آهي. (سوڳ ۾ سون ۽ زيور پائڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي). سرتين سان گڏجي ٻک ڪاٽڻ کي مان راحت ٿي سمجهان. مبارڪ آهي جيڏين جي ٻک (لنگهڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر مارئي، داستان ۴، بيت ١

ميـنـڊيا ڏوئـي نـہ مـارئـي، پـيـس پـنـوهـاريـون چـت،
راڄ رئـاڙي، هـنـجـون هـاري، هـيءَ هُـتـيـجـي هِـت،
آهــس پــائــر پــار جــو، ڪـــجــڻ ۽ ڪـــپــت،
ويـنـگـس ويـڙهـيـچـن رءَ، مـس سـٽـي ڪـا مـت،
ســومــرا! ســپــت، ڪـر تـہ ڪـوٽـيــان نـڪــري.

**ميـنڊيا:**

آڏواٽي = وارن جون چڳون

قاضي = اڌا ڳتيل وار (ڪنواريءَ ڇوڪريءَ جا) وارن جا موڙا

گربخشاٽي = جٽائون، وارن جو چڳون

شاهواٽي = وارن جون چڳون

منگهاٽي = وارن جون سنهڙيون چوٽيون، جيڪي ڪنوارين ڇوڪرين کي سينڌ کان وٺي ڪنن تائين ويڙهيون آهن جيڪي نرڙ/نراڙ کي حلقي/گهيري ۾ جهلي بيهنديون آهن. سنڌي عورتون (جابلو علائقن جون) گهڻو ڪري اهي سنهڙيون چوٽيون ڪنن جي اڳيان يا پوئيان ويڙهينديون آهن. باقي اترين علائقن چترال، گلگت، هنزا، ڪيلاش، ڪشمير، سرحد، افغانستان ۽ روس کان آزادي وٺندڙ مسلمان ملڪ ۽ ترڪيءَ جا اهي علائقا جيڪي اتر ڏانهن آهن اتي جون عورتون پنهنجا سيئي وار سنهڙين چوٽين جي صورت ۾ ٻڌائينديون آهن ۽ "مينڊيا" انهن سنهڙين چوٽين کي چئبو آهي. باقي چڳون تہ وارن جي نڪتل "لٽن" کي چئبو آهي ۽ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ وارن جي چڳن کي (بشرطِ اهي وڪريل هجن) "جادُون" ۽ "چاٺون" بہ چون.

لفظ "مينڊيا" جملن ۾:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مونکي ايترو وقت ٿي ڪونهي جو توکي ميندا ويڙهيان. باقي آءُ تہ وارن کي ڦٽي ڏيئي چوٽي ڪريانءِ.

جملو = ميندا تہ ڪنوارين ڇوڪرين جي سونهن ۽ سجاڳپ آهي.

بيت جي سمجهاڻي = مارئي وارن جون سنهڙيون چوٽيون کولي نہ ٿي ڏوئي. کيس پنوهاريون دل تي تري (ياد) آيون آهن. هيءَ هُتي جي (ملير جي) هِتي (عمر جي ڪوٽ ۾) پاڻ روئي ٻين کي بہ پيئي روئاڙي (هن جا حال ڏسي ٻيا بہ روئي ٿا پون). کيس پنهنجي وطن جو ئي فڪر ۽ ڳاراٽو/ڳڻتي آهي. هيءَ خوبصورت عورت مارن کانسواءِ ٻي ڪابہ ڳالهہ نٿي سٽي. اي عمر سومرا! تون سچائي ڏيکار تہ مارئي ڪوٽ مان نڪري.

## سُر مارئي، داستان ٧، بيت ۴

تن ونهين ويڙهيچن ۾، سدائين سڪار،
جُنديو آٽيو چاڙهيون، سندو ڏونرن ڏار،
جن جو ويڙن سين واپار، سي ڏوٽي هون نہ ڏٻرا.

**ڏٻرا:**

آڏواٽي = مسڪين

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاٽي = ڪمزور (جسم/بدن ۾) سنهڙا/سنها

جملو = هينئر تون اڳ کان ڏٻرو ٿي ويو آهين، بيمار آهين ڇا؟

جملو = ڏڪار جي ڪري مال صفا ڏٻرو ٿي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = هنن مسڪين ويڙهيچن وٽ هميشه سڪار آهي. اسين ڏونرن جون ٽاريون آٽيو انهن مان ڏؤنرا چونڊيو رڌيون. جن ڏوٿين جو جهنگ سان وهنوار آهي سي ڪڏهن به ڪمزور ۽ جسم ۾ سنها نه هوندا.

## سُر مارئي، داستان ٧، بيت ۵

ٿوري قوت قراريا، رهن سبر ست،
ڪتيءَ ۾ ڪه پُڪليا، پوٽن اهڙيءَ پت،
پنهوارڪي پت، پيهي پچ مليرم.

**سبر:**

آڏواڻي = ٻلا

قاضي = طاقت وارو، ڏاڍو

گربخشاڻي = زوراور، سگهارو

شاهواڻي = مضبوط

منگهاڻي =بدن ۾ ٻريل، ٿلها. (ٻَرَ= ٻَلُ، سٻر= چڱي ٻل وارو.)

جملو = اگر ته هو سبر هو هاڻي الائي چا ٿيو اٿس ڏبرو ٿي ويو آهي.

جملو = انهن جي هاڻي ئي اهڙي آهي، سڀئي پائر پينرون سبر آهن.

**ست:**

آڏواڻي = ست ۽ سيل ۾

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاھواٽي = تورو ڪائي ٻہ ست ۽ سيل تي محڪم آھن.

منگھاٽي = طاقت، بھادري

ھتي لفظ ”ست“، ”سيل ۽ ست“ وارو نہ بلڪہ ”طاقت“ وارو آھي ۽ اڄان بہ عام جام ڳالھايو ٿو وڃي.

جملو = ھاٽي اسان ۾ اڳوٽو ست ڪونھي جو ڳرا ڪم ڪري سگھون.

جملو = ھن ۾ ست ئي ڪونھي ھيءُ پنڌ ۾ تنھنجو ساٿ ڏيئي نہ سگھندو.

جملو = ماڻھوءَ ۾ رت ست ھجي تہ اھڙا ڳرا ڪم ڪري.

بيت جي سمجھاڻي = ھو توري ڪاڏي ۾ بہ پرسڪون آھن ۽ ٻت ۾ ٻريل ۽ طاقتور آھن. ھو ڪٿيءَ ۾ ويڙھجي دز ۾ لٽجي اھڙي طريقي گھمن. تون پنوھارن جي عزت ۽ آبروءَ جي پرک وڃي ملير ۾ ڏس ۽ اتان پڇ.

## سُر مارئي، داستان ٨، بيت ٥

بيــــر ڪـنـيـــائـون بـر ۾، پـيـــارين پـھـــون،
سـنـجـن ســـانـــيـــڪـن تـي، وڏيءَ ويـر وھـون،
پـايـو جـــو جـنـدن ۾، ڪــوڏان ڪــن ڪـھـــون،
ڏينـھـان ڏيـنـھـن نئون، مـونـڪي وره ويڙھـيچن جـو.

**پھون:**

آڏواٽي = ٻڪريون

قاضي = ٻڪريون

گربخشاٽي = ٻڪريون، ڏڻ، مال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهواٽي = ٻڪريون، ڌڻ، مال

منگهاٽي = رڍون

مال جي باري ۾ مستعمل ڪئين لفظ اسان وٽ موجود آهن جن مان اهو رڍن/گهيٽن جي جنس لاءِ مخصوص آهي.

لفظ "پهون" جملن ۾:

جملو = ڏڪار ۾ سڀ مال مري ويو باقي وڃي ڪجهه پهون بچيون آهن.

جملو = تنهنجي دل تي رڳو پهون آهن اهو ئي ٿو مال ڌارين.

جملو = هِنئر الله جي مهرباني ٿي آهي پهون وڌيون آهن.

بيت جي سمجهاڻي = هنن برپٽ ۾ ڪوه ڪُنيا (ڪنيا) ۽ رڍون/گهٽا آڻيو انهن کي پاٽي پيا پيارين. سٺ پره اونهن (ٿن سؤ فوٽن جي اونهن) کوهن مان زالون اسر جو وجيو پاٽي ڪڍن، هو ٻُڪن ۾ پاٽي وجهيو خوشيءَ وچان چيهون/ڪيهون پيون ڪن. مونکي ماروئڙن لاءِ عشق ڏينهان ڏينهن نئون آهن.

## سُر مارئي، داستان ٩، بيت ۴

هــن مــنــد مـــارو ســنــرا، ويــڙهــين وڳ واريــن،
چــچــيــا چــيــڪـــاريو چــيــلڙا، پــتين پــهــرائين،
نــيــڻ مــنــهــنــجــا ان کي، جــهــجــهــو جــر هــاريــن،
تـــاڙا تــنـــواريـــن، مـــيــنــهــن وســنــدا مـــوٽ تـــون.

**چِچيا:**

آڏواٽي = هينياڻين پٽن

قاضي = ڇڇ مان، ڍورن مان

گربخشاڻي = هينيائين زمين، ترايون

شاهواڻي = هينيائين زمين، ترايون

منگهاڻي = ڇڙوڇڙ، تورا تورا، ڇِنا ڇِنا.

جملو = انهن جو ڳوٺ ڳتيل نہ هو، ڇڇيا ڇڇيا گهر هئا.

جملو = شادي ۾ صبح ڪان تہ وڏي جهور هئي ماڻهن جي پوءِ شام جو اچي ڪجهہ ڇڇيا ٿيا هئا.

جملو = ٿانون جا ڏوڏا هئا، ڏوئي ڏوئي هاٿي مس اچي ڇڇيا ٿيا آهن.

**ڇيڪاريو:**

آڏواڻي = ڪاهيو

قاضي = ڇيڪ، ڇڙواڳ

شاهواڻي = ڪاهيو

منگهاڻي = ڇڙواڳ ڇڏيو، آزاد بنا ڏراڙ جي

ڪاهڻ ۽ ڇيڪارڻ ۾ اهو فرق آهي جو ڪاهيل مال سان ڪونہ ڪو ماڻهو/ڏراڙ ضروري هوندو آهي، جيڪو مال کي واري ورائي پيو چاريندو آهي. پر ڇيڪاريل/ڇيڪ ڇڏيل مال سان ڪوبہ ماڻهو نہ هوندو آهي ۽ ايئن تڏهن ٿيندو آهي جڏهن گاهہ، مال جو چارو وغيره بي انداز ٿيندو آهي ۽ مال کي واري ورائي چارڻ جو ڪو سوال ئي نہ هجي ۽ ڏڻ جتي بہ بيهي چري اتيئي ڪاج گهٽو ۽ جام لڳو پيو هوندو آهي. گهرن جي اوسي پاسي ئي ڇيلڙن لاءِ عيدون لڳيون پيون هونديون آهن ۽ هو اتيئي ٽينگ ٽپا ڏيئي چرندا ۽ موجون ماڻيندا آهن ۽ ڪين ڪاهڻ جي ڪا ضرورت ئي نہ هوندي آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ڪا هلاڪي ڪانهي، مال ڇيڪ آهي اسين بہ بي اونا ٿيو پيا رهيل ڪر اڪلايون.

جملو = مال کي ”ڇيڪاريو“ پوءِ يڪو واندو ويٺو آهين؟

تاڙا:

آڏواٽي = تاڙا پکي (تاڙي کي سارنگ، چاتڪ، پاپيهو، مينھڻ بہ چون)

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = پاپيهو پکي، جو مينهن جي موسم ۾ اچي پرگهٽ ٿيندو آهي.

منگهاٽي = ڏيڏر

جملو = ڪڪرن جي ڪڙڪي ساڻ تاڙا بہ نڪريو تا تنوارين

جملو = تاڙن ڪيڏو گوڙ ڪيو آهي، مينهن وسڻ کان اڳ تر تر ڪري ڪن پچائي ڇڏيا اٿن.

جملو = خدا جي قدرت آهي تاڙي کي مينهن جي ڪيئن ٿي خبر پوي. جتان ڪٿان تر تر ڪندا نڪري تا اچن.

بيت جي سمجهاڻي = هن مند ۾ مارو سنرا/خوش آهن ۽ ويڙهن ۾ پنهنجا اٺ پيا ورائين. هو ڇيلڙن کي پٽن تي ڇڙوڇڙ ۽ آزاد ڇڏي تا ڏين. منهنجون اکيون انهن لاءِ گهٽو آب پيون هارين. ڏيڏر پيا تنوارين، هينئر برساتون وسنديون. اي مارئي! تون ماڳ تي موٽي وڃ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر مارئي، داستان ٩، بيت ٩

تـــاجـــا تـــر بـــر جـــهـــل، پـــپـــون پـــائـــر وٽ ۾،
ســـيـــئـــي ســـاريـــو ســـومـــرا، اڇـــي آب اڇـــل،
ســـانـــپـــين ڏنم ســـل، ڏنـــي جـــن ڏيـــنـــهـــن تـــيـــا.

**تاجا:**

آڏواٽي = ڪچهريون، رهاٽيون

قاضي = ڪچهريون، محفلون، مجلسون

گربخشاٽي = ٽولي، منڊلي، جلسو، مجلس، رفاقت، رهاڻ

شاهاٽي = مجلسون، ڪچهريون

منگهاٽي = تعزيتي گڏجاٽي، اها جاءِ جتي ڏکايل گڏجي وِهن.

مٿي "تاجا" جي جملن سان سمجهاٽي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاٽي = هينئر ٿر، بر ۾ ڏکائتا گڏجي ويٺل هوندا ۽ ٿر ۾ پپون جام پيدا ٿيون آهن. اي سومرا! انهن (مارن) کي ياد ڪريو. اکين مان ڳوڙهن جي اڇل پيئي اچيم. جن مارن کي ڏني ڏينهن ٿيا اٿم تن منهنجي دل ۾ سوراخ ڪري ڇڏيا آهن (انهن جي جدائيءَ ۾ ڦٽ ٿي پيا اٿم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر مارئي، داستان ١٠، بيت ٧

مونسين ماروئڙيون، ڪهڙيءَ ريت رسنديون؟
چوٽيءَ چيڙ پيو، پين رت چيون،
نيٽين ننڊ وه ٿي، ساري ساڏوهيون،
هتي جي هيون، تہ سڌ پين سيل جي.

**رت چيون:**

آڏواٽي = جون

قاضي = سنهڙيون چيون

گربخشاڻي = سنهيون جون

شاهواڻي = جون

منگهاڻي = جونءَ جا ٻچا

وارن ۾ چيڙ/مير جي ڪري جيوڙا پيدا ٿيندا آهن جيڪي پهرين آنن/بيضن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن جن کي ”ليک“ چئبو آهي، پوءِ جڏهن آنا ڦٽندا آهن ۽ ان مان ٻچا نڪرندا آهن تہ انهن کي ”چيون“ تو چئجي. اهي ٿوريون وڏيون ٿينديون تہ انهن کي ”بوڙينگيون“ چيو ٿو وڃي ۽ اهي اڃا وڏيون ٿينديون تہ ان کي ”بوڙ يا جون“ ٿو چئجي.

”رت چيون“ لطيف سائينءَ ان ڪري چيو آهي جو اهي بلڪل جمڙيءَ سان چهٽي رت پيئنديون آهن جنهن ڪري تمام گهٽي خارش ٿيندي آهي ۽ اهي سڀ مصيبتون/مسئلا آهن مير يا چيڙهہ جا ۽ چاڪاڻ تہ مارئي مارن وٽ ويڙهيل مينڍا عمر جي ڪوٽ ۾ ڪونہ ٿي ڇوڙيا ان ڪري انهن ۾ چيڙهہ بہ هوندو تہ رت چيون بہ هونديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = مارئي سانگيءَ کي جواب ٿي ڏي تہ ”مون سان ماروئڙيون ڇا جي ڪاڻ رسنديون منهنجي چوٽيءَ ۾ چيڙهہ پئجي ويو آهي ۽ وارن ۾ رت جيون پئجي ويون آهن. چار جي وٽن کي ياد ڪري نيڻن جي ننڊ حرام ٿي ويئي آهي. جي هتي هجن ها تہ سيل نباهڻ جي خبر پوين ها.“ (سرتين کي خبر پوي ها تہ ست تي قائم رهڻ کهڙو ڏکيو آهي).

## سُر مارئي ابيات متفرقہ ٦

جت ڪرڙ ڪنا ۽ ڪاهيون، پال پڪا ۽ پَڪَ،
سرهيون سي سرتيون، حاضر پاسي حَقَ،
ماروئن سين ماٽيان، شال منداڻتي مَڪَ،
ڪنڪاريان خلق، جا تر جائي ۾ توهرين.

**مڪ:**

آڏواٽي = ڪبڙ جو لال ميوو

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = ڪبڙ جي وڻ ۾ هڪ قسم جو ڳاڙهيرو ميوو، ٻاجهريءَ جي داڻي جيڏو ٿيندو آهي جنهن کي ”مڪ“ سڏيندا آهن.

شاهواٽي = ڪبڙ جو ميوو

منگهاٽي = اَڪَ جو ڦلُ ۽ ڦرُ (ميوو)

معلومات لاءِ عرض آهي تہ، ڪبڙ جي لال ميوي کي ”پيروُن“ ڇئجي.

جملو = هينئر اڪ ڦلاريا آهن ۽ مَڪَ بہ ٿيا آهن.

جملو = هن مند ۾ اڪن ۾ مڪ گهڻا ٿيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اَڪَ جي وڻ مان پَڙوالَ ۽ ٿوهر جيان ڪير نڪرندو آهي)

بيت جي سمجهاڻي = جت اوني فراسيون، ڪتا، ڏاس جا پورا، جهوپڙا، لال ڏونرا ۽ پڪي پپ آهن، تتي اهي سرتيون خوش آهن، جي پنارن جي پر ۾ موجود آهن. شل مان مارن جي صحبت ۾ اڪ جو ميوو مڪ مند تي ماڻيان؛ جي هيءَ ٿر ڇائي ٿوهرن ۾ وڃي ته هوند ساري خلق کي ڪينڪاري گڏجان.

## سُر ڪاموڏ، داستان ١، بيت ١١

پاپوڙو پيش ڪيو، نئون نوريءَ نيئي،
حاضر هيون هڪيون، سميون سيئي،
نوازي نيئي، گاڏيءَ چاڙهي گندري.

**هڪيون:**

آڏواڻي = حاضر

قاضي = حاضر

گربخشاڻي = موجود، حاضر

شاهواڻي = حاضر، موجود

منگهاڻي = ان ئي مهل، تنهن ئي وقت، بلڪل ان مهل، هڪدم تڪڙيون، جلدي موجود.

لفظ حاضر ته ماڳهين بيت ۾ موجود آهي ۽ جي ”هڪيون“ جي معنيٰ به حاضر ڏجي ته بيت جي سٽ ٿي پوندي؛

حاضر هيون حاضر، سميون سيئي.“ جڏهن ته سٽ جي معنيٰ آهي: ہر وقت تيار ۽ حاضر هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مون وٽ هڪيو تہ پيسا حاضر ناهن جو توکي ڏيان.

جملو = تون ٻانئين تہ تون چوين ۽ هر ڪا شي تو وٽ هڪي حاضر هجي.

بيت جي سمجهاڻي = نوريءَ ڄام اڳيان، ٻاٻوڙي جي نئين وٽ سوغات طور پيش ڪئي (يا ٻاٻوڙي جي پوشاڪ پهري پيش ٿي). اتي سڀيئي سميون (ڄام تماچيءَ جي حويليءَ جون) بروقت تيار ۽ حاضر هيون. ڄام تماچيءَ (ٻين سمين کي ڇڏي) نوريءَ کي نوازيو ۽ پاڻ سان گڏ گاڏيءَ ۾ چاڙهي وٺي ويو.

## سُر ڪاموڏ، داستان ۲، بيت ۷

چامان اڳي جي ڄائيون، تن جي نرت نوريءَ کي ناهہ،
نہ منهين نہ مارڪي، نہ وڃن ڪنهن وهاڻ،
سي ڪينجهر ڪنديون ڪانه، جن تماچي تڪيو.

**مارڪي؛**

آڏواٽي = غميءَ جو ميڙ

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = منڊپ، ڇانوٽي (مارڪو)

شاهواٽي = زالن جو ميڙ (شاديءَ يا غميءَ وقت)

منگهاٽي = ڳالهيون ٻوليون

لفظ واحد "مارڪو" جمع "مارڪا" اڄ بہ ڏينهن ۾ ڏهہ پيرا (ضلعو لسٻيلو ۽ ڪوهستان جي هر گهر ۾) ورتو/ڳالهايو ٿو وڃي.

جملو = ويهي منهنجو مارڪو ٻڌ تہ لطيف سائينءَ جي لفظن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڪيئن اونڌيون معنائون ڏنل آهن.

جملو = چوري! جاءِ تي آهين يا نه! سچو ڏينهن تي مارڪا ڪرين.

جملو = ڏيءَ، مارڪي مان جي پيٽ پريو هجي تہ آءُ اچي ٻيو ڪم پي ڪرا!

بيت جي سمجهاڻي = چام تماچيءَ ڪان اڳ جيڪي سميون ڇايون (محل جو وڏڙيون) تنجي چاڻ نوريءَ کي ناهي. اهي تہ نہ ڪنهن جي گهر وڃن نہ ڪنهن سان ڳالهائين، نہ ڪنهن شاديءَ ۾ وڃن. جن جو آڌار چام تماچي آهي سي ڪينجهر کي ڪاڏي ڪنديون.

## سُر گهاتو، داستان ١، بيت ١

گهنگهريا گهڻ چاڻ، موڙهي مت مهائين،
ويا گڏجي وير ۾، پيا منهن مهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارن وسري.

**تاڻ:**

آڏواٽي = وقت

قاضي = ٿاٽو، تعنو

گربخشاٽي = وير چڙهڻ ۽ لهڻ جا وقت

شاهواٽي = وقت

منگهاٽي = زور، طاقتون

جملو = سنئون تي ڳالهاءِ ايڏا تاڻ نہ ڏي.

جملو = سڪتا تاڻ تي ڏنائين ڳالهہ ۾ حال ڪونہ هوس.

جملو = سڀ ٻرا سامان مون ڪنيا تو رڳو تاڻ ڏنا. ڪٿي

ڪجهه به نه سگهينءَ.

بيت جي سمجهاڻي = گهٽو چاٽندڙ/ماهر به منجهي پيا ۽ بهادرن جون متيون ۽ هوش ئي خطا ٿي ويا. هو (سيئي يائر) گڏجي وير ۾ گهڙيا ۽ ڪلاچي جي ڪُن جي گهير ۽ جهڙپ ۾ اچي ويا. ويچارن کي سڀيئي زور ۽ طاقتون وسري ويا.

## سُر گهاتو، داستان ١، بيت ٦

ڏهـاـٽـيءَ ڏنـم ڪـيـتـــرا، جـنـين مـــاريـو مـــوڪ،
گــهــر ۾ گــهــاتـوئـڙن جــا، تــا مـاريـنـم تــوڪ،
لـــڏي وچـــــان لـــوڪ، اونـــهـــي ويـــا اوهـــري.

**توڪ:**

آڏواڻي = سامان

قاضي = ٽول، مال، اسباب

شاهواڻي = شيون (هنن جي هٿن جو نشانيون)

منگهاڻي = سندن مخصوص وهڻ جا هنڌ/جاءِ. وهڻ جي جاءِ سندن نشانيون

**اوهري:**

آڏواڻي = گم ٿي

قاضي = (اوهرڻ = پيڙين جو روانو ٿيڻ) اسري، نڪري

گربخشاڻي = اسري، ڪسڪي

شاهواڻي = پيڙيون ڏڪي يا ڇوڙي

منگهاڻي = هيٺ لهي ويا. سمنڊ جي پاٽيءَ ۾ هيٺ لهي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”اوهري“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = جن مهاڻن ڳچ انداز ۾ مڇيون ماريون، تن مان ڪيترا ڏهاڻي ڏنم. گهر ۾ گهاتوئڙن (ملاحن) جي وهڻ جون جايون (مخصوص) ۽ سندن هٽن جون نشانيون مونکي مارين ٿيون. هو هلندي ڦرندي (چڱا ڀلا/بيمار ڪونہ هئا) ماڻهن جي وچ منجهان هليا ويا ۽ اونهي سمنڊ ۾ لهي ويا.

## سُر ڪيڏارو، داستان ١، بيت ٣

مـــيــر مـــديـنـئـا نـڪـــري، آيـا نـہ مـــوٽـــي،
ڪـــارا رڱـــج ڪـــپـــــڙا، ادا نـــيـــــروٽـــــي،
آنءُ تـنـين لـئـہ لـوٽـي، جي مـيـر مـسـافـر رانـئـيـا.

**ادا نيروٽي:**

آڏواڻي = ادا رنگريز!

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = نير ۾ ٻڏل، نير سان رڱيل

بيت جي سمجهاڻي =

آڏواڻي صاحب لفظ ”ادا“ کي لفظ ”نيروٽي“ سان گڏي/ سلهاڙي ”ادا رنگريز“ چيو آهي، جڏهن تہ ”نيروٽي“ رنگ آهي ۽ رنگريز کي ”راڱي“ تہ چئجي، سٽ آهي. ”ڪارا رڱج ڪپڙا، ادا! نيروٽي“. يعني: ڪپڙن کي ڪارو رنگ ڏج، ادا! ڪپڙا نير مان ٻوڙي رڱج.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**لوني:**

آڏواڻي = منيس، جليس

قاضي = رليل

گربخشاڻي = مني، جلي

شاهواڻي = مني، جلي، رلي

منگهاڻي = سڪٽي، نياڳي، پنهنجي ڳالهہ ۾ مرضيءَ واري

لفظ ”لوني/لونيون“ جي پويان جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = شهزادا مديني ڪان نڪري، وري واپس نہ آيا. (ڪربلا ۾ وڃي شهيد ٿيا)، ادا! ڪارا ڪپڙا نير مان ٻوڙي رڱج! (سوڳ/سوءَ جا ڪپڙا) مان انهن مسافر شهزادن لاءِ سڪٽي ۽ نياڳي ٿيس جيڪي هليا ويا (شهيد ٿي ويا).

## سُر ڪيڏارو، داستان ٣، بيت ١

ڏنو ڪالهہ ڪهين، جهونجهارڪو جهڳڙو،
هاٿين هڏ مچائيا، ريلو رت نئين،
ياڻئين سا سنئين، جيان جيءَ جوکو ٿيئي.

**نئين:**

آڏواڻي = هاري

قاضي = نندي ندي، نهر

گربخشاڻي = نمي، هاري، وهائي

شاهواڻي = نمي، هاري، وهائي (رت جا ريلا وهائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = ننڍڙي دي (رت جا ايڏا ريلا وهيا جو نديون وهي ويون)

سُر سريراڳ جي داستان ٦ جي بيت ٨ ۾ آيل آهي:

"نڪو سک نکتين، نہ ويساند نئين" ان ۾ آيل لفظ "نئين" جي معنيٰ آڏواڻيءَ صاحب "نهرون" ڏني هئي ۽ هتي "هاري" ڏنل آهي. حالانڪہ لفظ ساڳيوئي "نئين" آهي.

لفظ آهن، "ريلو رت نئين" يعني، رت ايترو وهيو ريلا ڪري جو نديون بنجي ويون. هونئن بہ آڏواڻي صاحب "نئين"، "ڍوري" ۽ "ڍوريءَ" کي نهرون ئي چيو آهي. عظيم سنڌي ٻوليءَ جي اهائي عظمت آهي جو ذري ذري لاءِ ڌار نالا آهن جنهن جي ڪري ماڻهوءَ لاءِ هر ڪيفيت جو اظهار ڪرڻ آسان بنجيو پوي. جيئن ڪٿي مينهن پيل هوندو تہ اتان آيل کان پڇبو، "ڪيترو مينهن پيو آهي؟" جي مينهن ٿورو پيو هوندو تہ جواب ڏيندو. "مينهن تہ پيو ئي ڪونهي، بس گندي پوسال هو" يعني مس رڳو ڪپڙا ئي آلا ڪيائين. جي ان کان ڪجهہ وڌيڪ پيو هوندو تہ چوندو، "مڙيئي ڪجهہ پيو آهي، ڪر ڪائنتي آهي" يعني، ڪانتا (زمين ۾ پيل نندا ڪڏا کوٻا ڀريا آهن) ڀريا آهن! جي ان کان وڌيڪ مينهن پيو هوندو تہ جواب ڏيندس، "شڪر آهي رب جو ڍوري ڍٻ ڀريا آهن"، جي ان کان وڌيڪ هوندو تہ چئبو، "الله جون مهربانيون آهن ڍوران تار آهي" ۽ ان کان مٿي هوندو تہ، چئبو، "موج لڳي ويا آهن نديون نيئون ٿوب آهن."

بيت جي سمجهاڻي = اهڙو ڪو آهي جنهن پنهنجن اکين سان هيءَ بهادرن جي لڙائي ڏٺي؟ هاٿين پنهنجا هڏ وڏايا ۽ رت ريلا ڪيا ۽ نديون وهي ويون. سورهہ انهيءَ منزل کي آسان ٿا سمجهن جتان جيءَ کي جوکو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ڪيڏارو، داستان ٦، بيت ٢

چپر جيئن پهون، تيئن رڻ ڳجهين رانئيو،
ونڪا ونڪن گڏيا، ڊوڙيو ڏين ڍهون،
مهاين وهون، نير مهانگو ڪنديون.

**پهون:**

آڏواڻي = ٻڪريون

قاضي = ٻڪريون

گربخشاڻي = ٻڪريون، ڌڻ، مال

شاهواڻي = ٻڪريون، ڌڻ، مال

منگهاڻي = رڍون (گهٽا/گڏا)

جيئن رڍون اڇيون/سفيد آهن ۽ ڳجهون ٻه اڇيون/ ميرانجهڙيون ٿينديون آهن. جيئن جبل ۾ سفيد رڍون هونديون آهن تيئن ڪربلا جي ميدان ۾ ڳجهون لاشن جي مٿان ٻيٺل/ويٺل آهن.

لفظ "پهون" جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

**ڍهون:**

آڏواڻي = هلائون

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = هلان، ٿيلهو، ڌڪو

شاهواڻي = ڌڪو، ٿيلهو

منگهاڻي = ٽڪرون سِسيءَ سان سسيءَ تي) ٽيپرون، جيئن جانور وڙهندا آهن ٽڪرن سان مٿي کي مٿو هڻي.

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

جملو = مال ڪي ابا جهليو. اتڪي پيا آهن ڍهون ڏيئي هنن تہ پنهنجا مٿا ئي پيچي چڙيا آهن.

بيت جي سمجهاڻي = جبلن/ چپرن ۾ جيئن رڍون پڪڙيل هونديون آهن. تيئن جنگ جو ميدان ڳجهن ڀري ڇڏيو آهي (لاشن کي پٽڻ ۽ کائڻ لاءِ) بهادر. بهادرن جي سامهون ٽيا ۽ ڊوڙيو هڪ ٻي کي ٽڪرون ٽا هڻن. شهيدن جون زالون نير مهانگو ڪنديون. (ڇو جو نير پڏل ڪپڙا (سوگ/ سوءَ منجهان) پائڻا پوندن ۽ انهيءَ ڪري نير جي بازار ۾ اڻ هوند ٿي پوندي ۽ ان جو ملهہ وڌي ويندو).

## سُر ڪيڏارو، داستان ٦، بيت ٣

ڪـــوپـــا ڪـــلـــي ڪـــوڏيـــا، راوت ڪـــين رهـــن،
ســـائـــن سِـــر فـــدا ڪـــيـــا، اڳـــيـــان امـــامـــن،
"يُـجـاهِـدُون فِـي سَـبِـيـلِ الله"، ڪـم اهـوئـي ڪـن،
حـــورون هـــار پـڌن، ســـهـــرا شـــهـــيـــدن ڪـــي.

**سائن:**

آڏواڻي = پهلوانن

قاضي = نيڪ، سکر، سورهيہ

گربخشاڻي = سچا

شاهواڻي = سچا

منگهاڻي = سهڻ وارا، صابر، برداشت ڪرڻ وارا بهادر

ساڳيو لفظ واحد صورت "سائو" سُر ڪيڏاري جي داستان ٥ جي بيت ٣ ۾ آهي "ڪلي وير ڪٽڪ ۾. سائو سڀ نہ هونِ" جتي آڏواڻي صاحب ان جي معنيٰ "سورهيہ" ڏني آهي ۽ هي ٻئي بيت سُر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏاري جا آهن جن ۾ لفظ ”سائو/سائن“ آهي تنهن ڪري ان صاحب ان جي معنيٰ ”سورهه ۽ پهلوان“ ڏني آهي يعني جنگ جي ميدان ۾/ لشڪر ۾ سيڪو سورهه ناهي. (ميدان ۾ سر اهيئي اڇلي ڏيندا آهن جن لاءِ موتڻ مهٽو هوندو آهي). يا ”سائن سر فدا ڪيا، اڳيان امامن“ مان تہ آڏواٽي صاحب اهوئي سمجهي سگهيو تہ، امامن اڳيان پنهنجا سر بهادر پهلوان ئي فدا ڪري تا سگهن. پر اوهان کي ياد هوندو تہ سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ٣ جي بيت ١٦ جي سٽ ”اڄ اڱڙيا آيا، سائو ڪي سڄاڻ“ ۾ آيل لفظ ”سائو“ جي معنيٰ ”ماهر، فن ۾ ڪامل“ ڏنل آهي. جڏهن تہ لفظ ”سائو“ جي معنيٰ هِتي ۽ هُتي اهائي ساڳي آهي ”سهڻ وارا (صابر) برداشت ڪرڻ وارا (بهادر) آهي.

بيت جي سمجهاڻي = جنگ جا شائق، سورهه ۽ پهلوان، جنگ ۾ سر جي بازي لڳائڻ کان نٽا رهن. ڏک ۽ وار سهڻ وارن بهادرن، امامن جي مٿان/اڳيان پنهنجا سر فدا ڪيا/قربان ڪيا. ”الله جي واٽ ۾ وڙهن ٿا“ هو اهوئي ڪم ٿا ڪن. جنت جون حورون شهيدن کي هار ٽيون وجهن ۽ موڙ ٽيون ٻڌن.

## سُر سارنگ، داستان ١، بيت ١

آڳميو آهي، لڳهه پس لطيف چئي،
وٺو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي،
ڇن ڇڏي پٽ پئو، سمر سنباهي،
وهو مَ لاهي، آسرو الله سان.

**ڇن:**

آڏواٽي = هيٺانهان ميدان

قاضي = گاهه ۽ وٽن واري ترائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهواٽي = هينيائين جاءِ، ڇپر

منگهاٽي= گهر، پونگا، پکا (جن کي ”ڇنا“ به چئبو آهي)

لطيف سائين چوي ٿو ته، ”پکا/ڇنا ڇڏي سمر ساري کٽي ٻاهر نڪرو. مال جي سانگي ”وانڍا“ ٿيو ۽ الله مان آسرو نه لاهيو، مينهن به بس آيو ڪي آيو. لفظ ”ڇن/ڇنا“ جملن ۾:

جملو = شادي اچي مٿي ٿي سهڙي آهي ۽ اجا اوهان ”ڇنا“ به ڪونه اڏيا آهن.

جملو = منهنجو هيرڪو اڏيل ”ڇنو“ سيني ”ڇنن“ کان زور آهي.

جملو = ٻاهر ڇو ٻينو آهين؟ اچي ”ڇني“ ۾ ويهه.

بيت جي سمجهاڻي = جهڙ لڳو پيو آهي. گهرا ڪڪر پيا ڏسجن. وڏ ڦڙو وسيو آهي. (اي مالوارو!) ڏڻ ٻاهر ڪريو! سامان سڙهو سمر وغيره سهيڙي گهر/ڇنا ڇڏي ميدانن ڏانهن نڪري پئو. ڏٽيءَ مان آسرو لاهي نه وهو.

## سُر سارنگ، داستان ١، بيت ١٢

بر وٺا ترَ وٺا، وٺيون ترايون،
پره جو پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ پرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن ساميون، پولايون رانئيون،
پانهيون ۽ پايون، پکي سونهن پانهنجي.

**پولايون:**

آذواٽي = پوريون مينهون

قاضي = سامهون اڇي ٽڪي واري مينهن

شاهواڻي = خاص رنگ جون مينهون

منگهاڻي = ٻولائي ان ڳئون کي چئبو آهي جنهنجي مٿي تي يعني نرڙ تي اڇو ٽڪو هجي. ايئن ئي اهڙي اڇي ٽڪي واريءَ مينهن کي ”چال“ چئبو آهي. مطلب ته ”ٻولائي“ مينهن کي چئبو ئي ناهي. بلڪ اهو نالو ڳئون لاءِ ئي مخصوص آهي.

**رائٽي/رائي:**

آڏواڻي = خوش ٿيو

قاضي = مينهن جو قسم

شاهواڻي = خاص رنگ واريون مينهون

منگهاڻي = رائٽي يا رائي ڀيٺري (پيلي/هيڊي/ڦڪي) يا تيلي رنگ جي ڳئون کي چئبو آهي. هونئن به، ڪنهن به تندرست ۽ خوبصورت ڳئون کي پيار مان ”رائي“ چئبو آهي پوءِ ڀلي هنجو ڪهڙو به رنگ هجي. هتي جي نه ايندڙ لفظن جون معنائون آڏواڻي صاحب نه ڏي ته ڪيس ڪو به ميار نه ڏي ها (ڪيترن لفظن جون معنائون نه به ڏنل آهن) ڇو جو هو صاحب هڪ عالم ۽ قلم ڌڻي آهي، ڪو ڏراڙ وغيره ته ڪونهي جو مال وغيره بابت معلومات ڏي. هونئن عام تاثر اهوئي آهي ته شهري ماڻهن کي اٺ، مينهن، ڳئون، ٻڪري ۽ رڍ مطلب ته مال وغيره بابت معلومات نه هئڻ عجيب ۽ حيرت جهڙي ڳالهه ناهي بلڪ عجيب ۽ حيرت جهڙي ڳالهه اها هجي جي ڪين مال بابت معلومات هجي. ڇو ته اها ڳالهه ان باري ۾ عام آهي ته شهري ماڻهوءَ کي مال جي ڄاڻ ڪانهي (هئڻ به نه گهرجي).

لطيف سائينءَ جي اها سٽ نهايت اهم ۽ قابل غور آهي، جنهنجو تذڪرو نثري حصي ۾ ٽيڻ گهربو هو. (جيڪو شايد ڪيس اهم نه ڀاسيو) سٽ آهي. ”ساري ڏهن سامهيون، ٻولايون رائٽيون“.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

يعني سارنگ جي مند آهي. برسات گهٽي پيئي آهي، گاهه وغيره يعني مال جو چارو ۽ ڪاچ به بي انداز آهي ۽ مال به ڏوَ تي ڪائي مست لڳو پيو آهي ۽ مال ۽ کير ايترو ته گهڻو آهي جو ضرورت کان بي حد گهڻو آهي. نيڪ آهي ضروت ته ناهي کير جي، پر پوءِ به کير ڏيندڙ سيوئي مال ڏهبو ته ضرور. ڇو ته جو مال جي اوهن ۽ ٿڻن ۾ کير جو هئڻ ۽ نه ڏهڻ واري صورت ۾ مال جا اوهه ۽ ٿڻ ڏکي/ڪڙهي پوندا ۽ ٻتاريون ڪري خراب ٿي ويندي يون. سو جهنگ ۾ جڏهن اهڙي صورتحال ٿيندي آهي ته پاڳيا پنهنجو کير ڏيندڙ سمورو مال ساري، سنڀاري، حساب ڪري هڪ هڪ ڪي ڳٽي يادگيريءَ سان ڏهندا آهن ۽ پوءِ اهڙي سڪار واري مند ۾ اهو به دلچسپ لقاءُ ڏسبو آهي جو پاڳيا کير ڏهندا آهن ۽ مال جي ٻچن کي ۽ خود مال کي به پياريندا آهن ۽ جي اڃا به گهڻو آهي ته هو ڏهندا ۽ هاريندا ويندا آهن ڇو جو جهنگ ۾ وڪڻڻ سو به اهڙيءَ مند ۾ ته سوال ئي پيدا نه ٿيندو آهي. باقي رکڻ ۽ جُهڳڻ/ ولوڙڻ لاءِ به ٿانو سنڌ ڪپن جيڪي پڻ محدود هوندا آهن. سو اهڙيءَ مند ۽ اهڙيءَ مهل لاءِ اها سٽ آهي:

”ساري ڏهن سامهيون، ٻولايون رانئيون.

باقي ٻئي ڪنهن کي ڏجي به ته ڪيئن، ان مهل ڪوبه ضرورت مند نه هوندو آهي ڇو جو، غريبن ۽ شاهوڪارن جون عورتون پنهنجن گهرن ۾ سکيون هونديون آهن.

”پانهيون ۽ پايون، پکي سونهن پانهنجي“

بيت جي سمجهاڻي = برن، ترن ۽ تراين ۾ مينهن وسيا آهن. اسر جو پٽن ۾ ڏڌ ولوڙڻ جا آواز پيا پرن. مالدار عورتون آسوديون ٿيون آهن ۽ سندن هٿ مکڻ مان پريل آهن ۽ مالوند پنهنجون خوبصورت ۽ تندرست ڳئون ساري حساب ڪري هڪ هڪ کي ڳٽي يادگيريءَ سان ٿا ڏهن. پانهيون توڙي سائنٽيون (مالڪياڻيون) پنهنجن گهرن ۾ ئي پيون سونهن/ٺهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سارنگ، داستان ١، بيت ١۴

بـر وٺــا، ٿــر وٺــا، وٺــو جــيــســر مــيــر،
آڳــم ڪــري آئــيــون، پــائــر پــري پــيــر،
لاٿــائــون لــطــيــف چــئــي، وانــديــن مــٿــان ويـر،
سرها ڪيائون سير، سرهيون سنگهاريون ٿيون.

**وانديون:**

آڏواٽي = اڪيلين زالن

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = وڏيرين، چڙين زالن، ڪنواريون زالون

منگهاٽي = ”وانديا“ انهن کي چئبو آهي جيڪي مال جي سڪ/ چاري لاءِ گهرن کان پري/ٻاهر گذاريندا آهن. مرد ”وانديو“ ۽ عورت ”وانديءَ“.

ڏڪار مهل گهرن جا گهر ٺي مال جي سڪ سانگي پنهنجن گهرن کان/ڳوٺ کان ٻاهر نڪري پوندا آهن ۽ جتي بہ گاهہ ذرو/مال جو چارو ۽ پاڻيءَ ڇُڪو ڏٺائون اتيئي پونگا/پڪا/چنا اڏي ويهي رهندا آهن. مال خوش تہ پاڻ بہ خوش. اتان ڪنهن اڻ سڃاتل واٽهڙوءَ ڪائنڻ پڇيو، ”هتي ٿا رهو؟“ تہ اهي جواب ڏيندا. ”نہ ڀائو! ڳوٺ اسانجو فلاڻو آهي، گهر اسان جا اتي آهن هتي اسين ”وانديا“ آهيون. يعني گهر ۽ ڳوٺ کان پري مال سانگي رهندڙن کي ”وانديا“ ٿو چئجي نہ ڪي اڪيلين زالن کي حضور نبي صلعم وانگيان لطيف سائين بہ عورتن کي وڏو مانُ ۽ عزت ڏني آهي. سو مٿئين بيت ۾ بہ ”وانديون“ جي ڳالهہ پيو ڪري ۽ دعائون ڏي تہ:

”لاٿــائــون لــطــيــف چــئــي، وانــديــن مــٿــان ويـر“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني: مينهن وسي وانڍين مٿان ڏک ۽ جدائي جي وير (مهل) لاهي ڇڏي آهي.

”سرها ڪيائون سير، سرهيون سنگهاريون ٿيون.“

معنيٰ: سيئي رستا ساوا ۽ خوشحال آهن ۽ سڀيئي سنگهاريون خوش آهن ڇو جو هاڻي مينهن وٺو آهي، سڪار ٿيو آهي ۽ هو (وانڍيون) پنهنجي ڳوٺ ۽ گهر ويندڀون ۽ پنهنجن سان ملنديون.

بيت جي سمجهاڻي = بر وسيا، ٿر وسيا، ۽ جيسر مير وسيو (مينهن ٿرن برن ۽ جيسلمير کي سرسبز ڪري ڇڏيو) مهربانيون ڪري/ٿورا لائي مينهن جهڙ ڪري ٿر ۾ هلي آيو آهي ۽ گهر ۽ ڳوٺ کان پري مسافر عورتن تان ڏولائو لاٿائين گس ۽ پيچرا سرهاڻ سان واسي ڇڏيائين ۽ سنگهاريون خوش ٿيون.

## سُر سارنگ داستان ٢، بيت ١

سارنگ سائي سٽ، جهڙي لالي لاڪ جي،
اِئن سي اُبن انگيا، جئن سي چنيءَ چٽ،
برسيو پاسي پٽ، پريائين ڪن ڪراڙ جا.

**سِٽ:**

آڏواڻي = جنسار، سينگار

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = طؤر، طريقو، نمونو

جملو = جيڪا بہ سٽ سٽيائين اها پنهنجي پارياڻين.

بيت جي سمجهاڻي = سارنگ جو اهوئي ساڳيو نمونو ۽ طريقو

آهي جهـڙي لاک جي لالاڻ آهي. (وڄن جي ڳـاڙهاڻ ڏانهـن اشـارو) ڪڪرن ايئن چٽ ۽ رنگ ڪيا آهن جيئن رنگين ٻوٽيءَ تي گلڪاريون ٿين. مينهن ڀٽ (شاهه جي ڀٽ) پاسي وسيو ۽ ڪراڙ ڏنڊ (ڀٽ ڀرسان ڏنڊ) جا اوسا پاسا ۽ ڪنارا ڀري ڇڏيا آهن.

## سُر سارنگ، داستان ٢، بيت ٧

ڪُڙڪن ڪانڌ چٽ ڪيو، جهـڙ ڀسيو جهـڄن،
ور رِءَ وانـديـن اڏيـا، پـڪـا سـي مَ پُـسـن،
وارث وري تـن، اڄـي شـال اولـو ڪـري.

**وانڊين:**

آڏواڻي = بيواهه زالن

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = ماني وندبيندڙ، رنڙين

منگهاڻي = گهر ۽ ڳوٺ کان ٻري مال جي سانگي رهندڙ عورتون، هونئن تہ مٿي لفظ ”وانڊين“ تي تفصيل سان سمجهاڻي ڏنل آهي پر وري بہ هتي وڏيڪ ڇوڻ/سمجهائڻ جي گنجائش ۽ گهرج آهي ڇو جو هن بيت کان مٿين بيت ۾ آيل لفظ ”وانڊين“ جي معنيٰ آڏواڻي صاحب ”اڪيليون زالون“ ڏني هئي ۽ هتي ساڳي ئي لفظ ”وانڊين“ جي معنيٰ ”بيواهه زالون“ ڏنل آهي.

(منهنجو موضوع جيئن تہ محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جو ترتيب ڏنل ”شاهه جو رسالو“ آهي اهو بہ چوند بيتن ۽ واين وارو، تنهن ڪري هن صاحب جون ڏنل ڏکين لفظن جو معنائون ئي زير تبصري آهن نہ تہ شاهواڻي صاحب بہ گهڻ هاڃا نہ ڪيا آهن. سُر سارنگ جي داستان ١، بيت ١۴ جي سٽ آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لاٽائون لطيف چئي وانڍين مٿان وير“

اتي لفظ ”وانڍين“ جي معنيٰ ڏني اٿس ”وڏيرين“ ۽ هن بيت جي سٽ آهي:

”وَرَ رِءِ وانڍين اڏيا، پڪا سي مَ پُسن“

ان ساڳي لفظ ”وانڍين“ جي معنيٰ ڏنل آهي. ”مانيءَ جي ونڊ وننڊڙ رنڙيون“، هاڻي حساب لڳايو رڳو هڪ لفظ جي ڏنل معنائن جي هاڃي جو. يعني هڪ ئي لفظ جي معنيٰ ’ ”وڏيريون“ ۽ ”ونڊ وننڊڙ رنڙيون“ ڪيڏو تضاد آهي ٻنهي معنائن ۾! حالانڪه مونکي آڏواڻي صاحب جي ترتيب ڏنل ”شاهه جي رِسالي“ کان علاوه ٻي ڪنهن تي ٻه ڪجهه نه ڳالهائڻو آهي پر هتي شاهواڻي صاحب مجبور ڪيو ۽ مان رهي نه سگهيس).

”وانڍي“ عورت لاءِ ڪوبه شرط ڪونهي، مڙس سان گڏ، مڙس کان ڌار يا بيواهه عورت،جيڪا به مال جي سڪ لاءِ گهر ۽ ڳوٺ کان پري رهيل آهي اهائي ”وانڍي“ هن (مٿئين) بيت ۾ بيواهه عورت جو ته ذڪر ئي ناهي ۽ ان جي وضاحت ۽ تصديق لاءِ بيت جي آخري سٽ ئي ڪافي آهي:

”وارث وري تن، اڇي شال اولو ڪري.“

ورڻ جي دعا جيئري لاءِ ڪبي آهي، وارث تڏهن ورندو جڏهن جيئرو هوندو، مئل لاءِ ته مغفرت جي دعا ڪبي آهي (نه ڪي ورڻ جي دعا) ۽ مري ويلن جي پونئرن کي ته صبر جي تلقين ڪبي آهي/دلاسو ڏبو آهي/ آٿت ڏبي آهي، نه ڪي اهو آسرو ڪبو ته مئل وري ايندو!

لطيف سائينءَ بيت ۾ ان عورت جو ذڪر ڪيو آهي جنهنجو مڙس/پيتار/وارث ساڻس گڏ ناهي ۽ اها عورت مال جي سڪ ڪاڻ گهر ۽ ڳوٺ کان پري ٻاهر رهيل آهي پر جيئن ته عورت ذات آهي سو هر ڪم ۾ هر ڏکيءَ ويل ۾ پنهنجي ساٿيءَ جو سات گهرنڊڙ آهي جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ تي سگهي ٿو سندس جيان ئي ڪنهن ڪم لاءِ سفر اسهيل آهي، لحاظا گهر ۽ ڳوٺ ڪان پري رهندڙ گهر ياتين ۽ پنهنجن لاءِ اڪنڊيل عورت جي اندر جو حال اجهو اهو آهي ۽ لطيف بادشاه هڪ پنهنجن لاءِ سڪيل جيءَ جي جذبن جي خوب منظر ڪشي ڪئي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = پنهنجا مڙس ياد ڪريو تيون روئن ۽ جهڙ/مينهن ڏسيو پيون ڳرن. مڙسن ڪانسواءِ جيڪي وانديون/گهر ۽ ڳوٺ ڪان پري مال جي سانگي رهندڙ عورتن پڪا اڏيا آهن سي شل مينهن ۾ نہ پچن، جي سندن جهوپڙا اتر جو مينهن ڏاهي ڇڏي تہ هو ڪنهن کي پڪارين! شال سندن ڀتار موٽي اچي سندن پردو ڍڪي.

## سُر سارنگ، داستان ٣، بيت ٢

مُند تي مندل منديا، ڪي اوهيڙن اوڪ،
چاچر تي چڻن ۾، مينهون چرن موڪ،
سرهيون تيون سنگهاريون، پويو پائن طوق،
ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، جت سييئي توڪ.
لاهين متان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

**چاچر:**

آڏواٽي = گاه

قاضي = چڪ، تانگهو پاٽي، چڪڻ، واهڙ، ڪاريون

شاهواٽي = پاٽيءَ جي اڇ، ڊوري

منگهاٽي = پاٽي چٽڻ، هلڪو محسوس ٿيندڙ پاٽي جو وسڪارو، صفا هلڪو پاٽيءَ جو چاتڪارو

جملو = رات مينهن صفا ٿورو هو بس چاچر تي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڇن:**

آڏواڻي = هيٺانين پٽن تي

قاضي = گاهه ۽ وڻن واري ترائي

شاهواڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = پکن/پونگن/گهرن

لفظ ”ڇنا“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

**موڪ:**

آڏواڻي = جام

قاضي = جام گهٽو ڇڙواڳ، ڪشادو

گربخشاڻي = پاڻيءَ جي اتل، جالارو پاڻي

شاهواڻي = گهٽو ۽ جالارو پاڻي

منگهاڻي = ڪچو نئون ڦٽل گاهه/ننڍو ڪچو سلو، آزاد ۽ ڇڙواڳ

- سارنگ جا اهي ئي تہ مزا آهن جو مال لاءِ ڪاچ جي ڪوت ناهي، مينهن کي عام گاهه جي تہ پرواهه ئي ناهي. ڪچڙو ننڍڙو ڦٽل گاهه ۽ نرم ۽ نازڪ ڪچا سلا ڪائي پيون پيٽ ڀرين.

- ۽ اڻ جهليل/بنا ڏراڙ جي مال کي ”ڇيڪ“ سان گڏ ”موڪ“ بہ چئبو آهي. هتي ”مينهون چرن موڪ.....“ تي ٻئي معنائون اچي ٿيون سگهن. يعني ”مينهون نئون ڦٽل ڪچو گاهه پيون چرن“ يا، ”مينهون بنا چاريندڙ ۽ ڪاهيندڙ جي آزاد ۽ ڇڙواڳ پيون چرن.

لفظ ”موڪ“ ايئن ئي جملن ۾ ايندو جيئن مٿي لفظ ”ڇيڪ“ آيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مال موڪ آهي ۽ اسين بہ واندا بي اونا آهيون.

جملو = اڳ ڪٽي مال سان ويندڙ هئين، هاڻي تہ مال بہ موڪ آهي. سڄو ڏينهن وينو آهين.

بيت جي سمجهاڻي = مينهن جي مند آئي آهي. رنگن روپن جون بازاريون لڳي ويون آهن. وسڪارن جي پالوٽ ٿي ويئي آهي. ڇڻ/جهوپڙين مٿان پاڻيءَ جو هلڪو چاٽڪارو ٿي ويو آهي. مينهون آزاديءَ سان پيون ڪچو گاهہ کائين، سنگهارن جون زالون خوش ٿيون آهن ۽ گلن جا هار پويو ٿيون پائين. ات ميها، ڇيڙ، ڦنگيون/ڪنيپون مڙيئي ڪاچ/ڏٿ ٿيا آهن. تون (ڏٽي) شل ساري جهان تان ڏڪن جا ڏينهن ڏور ڪرين.

## سُر سارنگ، داستان ٣، بيت ٦

اوڇڻ گهرجي آجڪو، جهوپو سهي نہ سيءُ
سٽائج سوڙ ڪي، حال منهنجو هيءُ،
اگڻ آيو ٿيءُ، تہ ڊوليا ڪنهن ڊنگ ٿيان.

**اوڇڻ:**

آڏواٽي = ڊڪ، پردو

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاٽي = چادر، رلي، يا ڪوبہ اهڙو ڪپڙو جيڪو سمهڻ مهل مٿان اوڍجي/پائجي.

جملو = رات گذارڻي آهي ڪوبہ اوڇڻ هجيوَ تہ ڏيو.

جملو = سيارو مٿي تي آهي ۽ هنن غريبن وٽ تہ ڪو اوڇڻ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونهي.

جملو = مسافري ۾ پاڻ سان اوڇڻ ضرور کڻجي.

**سوڙ:**

آڏواڻي = کٿوان

قاضي = مٿان پائڻ جي رضائي

شاهواڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = مٿان پائڻ جي رضائي/ليف/لحاف

جملو = سيءُ تمام گهڻو آهي، هيءَ سوڙ ننڍي آهي ٻي وڏي ٿلهي سوڙ ڏيو.

جملو = تون پاڻ سوڙ سبي ڪونہ ٿي ڄاڻين؟

بيت جي سمجهاڻي = مونکي مٿان پائڻ لاءِ چادر، رلي يا ڪپڙو ۽ سمر ٿو گهرجي ۽ منهنجي پونکي سردي سهي نہ ٿي سگهي. منهنجي لاءِ گرم رضائي/لحاف (جهڙي منهنجي ڳٺاٽڻي پتار) ڪي منهنجو اهو حال ٻڌائج. اي جاني! منهنجي اڳڻ تي پيهي اڄ تہ مان بہ ڪنهن طريقي ۽ ڍنگ سان رهان.

## سُر سارنگ، داستان ٣، بيت ٣

منـد ٿـي منـدل منـديا، تـاڙي ڪـئـي تـنـوار،
هـاريـن هـر سـنـيـاهـيـا، سـرهـا ٿـيـا سـنـگـهـار،
اڄ پـڻ مـنـهـنـجـي يـار، وسـڻ جـا ويـس ڪـيـا.

**تاڙي:**

آڏواڻي = تاڙي پکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = ننڍڙو پکي جو مينهن جي موسم ۾ لنوندو آهي، ڪوئل.

منگهاٽي = ڏيڏر (مينهن اچڻ کان اڳ ڏيڏر ٻاهر نڪري تنواريندا آهن).

لفظ ”تاڙي“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = مينهن جي مند ٿي آهي، رنگن روپن ۽ خوشين جا سات آهن. ڏيڏر جي تنوار آهي. (مينهن اچڻ کان اڳ ڏيڏر ٻولڻ شروع ڪندا آهن تہ ماڻهو سمجهي ويندا آهن ۽ مشڪي چوندا آهن تہ مينهن آيو ڪي آيو.) هارين پنهنجا هر تيار ڪيا آهن ۽ سنگهار خوش ٿيا آهن. اڄ منهنجي يار/محبوب وسڻ جا ويس پاتا آهن. (شاهہ سائين، سارنگ ۽ انجي پيدا ڪيل رنگن ۽ خوبصورتين ۾ حقيقي محبوب جو حسن ۽ جمال ٿو ڏسي.)

## سُر سارنگ، داستان ٣، بيت ٨

ڪانڌ! تنهنجي پاند ري، سيءُ مران سڀ رات،
ڪامل! ڪپاهن ۾، جهپ نہ اچي جهات،
اچين جي پريات، تہ آئون سيءُ نہ ساريان.

**جهپ:**

آڏواٽي = جهوٽو

قاضي = آرام ڪندي، ڪنارو، جپ

گربخشاٽي = ننڊ

شاهواٽي = ننڊ، پنڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٺي = گرمائش/تپش/ڪوساڻ، جتي سيءَ ۽ ٿڌي هوا جو گذر نہ هجي. لفظ "جهپ" جي جملن سان سمجهاڻي سر يمن ڪلياڻ جي داستان ٦ جي وائي "عشق تمام بره تمام....." ۾ ۽ سر سهڻيءَ جي داستان ٥ جي بيت ٩ "جيهر لوڪ جهپ ڪري..." ۾ ڏنل آهي. "جهپ" جو تعلق ۽ واسطو گرمي ۽ ڪوساڻ سان آهي، ننڍ سان نہ!

"ڪانڌ! تنهنجي پاند ري، سيءُ مران سڀ رات"

"پاند" معنيٰ، پلؤُ، پلاند ڪپڙي جو. يعني اي پيتار! پنهنجي پلاند (ڪپڙي) بنا سڄي رات سيءَ ۾ تڙپندي ٿي رهان. "ڪامل! ڪپاهن ۾، جهپ نہ اچي جهات" غور طلب لفظ "ڪپاهہ" آهي. "ڪپاهہ" معنيٰ سوڙيون، رليون، رضائيون، لحاف، اوڇڻ، گاديلا. معنيٰ: هنڌن، بسترن ۾ (تو ڪانسواءِ گرمائش ناهي) مونکي ذري بہ ڪوساڻ نٿي ملي وري چوي ٿي:

"اچين جي پريات، تہ آئون سيءُ نہ ساريان" معنيٰ: تون جي اسر مهل/ پرهہ ڦٽيءَ جو اچين تہ مان سيءَ کي حساب ۾ ئي نہ آڻيان، پلجي وڃان. (تون اچ تہ سيءُ ختم ٿيئي) سڄي بيت ۾ "ننڍ" جو نہ پر "سيءَ" جو ذڪر آهي. مثلن "پاند بنا سڄي رات سيءَ ٿي مران..."، "ڪپاهن ۾ بہ ذري (جهات) گرمي ناهي."، "تون اچ تہ سيءُ لهي، ختم ٿئي".

لفظ "جهپ" اڄ بہ عام طرح ڳالهايو ٿو وڃي. اهو لفظ متروڪ ۽ پلجي ويل ناهي، اڄ بہ تازو توانو آهي.

بيت جي سمجهاڻي: اي پيتار! تنهنجي پلاند بنا ساري رات سيءَ ۾ تڙپندي ٿي مران. اي ڪامل! هنڌن/بسترن (گاديلن، سوڙين وغيره) ۾ مونکي ذري بہ گرمي نٿي ملي. تون جي اسر جو، پرهہ ڦٽيءَ جو اچين تہ مان سيءَ کي پلجي وڃان/حساب ۾ ئي نہ آڻيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر آسا، داستان ٢، بيت ٢

نــيــرانــائــي نــيــڻ، نــيــئــي آچ پــريــن کــي،
ستــر ڪـاڏا ڪـيـڻ، جُـہ ڏنــو منـهن مـحـبـوب جـو.

**نيرانائي:**

آڏواٽي = نيراني ئي (نيرن کان اڳ)

قاضي = بکيا

شاهواٽي = صبح جي ڪاڏي ڪائڻ کان اڳ

منگهاٽي = بکيا، صبح جي ناشتي کي تہ ”نيرن“ چئبو آهي پر ”نيرانا“ جي معنيٰ ”نيرن“ ناهي. اسين (ڪوهستاني، جابلو ماڻهو) نيرن کي ”سيوجڙي“ چئون ۽ ڪي ناشتو ۽ نيرن بہ چون، پر لفظ ”نيرانا“ جي معنيٰ آهي ”بکيا، ڪاڏي ڪانسواءِ“

جملو = ماني تيار آهي، نيرانو نہ وڃ!

جملو = تون بہ نيراني آهين هو بہ نيرانا آهن، هي ڪاڏو سڀ ڪٺي وڃي گڏجي ڪائو.

بيت جي سمجهاڻي = بکيون (بنا ڪاڏي پيتي جي) اکيون وڃي پرينءَ کي آچ، (اٿنديئي پهرين وڃي پرين ڏس!) جڏهن پرينءَ جو ديدار ٿيو تہ جڻ ستر قسم جا ڪاڏا يا سترچيون ڪاڏيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر آسا، داستان ٢، بيت ٧

اکين کي آئون، جان کي جهلون پائيان،
لوڪ لتاڙي ننڊ ۾، ساجن سونائون،
مونکي ماريائون، پاڻ پرچي آئيون.

**سونائون:**

آڏواڻي = لڏائون

قاضي = ٻولي لڏائون

گربخشاڻي = ٻولڻ، لهڻ

شاهواڻي = ٻولياٿون

منگهاڻي = سجاتائون

لفظ "سونائون" جي جملن سان مٿي سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اکين کي آئون ڪيترو به جهليان، سڄو جهان لتاڙي خواب ۾ وڃي پرينءَ کي سجاتائون. مونکي ماريائون پاڻ وصل ماڻي راضي ٿي آيون. (پاڻ خواب ۾ پرين ڏسي آيون پر منهنجي دل وجهلندي وتي.)

لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ خواب کي "ننڊ" به چون.

جملو = مان رات اهڙي سٺي ننڊ لڌي هئي. خبر اٿو مان رات ننڊ ۾ لطيف سائينءَ جو ديدار ڪيو هو.

جملو = مان رات ننڊ ۾ بابا ڏٺو هو ۽ مونسان ڏاڍيون پياريون پياريون ڳالهيون به ڪيائين ۽ مونکي پيار به ڪيائين.

جملو = آهي ڇا؟ تون هميشه پنهنجي مطلب جون ٿِي ننڊون ٿي لهين.

## سُر آسا، داستان ٢، بيت ٨

اڪين پنهنجي مت، پاڻ سين پاٺهي ڪئي،
اتي وجهي ازيون، جتي جان ڪپت،
نڪا ڳالهه نه ڳت، جيءَ ڏني رِءَ نه جڙي.

**مت:**

آڏواٽي = مصلحت

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = سمجهه، صلاح، مصلحت

منگهاٽي = تعدي، سزا، نقصان، پنهنجو پاڻ کي نقصان ڏيڻ. (سزا لائق ڏوهه)

لفظ ”مت“ جي معنيٰ ”سمجهه“ ۽ ”مصلحت“ به آهي پر مٿئين بيت ۾ جيئن لفظ ”مت“ آيل آهي تيئن شايد رڳو اسين (جابلو ماڻهو) ئي ڳالهايون ٿا.

جملن سان سمجهاڻي ڏيڻ ڪري واضح صورت سامهون ايندي ۽ صحيح نموني سمجهي سگهبو.

جملو = بيهه! تـه مان تنهنجي مت ٿي لهان، هميشه بڇيو ٿو وجين.

جملو = ڪلهه هن سندس اهڙي تـه مت لڌي جو ڪيس بـه خبر پيئي هوندي.

جملو = انهن سان دوستي رکي پنهنجي مت پاڻ لڌائين.

**جان ڪپت:**

آڏواٽي = جان جو جوکو

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاٽي = جهوري، ڳار، ڏک ۽ ارمان ۾ ڳري سڙي وڃڻ

شاهواٽي = ڪاپارو، نقصان، ڳرڻ

منگهاٽي = فڪر، ڳڻتي

حالانڪ "جان" ۽ "ڪپت" ٻه لفظ آهن. جن کي هڪ لفظ "جان ڪپت" بنائي معنيٰ ڏنل آهي "جان جو جوکو" جڏهن ته "جان" معنيٰ "جان" "ڪپت" معنيٰ "ڳڻتي، فڪر".

سٽ آهي، "اتي وڃي اڙيون، جتي جان ڪپت" يعني "هو اتي وڃي اڙيون/اتي وڃي نينهن لايائون، جتي رڳو جيءَ لاءِ جهوري ۽ ڳڻتي آهي.

لفظ "ڪپت" جملن ۾

جملو = ايڏي ڪپت نه ڪر! اڇي ويندو ڪٿي دوستن سان ويهي رهيو هوندو.

جملو = هوءَ ٻارن لاءِ ايڏي "ڪپتيائي" آهي جو دنگ آهي.

جملو = تون ٻاڻ کي ته سنيال! ڇا تنهنجي ڪپت ڪرڻ سان هن جو بخار لهي ويندو؟

ڳت:

آڏواٽي = سڌ سماءُ

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = جتي جان ڏيڻ کان سواءِ ڪو چارو يا واٽ ڪونهي.

منگهاٽي = وڏي ڳالهه. عام ڳالهه کان وڏي ڳالهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = اکين پاڻ سان پاڻهي تعدي ڪئي آهي، اتي وجي لڳيون/اڙيون آهن جتي جان جي ڳتي ۽ جهوري آهي. اتي ٻي ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ، صفائي، تفصيل ۽ تفسير ڪانهي. جان ڏيڻ سواءِ ڳالهہ ئي نٿي جڙي/ٺهي.

## سُر آسا، داستان ۲، بيت ۱۲

آڪـيـون سـيـئـي ڏار، جـن سـان پـسـين پـريـنءَ کـي،
ٻـي ڏانهـن ڪـيـم نـهـار، گـهـڻـو ريـسـارا سـپـريـن.

**ريسارا:**

آڏواڻي = غيور، غيرت وارا

قاضي = (معنيٰ ڏنل ڪانهي)

شاهواڻي = غيرتمند

منگهاڻي = ريس وارا

سپرين توجہ تو چاهي، تون جي ٻئي ڏانهن نهاريندينءَ تہ هن کان (پرينءَ کان) توجهہ متجي ويندي ۽ هن کي ڪاوڙ اچي ويندي ڇو تہ هو ڏاڍو ريس وارو آهي. "ريس" جي معنيٰ آهي، جيئن ٻيو ڪري تيئن هُو ڪري، ٻئي ڏانهن جي نهاريندينءَ تہ پرين ساڳي نهار پاڻ لاءِ چاهيندا.

جملو = منهنجو هي ننڍڙو پٽ ايڏو تہ ريسارو آهي جو مون اجا مس پنهنجي ننڍڙي ڀائٽي کي کنيو تہ رڙين سان ملڪ مشادي وجهي ڇڏيائين تہ مونکي بہ کڻ.

جملو = ايڏي تہ ريساري آهي جو جهڙا ڪپڙا مان پانيان هوءَ بہ هرويرو اهڙا ئي پائيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هيءَ نندڙي آهي تون هن سان ريسارو نہ ٿي.

بيت جي سمجهاڻي = اڪيون اهيئي اختيار ڪر/ڌار، جن سان رڳو محبوب کي ڏسين. ٻئي ڪنهن ڏانهن متان نهارين. پرين نهايت ريس وارا آهن.

## سُر آسا، داستان ٣، بيت ٢

مجازي ۾ مَتِ ڪر، پنيون ايئن ۾ پير،
پڇي تيئن نہ پير، هاري! حقيقيءَ جو.

**مَتِ:**

آڏواڻي = سڄڻ

قاضي = عيوضو، هڪ جيڏو

شاهواڻي = (هي بيت شاهواڻيءَ واري رسالي ۾ ڪونهي)

منگهاڻي = بدلاءِ، برابر ڪر (ڀيٽڻ، برابر ڪرڻ، بدلائڻ)

جملو = هن ۾ ۽ هُن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي تون هرويرو مَتِ نہ ڪرينس!

جملو = هوءَ تنهنجي مَتِ (برابر) تہ آهي پوءِ تنهنجي مرضي، عزت ڏينس يا نہ ڏينس.

جملو = مان هن کي پنهنجي پاڇائي ڪيئن بنايان؟ هوءَ منهنجي پاءَ جي مَتِ ئي ناهي.

**پَنيُون:**

آڏواڻي = مورک اکيون

قاضي = ڪاريون گهنڊيدار

شاهواڻي = (هي بيت شاهواڻيءَ واري رسالي ۾ ڪونهي)

منگهاڻي = گهنڊيدار ڳتيل پلڪن واريون اکيون (خوبصورت اکيون)

لفظ "پنيا/پنپيون" جي پويان جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = مجازي اکين سان نہ پيٽ/برابر ڪر! اهي گهنڊيدار ڳتيل پلڪن واريون خوبصورت اکيون ايئن تہ ڦيراءِ/گهما. اي ڪم عقل! تون پڇا ڪري حقيقي محبوب جي پنڌ ۾ نٿي پوين.

## سُر آسا، داستان ٣، بيت ۵

جـان تـن ڪـيـوءِ نـہ تـيـئن، سـوئـيـريـائـين سـنـهـڙو،

پـريـن پـائـيـنـدا ڪـيـئـن، تـوڪـي اکـڙيـن ۾.

**سوئيريان ئي:**

آڏواڻي = سئيءَ ڪان

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = ننڍي سئيءَ ڪان

منگهاڻي = سرمي ڪان/آچڻ (سرمي ڪان/آچڻ ڪان بہ سنهڙو ٿي تہ پرين توکي اکين ۾ پائين)

سرمي کي "سوئيرو" ۽ "آچڻ" بہ چئبو آهي. هونئن اها ڳالهہ سوچڻ جهڙي بہ آهي تہ اکين ۾ سئي چو پائنجي؟ سئي ڪيڏي بہ سنهڙي هجي پر اکين ۾ چو؟ ۽ ڪيئن پائجي؟ سرمي کي اڄ بہ "سوئيرو" تو چيو وڃي. خاص ڪري ٿتي، جهنگشاهي، گهارو ۽ اتيئي اوسي پاسي وارا تہ سرمي کي چون ئي "سوئيرو" تا" اسين جابلو ماڻهو سرمي کي "آچڻ" تا چئون. "سوئيرو" جملن ۾:

جملو = سوئيرو پيئي پائين، ڪيڏانهن ٿي وڃين؟

جملو = هڪڙو ٻه ڏينهن سوئيرو نٿو لڳائجي ته اکيون ڇڻ ڪامن ٿيون.

بيت جي سمجهاڻي = جيسين پنهنجو پاڻ کي سرمي جهڙو سنهڙو نه ڪيو اٿئي تيسين پرين توکي پنهنجي اکين ۾ ڪيئن پائيندا؟

## سُر آسا، داستان ٣، بيت ٧

ڪـر ڪي ڪـپـر ڪـاءِ، نـانـگ مـٺـيـارو نـڪـري،
اپــو جـــو اونــاءِ، ســـربـر ســنــدي ســـڄــڻـين.

**ڪپر:**

آڏواٽي = زبردست زهري نانگ

قاضي = هڪ ننڍڙو زهري نانگ

شاهواٽي = وڏو نانگ (ڪامل مرشد)

منگهاٽي = بلا، (نانگ نه) جيڪا هڪ فٽ (ڪجهه ننڍي) هوندي آهي ۽ چڪريون پائي سُرندي آهي ۽ واٽ تي پاڻ کي ويڙهي سيڙهي وهندي آهي ۽ هر ايندڙ ويندڙ کي ڏنگڻ پنهنجو فرض سمجهندي آهي. ڪپر جو رنگ ميرانجهڙو اچو ٿيندو آهي. ”ڪپر“ کي ”نانگ“ چئبو ئي ناهي. هونئن به بيت ۾ نانگ جو ڌار ذڪر آهي.

”ڪر ڪي ڪپر ڪاءِ، نانگ مٺيارو نڪري“

يعني: دشمن کي ڪپر به کائي ۽ نانگ مٺيارو (مڻ وارو/زهري) به کاءِ مطلب ته دشمن ڪٿان به نڪري/بچي نه سگهي.

جملو = هيروڪيءَ گرميءَ ۾ ڪپر گهڻا ٿيا آهن.

جملو = رات جو ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ ڪپر ته واٽون جهليو ويٺا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن.

جملو = مان ڪونہ ٿو ڪپر ڪان ڊڄان. نانگ ڪونهي، هيڏڙو تہ آهي ۽ لٺ بہ مون سان آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ڪر (رقيب يا حاسد ) ڪي شل ڪپر (زهريلي بلا) کاءِ يا مڻ وارو نانگ ڪاريهر (واسينگ نانگ) نڪري کاءِ جو لڪي بيٺو محبوبن جي جهيٽي گفتار، سرباٺ ٻڌي.

## سُر آسا، داستان ٣، بيت ٨

سڄڻ سنئيون ڪن، لوڪان ليکي ونگيون،
سندي سپرين، پَرِ پروڙڻ ڏاکڙو.

**پَرِ:**

آڏواٽي = ڳجهارت

قاضي = (معنيٰ ڏنل آهي)

شاهواٽي = دستور، عادتون، طريقا، رمزون

منگهاٽي = عادت، دستور، طريقو، روايت

جملو = پنڻ لنگهن لورن جي پَرِ آهي

جملو = انهن ڪي ڇڏي ڏي گلائون ڪرڻ بهتان وجهڻ انهن جي پَرِ آهي.

جملو = احسان ڪري وري ان جو صلو وٺڻ يا جتائڻ اسانجي پَرِ ئي ناهي.

بيت جي سمجهاڻي = سڄڻ جا سنوان سيدا طريقا آهن پر ماڻهن جي ليکي اهي ونگا آهن. محبوب جي عادت سمجهڻ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشڪل مسئلو آهي.

## سُر رپ، داستان ١، بيت ١

گـونـدر ڪـيـو غـرق، مـاءُ مـنـهـنـجـو جـنـڊڙو،
ڏڪـــويـن مَـــرڪ، مـــتـــي سـڳـر پـــنـــڊڙو.

**مَرَڪَ:**

آڏواڻي = فخر

قاضي = فخر وڏائي، مرڪڻ جهڙي سٺي ڳالهہ

شاهواڻي = لائق

منگهاڻي = سجاڻپ

جملو = ڪنهنجي پنيان گلا ڪرڻ اسانجو مَرَڪَ ئي ناهي

بيت جي سمجهاڻي = اي امڙ! منهنجو هنئون غم پوڙي ڇڏيو آهي (دل غم ۾ غرق آهي) واڻن تي پنڌ ڪرڻ ڏکويلن جي سجاڻپ آهي.

## سُر ڪاهوڙي، داستان ١، بيت ۴

تـون هڏ ڪـڄـاڙيـا، سـنـجـهـي سـعـيـو نـہ ڪـريـن،
ســـــوارا ســـنـــڌ ڪــــٽــــي، ڪـــــاهـــوڙي ويـــا،
آٽـــيـــنـــديـــن ڪـــيـــان، ڏٿ ڏوراٽـــي ڏيـــہ جــــو؟

**سَنڌَ:**

آڏواڻي = ساندارِيون

قاضي = اوزار، وسيلو، سيٺاهہ

گربخشاڻي = ساندارو

شاهواٽي = ترٽ وارو ساندارو

منگهاٽي = ٿانءُ

لفظ "سنڍ" کي سيني قابل محققن "ساندارو/سيٽاهه" چيو آهي. جڏهن ته ان جي معنيٰ "ٿانءُ" آهي.

جهنگن/جبلن ۾ هونئن به ٿانون ۽ اوڇڻن جي هميشه اٿاٿ آهي.

"گـــــولاڙا ۽ گـــگـــريـــون اوڇـــڻ ابـــاڻـــن"

"ويڙهيا گهمن وليين، جهانگن منجهه جهنگن"

"پاپوڙا پوشاڪ......"

"سُڪا سنڍ ڪُڇن ۾........"

"سوارا سنڍ ڪٺي......"

"وڻ"۽ "جانور" ئي انهن جي خوراڪ، اوڇڻ، سِٿائون ۽ ٿانوَ/سنڍ آهن. مال جا چَمَ/چَوَڙا ۽ ڪلون ئي انهن جا سنڍ ۽ ٿانوَ آهن نندي مال، رڍ ۽ ٻڪريءَ جون ڪلون ته سندن وڏو آڌار ۽ وسيلو آهن جن کي نندي ٻڪري/گراڙ وغيره جي کل مان ٺاهين، کلي يعني نـنڍڙي "اوئي" جنهن ۾ وجهن جَهڻِ/لسي ۽ اها کلي ڏراڙ مال چارڻ مهل کڻي ويندا آهن ۽ ان ۾ ٿوري مقدار ۾ لسي هوندي آهي. وڏي اَئيءَ/ٻڪريءَ جي کل مان جبلن جا ماهر ڪاريگر وڏا ڪم ڪندا آهن. گهه کي محفوظ ڪرڻ لاءِ، کير ولوڙڻ لاءِ، پاڻي ڀرڻ لاءِ ۽ درياهه پار ڪرڻ لاءِ ان ساڳيءَ کل مان نهايت مشاقيءَ سان مختلف مرحلن مان لنگهائي اهي کلون تيار ڪندا آهن. سيني کان جيڪا مشڪل سان ۽ نفاست سان تيار ڪندا آهن اها کل گهه کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هوندي آهي. اها کل نهايت ڪاريگريءَ ۽ پاڪائيءَ سان مال تان لاٿي ويندي آهي ۽ پوءِ ان کل کي اندران صاف ڪري، سُڪائي ان کي گهه لڳل ڳوهيل اٽي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهڙبو ۽ رڳڙبو آهي ۽ پوءِ ان ۾ رسدار ۽ سُرهيون وليون وجهي پاڻيءَ مان پري اٿن ڏهن ڏينهن تائين رکبو آهي، پوءِ اهو پاڻي ڪڍي وري ان کي ابتائي صاف ڪبو آهي ۽ پيهر گهه لڳل ڳوهيل اٽي سان رهڙي صاف ڪبو آهي ۽ ايئن اها نهايت نرم ۽ نفيس ٿي ويندي آهي پوءِ گهه کي چاٽي ان ۾ وجهبو آهي ۽ گهه کي لذيذ ڪرڻ خاطر ان ۾ دَوشا/منڊ گڏبو آهي. دوشا بنائڻ به وڏي محنت ۽ ڪاريگريءَ وارو ڪم آهي. ڪجور جون ڪکيون ڪڍي ان کي صاف ڪري ڳوهي مُچ ڪري وڏي ٿانءَ (پتيلي) وغيره ۾ وجهي، ان ۾ گهٽو پاڻي وجهي تيز باهه تي رڌبو آهي ۽ ايئن ڪلاڪن جا ڪلاڪ رڌجڻ ڪانپوءِ اها ڪجور ماکيءَ جي صورت ۾ اچي ويندي آهي. پوءِ اها چلهي تان لاهي ان کي هلائي هلائي پوءِ ٿلهي صاف ڪپڙي مان چاڻبو آهي ۽ پوءِ وڏن ٿالن ۾ ان کي ٺڏو ڪري/ٺاري ۽ پوءِ گهه ۾ شامل ڪبو آهي ۽ ڪي ته ان ۾ سونف ۽ ايلاچيون به وجهن ۽ ان کل کي يعني جنهن ۾ گهه محفوظ ڪبو آهي ان کي چئجي "زڪَ" ۽ "زِڪ" واري گهه جي لذت ۽ سواد انهن کان پڇو جن اهو کاڌو آهي (خبر کاڌن کان پڇو....) ۽ مان اهو گهه (زِڪَ وارو) کاڌو آهي. اهو گهه سون جهڙي رنگ جو ٿيندو آهي ۽ نهايت لذيذ ۽ هلڪو منو هوندو آهي ۽ ان کي ڳاڙهن چانورن ۽ ڪٽڪ جي نرم ۽ گرم مانيءَ جي مٿان وجهي کائبو ته بهشت جا مزا ملي ويندا.

وري جهڻ جهڳڻ/لسي ولوڙڻ لاءِ جيڪا کل تيار ڪبي آهي ان کي "زِڪَ" کان گهٽ اهميت ڏبي آهي. اها کل جڏهن تيار ٿيندي آهي ته ان ۾ چاٽيل کير (ڏهي) وجهي ان جو بند پاسو ڪنهن ڪپيل ڪاٺي يا ڪنهن وڻ ۾ ٻڌي ڪُليل منهن وارو پاسو هٿ ۾ سخت جهلي (بند ڪري) ان کي جهڳبو (ولوڙبو) آهي.

ڏهيءَ کي ان خاص بنايل کل ۾ وجهي جهڳبو ته ان مان مکڻ نڪري ايندو ۽ جهڻ جهڳڻ واري کل کي چون "اِيزِڪ" ۽ ايئن پاڻي پرڻ واري کل کي "اوئي" ٿو چئجي. "اويون آديسين لاءِ آئون اديون

پريندياس!" "ساندارو" ۽ "سيٽاھ" ترڻ لاءِ بنايل ڪل ڪي تو چئجي جنھن ۾ ھوا ڀري درياھ پار ڪبو آھي. ھتي ڪاھوڙين وٽ سيٽاھ ۽ ساندارن جو ڪھڙو ڪم؟ ھو تہ جبلن ۽ جھنگن ۾ يعني سُڪيءَ تي ھلڻ وارا ۽ ڏت چوندڙيندڙ آھن.

بيت جي سمجھاڻي = تون ڇا لاءِ ماڳھين سويل نتو سعيو ڪرين؟ ڪاھوڙي اسر جو تانوَ ساڻ ڪري نڪري ويا. ھاڻي تون ڏورانھين ڏيھ جو ڏت ڪتان آڻيندين؟

## سُر ڪاھوڙي، داستان ١، بيت ٥

ڏوتي سا ڏورين، جا جوءِ سئي نہ ٻڌي
پاسا متي پاھڻين، ڪاھوڙي ڪوڙين،
وڇا ات ووڙين، جت نہايت ناھ ڪا.

**وِڇا:**

آڏواڻي = سچي وديا

قاضي = علم، ھنر

گربخشاڻي = علم، ھنر، قابليت

شاھواڻي = علم، دنيوي ڳالھيون

منگھاڻي = علم، ھنر، قابليت، سمجھ، ڪاريگري، ھشياري، استادي. (متين سيني عالمن پنھنجي ليکي صحيح معنيٰ ڏني آھي. پر ھتي بيت جي مفھوم موجب اھا معنيٰ ٺيندي).

لفظ "وڇا" منڊ ۾، سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ١، بيت ٢ ۾ آيل آھي. ست آھي. "تتي طبيبن وڇا وڃي وسري" اتي آڏواڻي صاحب معنيٰ ڏني ھئي "وديا (طبي علم)" ۽ ھتي "سچي وديا" ڏنل آھي.

www.sindhsalamat.com                books.sindhsalamat.com

پويان لفظ ”وڄا“ جي پويان جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ڏوٿي اها منزل ٿا ڏورين، جيڪا ڪنهن سئي نہ ٻڌي. ڪاهوڙي پهڻن جي مٿان پاسا ٿا ڪوڙين/ليٽن ٿا/سمهن ٿا. هو پنهنجي سمجهہ، علم، قابليت اتي ٿا ٻولين، جتي ڪا حد ئي ناهي.

## سُر ڪاهوڙي، داستان ١، بيت ١٣

سـڪـا منـهـن سندن، پـيـرين پراٽـا ڪـيـتـرا،
سـا جـوءِ ڏوري آئـيـا، سـونـهـان جت مُـنـجـهـن،
ڳـجـهـا ڳـجـهـيـون ڏيـن، پـراهـين پـنـڌ جـون.

**سونهان:**

آڏواٽي = رهبر

قاضي = رهبر

گربخشاٽي = رهبر

شاهواٽي = رهبر

منگهاٽي = واقفڪار (واٽن جا، جاين جا، پاٽيءَ جا، پٽن جا)

پويان لفظ ”سونهان“، ”سونهيون“، ”سونهين“، ”سونهون“، ”اسونهان“، ”اسونهون“ سمجهاڻيءَ سان ڏنل آهن.

بيت جي سمجهاڻي = انهن جا منهن (چهرا) سڪل آهن ۽ پيرن ۾ پراٽا جتا پاٽل اٿن. هو اها منزل ڳولي لهي آيا جتي سونهان (واقف) بہ منجهيو پون. هي ڳجها (سڀ ڏک سور اندر ۾ سانڍڻ/لڪائڻ وارا) انهيءَ ڪان بہ ڏورانهين منزل جون ڳجهيون وارتائون پيا ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ڪاهوڙي، داستان ١، بيت ١۴

سـڪـا سـنڌ ڪـڇن ۾، ڪـرڪـٽـا پـيـرين،
تـمـنـدي نـيـٽـين، آن ڪـي ڪـاهـوڙي گـڏيـا.

**ڪڇن:**

آڏواڻي = پخالون

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = بغلن ۾ (لفظ "ڪڇ" "هنج" واري معنيٰ ۾ به استعمال ٿيندو آهي)

آڏواڻي صاحب ان جي پر ۾ ڏنل بيت جي سمجهاڻيءَ ۾ بيت جي پهرين سٽ ۽ ان جي معنيٰ هيٺن ڏني آهي:

"سڪا سنڌ ڪڇن ۾، ڪرڪٽا پيرين". آڏواڻي صاحب جي ڏنل معنيٰ: "سندن مهانڊا سڪل آهن ۽ پيرن ۾ نوڙين مڙهيا جتا پيا اٿن."

بيت جي سٽ ۽ ڏنل معنيٰ وارو فرق ۽ سٽ سان معنيٰ جو تعلق ڪيئن آهي؟ اميد تہ سمجهہ ۾ اچي ويو هوندو.

"سڪا سنڌ ڪڇن ۾...." يعني سڪا ٿانوَ (بنا ڪاڏي ۽ پاڻيءَ جي) سندن بغلن ۾ آهن. "ڪرڪٽا پيرين" يعني ڪين پراڻا جتا پاتل اٿن. بيت ۾ سڪل مهانڊن جو نہ پر سڪل ٿانون جو ذڪر آهي ۽ "ڪرڪٽا" يا "ڪرڪاٽ" پراڻن جتن کي چئبو آهي. نوڙين مڙهيل جتن کي "چاهل" ٿو چئجي.

لفظ "ڪڇ" واحد ۽ "ڪڇون" جمع حالت جري "ڪَڇُن" جي جملن ۾ سمجهاڻي:

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

جملو = ادي منهنجو ڇولو ڪَڇُن ڪان ٿورو سوڙهو ٿي ويو آهي اهو ڪولي ٺاهي ڏي.

جملو = ٻا ر ڪي سجو ڏينهن ٿي ڪَڇَ ۾ ڦيرين هيٺ لاهينس ته ڪيڏي.

جملو = هو اٿي ننڍو سگهي ڪَڇُن ڪان جهلي مٿي اٿارينس.

بيت جي سمجهاڻي = انهن جي ٻغلن ۾ سڪا ٽانوَ (ٻنا ڪاڏي ۽ ٻاٽيءَ جي) آهن ۽ ڪين پراڻا جتا پاتل اٿن. اوهان ڪي ڪي اهڙا ٽمندڙ نيڻن وارا (هنجون هاريندڙ) ڪاهوڙي ڏٺا آهن؟

## سُر ڪاهوڙي، داستان ٢، بيت ١

پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
ڇڏي ڪيٺ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.

### ڪيٺ ڪرو:

آڏواٽي = پلو فصل (دنيوي اسباب)

قاضي = ڪري جي معنيٰ آهي اَنُ جمع/گڏ ڪرڻ جي جاءِ

شاهواٽي = ڪيٺ آبادي فصل، ڪرو، صحيح سلامت، پلو.

منگهاڻي = ڪيٺ ۽ ڪرو ٻه جدا ۽ ڌار لفظ آهن جن ڪي آڏواٽي صاحب هڪڙو لفظ ”ڪيٺ ڪرو“ بنائي معنيٰ ڏني اٿس ”پلو فصل“. جڏهن ته اهي ٻيئي لفظ يعني ڪيٺ ۽ ڪرو ساريءَ سنڌ ۾ يقينن ته گڏ استعمال ٿيندڙ ۽ مشترڪ لفظ آهن. ڪيٺ معنيٰ ٻني ۽ ڪرو معنيٰ اها جاءِ جتي فصل گڏ ڪجي/ڪنو هجي.

بيت جي سمجهاڻي = جن ڪي گنجي ڏونگر جي جوءِ جو سماءُ پيو، اهي پنهنجون ٻنيون ۽ ڪرا ڇڏي رب ڪي ڏوري وڃي لاهوتي ٿيا.

## سُر ڪاهوڙي، داستان ٣، بيت ١

اچـــي پـــيـــا آت ڪـــي، وات وجـــائـــي جـــن،
اوءِ بـــصـــيـــر بـــرن ۾، انـــدا تـــيـــو اپـــن،
ڪـنن آڏو تـاڙيـون، گـنـگـن جـيـئـن گـهـمـن،
فـــراقـــي فـــرمـــان، آهـــي پـــر پـــوڙن،
لـنـگـهـا تـيـا لاهـوت ڪي، سـتـا پـيـا سـڪـن،
ڪـــپـــت ڪـــاهـــوڙيـــن، اتـــئـــي پـئـي نـہ لـهـــو.

**لنگها:**

آڏواٽي = تيابِڪي

شاهواٽي = هيءَ ست، "لنگها تيا لاهوت ڪي، ستا پيا سڪن".

شاهواٽي واري رسالي ۾ ڪانهي

منگهاٽي = مڱٽهار، مڱتا، پنڻ وارو

جملو = در تي لنگهو آيو آهي وڃين پن ڏينس.

جملو = زڪوات جو مهينو اچي ٿو تہ ماڻهو لنگهن مان قاسي ٿو.

جملو = هيءَ لنگهي ڪانهي اسانجي ڪم واري آهي.

بيت جي سمجهاڻي = جن جهاني وات وجائي، سي اچي ٻاراٽي ۾ پيا. هو سچي نظر وارا برپٽن ۾ اندا ٿيو بيٺا آهن. هو پنهنجن ڪنن کي تاڙيون ڏيئي گنگن وانگر پيا گهمن. انهن پوڙن کي وڇوڙي جي امر جو ئي افسوس آهي. هو لاهوت ڪاڻ ئي مڱٽهار/مڱتا ٿيا آهن ۽ ستي بہ انهي منزل لاءِ پيا ٻرن ۽ وجهلن. ڪاهوڙين کي جاڳندي بہ اها جهوري نٿي لهي (انهن پنهنجون زبانون، ڪن ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر بروو، داستان ١، بيت ٣

لـڳـيءَ جـو لـطـيـف چـئـي، نـڪـو قـال نـہ قـيـل،
لـڪـئـي لامـون ڪـوڙيـون، نـيـٽـين وهـي نـيـر،
هـيـنـئـڙا تـيءُ سـڌيـر، ڪـالـهـہ قـريـبن لـڏيـو.

**سڌير :**

آڏواڻي =

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

گربخشاڻي = هوش ۾، سامت ۾، خاطر جمع

شاهواڻي = هشيار

منگهاڻي = سمجهدار، عقل مند، سلجهيل، ذهين

لفظ "سڌير" جي پويان جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

(هن بيت جي پهرين سٽ جو قافيو هيٺين ٻن سٽن سان نٿو ملي پر هينئر منهنجو موضوع بيتن جي سٽاءَ ۽ جوڙجڪ ناهي.) بيت جي سمجهاڻي = دل جي لڳڻ جو ڪو زباني گفتگو سان، لفظن سان اظهار نٿو ٿي سگهي. تقدير پنهنجون تاريون ڪوڙيون (پنهنجو اثر ڏيکاريو) اکين مان لڙڪ جاري آهن، اي دل! سمجهدار ٿي (عقل ڪر!) محبوبن ڪالهہ لاڏاڻو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر رامڪلي، داستان ١، بيت ٨

مـيـڙيـو پـاڻ پـريـون ڪـيـو، جـوڳـي جـلائين،
ســامـي سـگـريـن سـين، خــوديءَ کـي کــائـين،
هـو جي تـار تـڳـائـين، آئـون نـہ جـيـئـنـدي ان ريءَ.

**پاڻ:**

آڏواٽي = خودي

قاضي = پائڻ، خودي، هٺ

شاهواٽي = خودي

منگهاٽي = مال جي وٺاڻ جو ڪڇرو/ڇيٽا. اها آهي لفظ ”پاڻ“ جي لفظي معنيٰ. باقي معنوي معنيٰ ڏکين لفظن جي معنائن ۾ نٿي ڏيئي سگهجي. باقي بيت جي پڙ ۾ ڏنل نثري سمجهاڻيءَ ۾ بيشڪ ڏني وڃي، جيڪو معنوي معنيٰ ڏيڻ جو بهترين طريقو آهي. بيت جي پڙ ۾ تفسير ڏيڻ پڙهندڙن کي ”شاهہ“ سمجهڻ جو وڏو مددگار وسيلو آهي ۽ هاڻي جيڪو بہ نئون، ”شاهہ جو رسالو“ مرتب ڪري ان لاءِ بيت جي تفسير/نثري سمجهاڻي ڏيڻ لازمي قرار ڏجي، ڇو تہ هاڻي جيئن جيئن اسين پنهنجي ٻوليءَ کان ڏور ٿيندا ٿا وڃون تيئن تيئن لطيف سائينءَ کي پڙهڻ/سمجهڻ اسان لاءِ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. الاهجي ڇو سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ کي گهٽ اهميت ٿا ڏين.

”جيئن تہ لفظ ”پاڻ“ جي لفظي معنيٰ کان هرڪو واقف آهي تنهن ڪري جملن سان سمجهاڻي ڏيڻ جي ضرورت ناهي.

بيت جي سمجهاڻي = جوڳي پاڻ کي ميڙي ڪٺو ڪري ٿا جلائين. سامي سنگين سان پنهنجي مستي/خوديءَ کي ٿا جلائين، هو جي وچ سير مان پار اڪارين تن کان سواءِ مان جي نہ سگهندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر رامڪلي، داستان ۴، بيت ۱۳

نســـورو ئــي نــيـنــهــن جـــو، دل ۾ دود دڪـــاءِ،
آٿـــي آڳ عـــــشـــق جـــي، پـــاري جـــان جـــلاءِ،
جـنـدا! ايـئـن جـڳـاءِ، جـيـئـن آتـشــان آب تــيـئـي.

**دود:**

آڏواٽي = دونهون

قاضي = دونهون، غبار

گربخشاٽي = دونهون، غبار

شاهواٽي = دونهون

منگهاٽي = ڏيڳ/ انبار (باهہ جو مچ/ڏيگ)

لفظ "دود" واحد لفظ "ڏوڏ" آهي ۽ "ڏوڏ/ڏوڏا" تي مٿي گهٽو ڪجهہ لکيو ويو آهي ان ڪري جملن سان وڏيڪ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڀانيان تي تہ ضرورت ڪانهي.

بيت جي سمجهاڻي = دل ۾ نسورو نينهن جو وڏو ڏيڳ (مچ) دڪاءِ عشق جي باهہ ٻاري ان ۾ پنهنجي جان جلاءِ. اي جيءَ! توکي ايئن ڪرڻ جڳائي جيئن باهہ پاڻي تي پوي.

## سُر رامڪلي، داستان ۵، بيت ۴

مـنـجـــهـــ مـــحـــبـــت مـڇ، پـــهـــر ڏوڏا ڏوڙ سـين،
چـــڏيـــائـــون چـــر لـــهـــي، ڪـــوڙ ڪـــلـــڪـــڻ ڪـــچ،
اوڳـــڻ اوڏا نـــہ تـــيـــا، ڳـــڻ ڪـــيـــائـــون ڳـــچ،
جـيـئـن سـڙن تـيـئـن سچ، جـيـئـن سـڙن تـيـئـن سنـرا.

**ڏوڏا:**

آڏواڻي = لهار اڳيان باهه ڏئيندڙ

قاضي = ڏمڻ وارو، ڏئيندڙ

گربخشاڻي = ڏمڻ وارو، ڏئيندڙ

شاهواڻي = ڏنوڻ وارو، نئون طالب

منگهاڻي = وڏو ڍڳ/انبار، وڏو تعداد

"دود/ڏوڏا" تي منڍ ۾ جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

مٿئين بيت ۾ آيل لفظ "ڏوڏا" جي ڏنل معنيٰ "لهار اڳيان باهه ڏئيندڙ" ڪيڏي عجيب ۽ حيرتناڪ آهي جنهن سڄي بيت جي شڪل بدلائي بيت کي پنهنجي اصل راهه (جوڳين جو ذڪر....) کان ڦيرائي/ هٽائي وڃي لهار، ڏنوڻ ۽ باهه ڏئيندڙ وٽ پهچايو آهي جنهن ڪري بيت سمجهڻ کان صفا ٻاهر ٿي ويو آهي. سٽ آهي:

"منجهه محبت مچ، ٻهر ڏوڏا ڏوڙ سين."

يعني: اندر منجهه محبت جا مچ اٿن ۽ ٻاهر/ظاهر ۾ ڏوڙ جا/ مٽيءَ جا ڍڳ ۽ انبار پاتل اٿن.

هاڻي ڏسي ٿو سگهجي ته لفظ "ڏوڏا" جي صحيح معنيٰ جيڪا ڍڳ/انبار آهي (جيڪا اڄ به لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي ڇاپرو/جابلو علائقن ۾ رائج آهي) ڏيڻ سان بيت پنهنجي اصلي روح/شڪل/صورت ۽ توانائيءَ سان ڀرپور نموني نروار ٿي سامهون بيهي ٿو. ڇو جو جوڳي هل هلان/چڪ چڪاڻ ۽ سفرن/پنڌن منجهه ئي پورا هئا/حوالي هئا. جن کي نه تيل ۽ ميٽ جي گهرج نه تڙ ۽ غسل جي پرواهه. (لنگ ڪڍيائون لانگ، موٽي ڪن نه مسحو) ۽ جيڪي مٽيءَ جا مڻ/ڏوڙ جا ڍڳ پايو پيا رلندا هئا. لطيف سائين انهن ئي، "ٻهر ڏوڏا ڏوڙ سين.... "وارن جي پيو ڳالهه ڪري. جن لاءِ پاڻ ئي فرمايو اٿن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ويـنـي جـنـين ورهـ تـيـا، مـتـي ڪـي مـيـري“

باقي آڏواڻيءَ صاحب سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ٣، جي بيت ١١ ۾ لفظ ’ڏوڏا“ کي لوهارن، ڏنوڻ ۽ ڏئيندڙن وٽ ڏسي ان جي معنيٰ ڏني ”ڏمڻ وارا، ڪچا پانڌيڙا“ ۽ ان تي پنهنجيءَ معنيٰ تي قائم رهندي ۽ اتي ڏنل لفظ ”ڏوڏا“ جي معنيٰ ”ڏمڻ وارا“ کي اڳيان رکي ان جي معنيٰ ڏني آهي. لطيف جي ”ڏوڏا تيء م ڏار، جم ڪچيو رڪ ڪٽيون ٿيئي“ پر سيني رسالن ۾ لفظ ”ڏوڏا“ جي اڳيان عجب جي نشاني (!) لڳائي ان سان ”تخاطب“ ڏيکاريو آهي، جڏهن تہ ايئن ناهي. شاهہ سائين ”ڏوڏي“ (ڏيڳ) سان مخاطب ناهي بلڪ سر يمن ڪلياڻ واري بيت ۾ باهہ ڏئيندڙ سان مخاطب آهي، تہ ”ڏوڏن (ڏِڳن) ڪان ڏار نہ ٿي! پري نہ ٿي!. متان اها باهہ جهڪي/هلڪي ۽ ڍري ٿيئي ۽ ڪچو لوهہ تتڏي هئڻ جي صورت ۾ متان رتيون رتيون، ڪٽيون ڪٽيون ٿي پوي. ۽ هتي،

”منجهہ محبت مچ، ٻهر ڏوڏا ڏوڙ سين“ جي معنيٰ ٿي:

اندر محبت جا مچ اٿن ۽ ٻاهر مٽيءَ جا ڏيڳ پاتل اٿن. ٿي سگهي ٿو تہ محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي ان ۾ ڪا مرضي ۽ دل شامل نہ هجي ۽ هن صاحب پڻ لفظ ”ڏوڏا“ جي ٻين جي ڏنل معنيٰ تي اڪتفا ڪئي هجي. لاشڪ تہ ايئن ئي آهي. ڇو جو سيني قابل محققن/ شارحن لفظ ”ڏوڏا“ جي معنيٰ ”ڏمڻ وارو“ ۽ ”باهہ ڏئيندڙ“ ئي ڏني آهي. پر ايئن ڇو؟ ۽ ڇا لاءِ؟ پر جيئن تہ مان پنهنجن لفظن جي (سيني لفظن جي) نہ صرف پاڻ ساکي آهيان (هڪ عورت جي ساک هوندي بہ ڪتي تي هلي!!) پر منهنجو سڄو علائقو (ضلعو لسٻيلو ۽ ڪوهستان) انهن سيني لفظن جو ساکي ۽ شاهد آهي ۽ اتي رهندڙ (ڇاپرو/جابلو) ماڻهو منهنجن سيني لفظن جا ساکي (شاهد/گواهہ) آهن.

لفظ ”ڏوڏا“ جي پويان جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

چُرَ:

آڏواٽي = غفا، ايڪانت

قاضي = هرڪر، اڻ تڻ

شاهاٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاٽي = مداخلت ڪرڻ

يعني انهن (جوڳين) ڪوڙ، ڪلچڻ ۽ ڪچ سان مداخلت ڪئي ۽ پوءِ ان جي حقيقت/اصليت سمجهي/سڃاڻي پوءِ انهن ان کي ڇڏي ڏنو. لفظ ”چُرَ“ جملن ۾:

جملو = هن جي چُرَ نہ ڪجانءِ متان بگڙي نہ پوي.

جملو = هيءُ سنئون سمهاڙو وينو هوڪيس چُرَ ڪري اٿاريائين.

جملو = جيڪو ٿيو اهو ٿيو هاڻي ان ڳالهہ جي وڌيڪ چُرَ نہ ڪجو.

بيت جي سمجهاڻي = سندن اندر ۾ محبت جا مچ ٽا ٻرن ۽ ٻاهران/ظاهر ۾ اهي مٽيءَ جا / ڌوڙ جا ڍڳ ۽ انبار پايو پيا هلن. هنن ڪوڙ، ڪلچڻ ۽ دغا کي ڏسي، سمجهي، سڃاڻي ۽ پرکي، ان کي ترڪ ڪيو، اوڳڻ جي ويجهائي نہ ٿيا ۽ بيشمار ڳڻ حاصل ڪيائون. اهي جيئَن جلن (نينهن جي آتش ۾ پچن) تيئَن سچ (سون جيان خالص) ٿين. جيئَن سڙن (ڪشالن ۾ پاڻ پچائين) تيئَن سرها ٿين.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

### سُر رامڪلي، داستان ٥، بيت ٨

لال ڪـي لال ٿـيـا، لال لـنـگـهـيـو جـن،
عـدم جـي اوڙاهـ تـي، ڪـيـا آسـڻ آڏوتـين،
گـردانـيـو گـنـگـن، گـرداب ڪـي گـيـان سـين.

**آڏوتين:**

آڏواٽي = جوڳين

قاضي = اڻ ڏوتل، ميرا، ناپاڪ

شاهواٽي = اڻ ڏوتلن، ميرن، پيوت ٿيل جوڳي فقيرن

منگهاٽي = اڻ ڏوتلن

آڏواٽي صاحب پاران هتي ٻـ لفظ "اڏوتين" جي معنوي معنيٰ ڏنل آهي. جيڪا لفظي معنيٰ طور ڏيڻ صحيح ناهي.

جملو = چو يلا! هي تانوَ اجان تائين اڏوتا پيا آهن.

جملو = اڏوتن ڪپڙن ڪي ڌوتل ڪپڙن سان ڪنهن ملايو آهي؟

جملو = هيءُ سدائين ڏوتن ۾ اڏوتو آهي.

**گردانيو:**

هي لفظ پڻ عالمن "گردان" بمعنيٰ "ڦرڻ" مان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ان ڪري بيت جي معنيٰ هن ريت بيهندي:

بيت جي سمجهاڻي = اهي ڪي ٿورا هيري جهڙا سچا، فقير، روحاني رنگ ۾ رڄي لال ٿيا جن وتان املهہ پرين اچي لنگهيو (جن الک جو درشن ڪيو) هنن اڏوتن/ويراڳين نيستيءَ جي اوڙاهہ ۾ پنهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آستان اڏيا. (خوديءَ کي پوڙي فنا ڪيو اٿن) هنن گونگن (مات ۾ گهاريندڙن) ڪن (نفس) کي گيان (معرفت) سان ولوڙيو. (هنن نفس کي گيان سان نهوڙي ناس/مات ڪيو) پر جي ”گردانيو“ بمعنيٰ ”ڇاڻڻ“ جي سمجهجي تہ آخري سٽ جي معنيٰ ٿيندي ”هنن مات ۾ رهندڙن ڪُن جي گهرائيءَ کي پنهنجي گيان سان ڇاڻي ورتو“.

## سُر رامڪلي داستان، ۵ بيت ۹

وِلهون، ويلا، واءُ، جوڳين جهليا جان ۾،
اجهو رِيءَ الله ڪونهي ڪاپڙين جو.

**وِلهون:**

آڏواٽي = سرد هوائون

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = (اهو بيت رسالي ۾ ڪونهي)

منگهاٽي = ماڪ، بنا هوا جي اسر کان اڳ واري پُسيل/پينل ٿڌ. لفظ ”ولهہ“ واحد صورت ۾ سر ڪنيات داستان ۲، بيت ۳ ۾ آهي. ”سڄڻ ستا ولهہ ۾، چوتا پري ڪپور“. اتي ان جي جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = جوڳين پنهنجي جيءَ مٿان پرهہ ڦٽيءَ واريون پوسالون (اهڪ ۽ ناگواري وارا وقت ۽ ويلا) بک ۽ هوائون (ٿڌيون، ڪوسيون) سڀ پنهنجي سر مٿان سٺيون، ڪاپڙين جو الله کان سواءِ ڪوبہ اجهو آسرو ناهي.

## سُر رامڪلي، داستان ٦، بيت ٣

مـتـا مُـوءِ ٿـيـان، سـدا سـوائـيـتـا ڪـاپـڙي،
ڪـونـي ڪـنـهـن نـہ پـڇـيـا، ڪـي انـدر انـدوهـيـان،
جـيـڪـا چـمـاران، سـا مـنـجـهـہ گـونـدر گـذري.

**سوئيتا:**

آڏواٽي = سوءَ ۾، ماتم ۾

قاضي = سوءَ ۾، ماتم ۾

گربخشاٽي = سوءَ يا ماتم ڪندڙ، غمگين، ڏک ۾ گذاريندڙ.

منگهاٽي = سوڳ ۾ (ماتم ۾ روئڻ پٽڻ ٿيندو آهي ۽ سوءَ ۾ خاموش ڏک جو اظهار).

لفظ، ”سوءَ“ جي پويان جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي.

”سوءَ“ معنيٰ ”سوڳ“ ۽ ”سوئيتا“ معنيٰ سوڳ وارا، سوڳ ۾ رهندڙ، ڏکائتا.

بيت جي سمجهاڻي = جوڳين جا مٿا جٽائن سان ويڙهيل آهن ۽ هو هميشہ سوڳ ۾ ٿا گهارين. ڪنهن بہ ڪين سڏي ڪانئن نہ پڇيو تہ ڪين اندر ۾ ڪهڙي جهوري آهي. جيڪا بہ سندن چمار آهي اها سموري ڏک ۾ ٿي گذري.

## سُر رامڪلي داستان ٧، بيت ١١

پوڇا ڪار مَ پاڻ کي، جوڳي! رکج جوڳ،
خلق خادم جئن ڪري، ايءُ راول! وڏو روڳ.
پڳن ڪونهي پوڳ، نانگا وڃڻ نڳيا.

### پوڳ

آڏواٽي = عيش

قاضي = عيش، طعام

شاهواٽي = طعام

منگهاٽي = مذاق، مشڪري، مسخري (تفريح)

لفظ ”پوڳ“ جي لفظي معنيٰ اها آهي پوءِ الائي ڇو سيني ان جي معنوي معنيٰ تي زور ڀريو آهي جيڪو تمام غلط آهي. ڇو جو معنوي معنيٰ ڪڍڻ هر ماڻهوءَ جو پنهنجو مسئلو آهي/معاملو آهي ۽ جي ڪنهن به رسالي (شاهہ جي رسالي) ۾ بيتن/واين جو نثري حصو يا انهن جي نثري سمجهاڻي ڏنل ناهي تہ پوءِ بہ ڏکين لفظن جي معنائن ۾ انهن لفظن جي لفظي معنيٰ ئي ڏيڻ گهرجي. پر جيئن تہ آڏواٽي صاحب وٽ نثري طريقو آهي تہ پوءِ ضرور مٿس اها ميار اچي ٿي. هُن صاحب ان طريقي مان لاڀ حاصل ڪرڻ بجاءِ ڏکين لفظن جي معنائن واري حصي کي الائي ڇو معنوي معنيٰ لاءِ منتخب ڪيو!

جيئن تہ لفظ ”پوڳ“ مذاق ۽ مشڪري واري معنيٰ ۾ عام آهي ۽ هر هنڌ سمجهيو ٿو وڃي، تنهنڪري جملن ۾ سمجهاڻي ڏيڻ سان لفظ ”پوڳ“ سان پوڳ ٿي پوندو.

بيت جي سمجهاڻي = اي جوڳي! پنهنجي پوڇا نہ ڪراءِ، تون جوڳ کي قابوءَ ۾ رک. اي راول! تون جو خلق کي پنهنجو ٻانهو ٿو

ڪرين سو وڏو روڳ (مرض) اٿئي. دنيا ڪان ڀڄي ڏور ويندلن/تارڪن ۽ تياڳن لاءِ ڪا ڪل خوشي ۽ ڀوڳ ڪونهي. نانگا (سچا ويراڳي) نڪريو وڃن. (دنيوي مزن جي دام مان پاڻ کي ڇڏايو وڃن).

## سُر رامڪلي، داستان ٨، بيت ١

رهيا اٿئي رات، صبوح ويندءِ صابري،
لنءُ لنءُ منجهہ لطيف چئي، ڪر تنين جي تات،
سندي جوڳين ذات، پئي پيري مس مڙي.

**مِڙي:**

آڏواٽي = رڳ رڳ ۾

قاضي = گڏجي، ملي

شاهواٽي = ملي، گڏجي

منگهاٽي = ملي، گڏجي، راضي ٿيئي

بيت جي نثري معنيٰ ۾ لفظ ”مڙي“ جي صحيح معنيٰ، يعني ”ملي“ ڏنل آهي، پر ڏڪين لفظن جي معنائن ۾ الائي ڇو لفظ ”مڙي“ جي معنيٰ ”رڳ رڳ ۾“ ڏنل آهي (شايد پروف جي چُڪَ هجي يا ڇا!....) پر مان ان جي تصحيح ضروري سمجهي.

بيت جي سمجهاڻي = تو وٽ رات رهيا آهن، هي صبر وارا (صابرِ) صبح جو تو وٽان روانا ٿي ويندا. تون پنهنجي لونءَ لونءَ منجهہ انهن جي ڀچار ڪر/ياد ڪر. جوڳين جي ذات ٻي دفعي مَس (مشڪل سان يا ڪنهن نصيب سان) ملي.

## سُر رامڪلي، داستان ٨، بيت ٨

اڄ نـــہ اوطـــاقـــن ۾، دونـــهـــين ڏنـــڌ نـــہ لاٽ،
ويـا ويـراڳـي نـڪـــري، چـــت چـڪـائـي چـــاٽ،
آئون ماريس تنهين ماٽَ، جيجان! جوڳيئڙن جي.

**ڏنڌ:**

آڏواڻي = دونهون

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = (هي بيت شاهواڻيءَ واري رسالي ۾ ڪونهي)

منگهاڻي = چانولو، مٽيءَ جي يا دونهين جي مُنجهہ/ڪوهيڙو.

ڏُنڌ" اهوئي عام لفظ آهي جيڪو اڄ بہ ساڳي معنيٰ ۾ جتي ڪتي ڳالهايو ويندو آهي. لطيف سائينءَ بہ ان ساڳيءَ معنيٰ ۾ آندو آهي، پر آڏواڻي صاحب "ڏنڌ" کي "دونهون" لکيو آهي.

"اڄ نـــہ اوطـــاقـــن ۾، دونـــهـــين ڏنـــڌ نـــہ لاٽ"

دونهون تہ ماڳهين بيت ۾ مرڪزي حيثيت سان آيل آهي. معنيٰ، نہ دونهون آهي نہ ئي دونهين جي ڏنڌ آهي. يعني جوڳي الائي ڪيترو اڳ/ڪهڙيءَ مهل نڪري ويا آهن جو دونهين واري ڪاراڻ پري ڏنڌ ۾ چانولو ئي ناهي. "دونهون" نہ، دونهين جي "ڏنڌ" قابل ذڪر آهي. ڇو جو پهرين تہ باريل لاٽ/مچ هوندو آهي ان ڪانپوءِ دونهون ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڏنڌ ٽيندي آهي ۽ صبح واري ڪوهيڙي کي بہ ڏنڌ چئجي ٿو.

جملو = رات ماڪ تمام گهٽي پيئي هئي صبح جو اٽيس تہ ڏنڌ ڪري ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿي آيو.

جملو = طوفان ٿو اچي مٽيءَ جي ڪيڏي ڏنڌ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = الائي ڪنهن باھ ٻاري آهي هن پاسي تہ يڪي دونهين جي ڏنڌ آهي.

**چاٽ:**

آڏواٽي = چاٽُ (ماڪيءَ جو)

قاضي = چاٽو، لذت

شاهواڻي = (هي بيت شاهواڻيءَ واري رسالي ۾ ناهي)

منگهاڻي = چٽ، ٽوري، ذري، ٻڙڪي

جملو = مان ڪيس ڪيئن وساريان هو مونکي نينهن جي چٽ چکائي ويو آهي.

جملو = وٽس ٻوڙ وٺڻ ويئي هيس هيءَ چٽ ڏني اٿس.

جملو = مون لاءِ هيءَ چٽ ڇڏي اٿئي! سڀ ٻاڻ ڪاڏئي.

چاٽ/چٽ معنيٰ ايتري ٿوري جو چپ سان چٽجي وڃي. هڪ گراھ يا هڪ ڏُڪَ ڪان بہ گهٽ. آگر سان چٽي ڇڏجي.

بيت جي سمجهاڻي = اڄ جوڳين جي مڙهين ۾ نہ لاٽ آهي نہ دونهون آهي نہ ڏنڌ. سنياسي منهنجي دل کي پنهنجي صحبت جو ذرو سواد چکائي نڪري هليا ويا. اي جيجل! مونکي جوڳين جي انهيءَ ٻلائيءَ ۾ ٽورن ماري وڌو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر رامڪلي، داستان ٩، بيت ١

بڪ وڏائون بگرين، جوڳي ڪندا جُجَ،
طلب نہ رکن طعام جي، اوتيو پين اج،
لاھوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو مج.
سامي جهاڳي سج، وسنئين ڪي ويجها ٿيا.

### جُجَ

آڏواڻي = موجون، آنند

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = ڏيا، رعب، جوهر، ڪلا، قدرت، نور، روشني، تجلي.

منگهاڻي = هجوم، هشام، ميڙ، مُجَ، ماڻهن جي گهڻائي، وڏي ڳُٽپ ۾ ماڻهو.

لفظ ”جُجَ“ منهنجي هڪ شعر ۾ بہ آيل آهي.

چاڪي ٿو ڀنيور منگهاڻي،
آهيان تنها جُجَن ۾. (هجومن ۾)

جملو = مان آيس پي تہ واٽ تي الائي جهڳڙو هو يا ڇا پر ماڻهن جا جُجَ هئا.

جملو = هن ڀيري لطيف سائينءَ جي ميلي ۾ ماڻهن جا جج هئا.

### مج

آڏواڻي = سر يا ڳاهہ جيان نرم

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهواٽي = سر يا گاهہ جنهن سان رسا ناهيندا آهن، پائمال

منگهاٽي = چِلِيَلَ، چِپِيَلَ، نرم، پِيسيل، (ماريل/مچايل)

"مُجَ" هرويرو سر يا گاهہ سان واسطو نٿو رکي، گاهہ ۽ سر کي بہ جڏهن چِلي، ڪُٽي نرم ڪبو ۽ ان مان رسا يا ڪابہ شيءِ بڻائبي آهي تہ چئبو "مج" مان بڻايل آهي. "مُج" ان عمل کي چئجي ٿو جنهن ۾ ڪنهن بہ ثابت چيز کي چِپي، چِٿي نرم ڪجي.

لطيف سائين بہ تہ ايئن ٿو چوي تہ:

"لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو مُجَ"

يعني: جوڳين پنهنجي من کي (هر خوشي سک کان پري ڪيو) ماري مات ڪيو.

جملو = پوليس هن کي ايڏي تہ مار ڏني آهي جو ماري ماري مج ڪيو اٿن.

جملو = اج گوشت تہ زبردست رڌل آهي، اصل مج لڳو پيو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = جوڳين پنهنجي گودڙين ۾ بک وڌي (سندن گودڙيون سيڌي پاڌي کان خالي آهن ۽ کين دائمي ورت آهي) جوڳي (جتان ڪتان ٺولا ٿي) اچي هڪ هنڌ وڏي تعداد ۾ گڏ ٿيندا. هو طعام جي تمنا نٿا رکن ۽ اج اوتيو ٿا پيئن. (نہ کين ڪاڏي جي گهرج آهي نہ پيتي جي) جوڳين پنهنجو من ماري مات ڪري ڇڏيو آهي. سامي سچ جو سفر لتاڙي وچي وسندين کي ويجها ٿيا. (هنن پاڻ کي تسيا ڏيئي وچي جانب جي جوءِ لڌي).

### "ڪاپاٽي":

هي لطيف بادشاهہ جي سُرن مان هڪ سُرُ آهي جنهن جي معنيٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ صرف محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب پر شاھہ سائين جي ھر شارح/ محقق "ڪتڻ واري" ڏني آھي. شايد ان ڪري جو ان سُرَ ۾ ڪتڻ وارن، ڪتيندڙن ۽ ڪاتارن جو ذڪر آھي. لفظ "ڪاپائتيءَ" جي معنيٰ آھي، "پورھيتياڻي/محنت ڪش/مزدورياڻي/محنتياڻي. محنت ڪي اڄ بہ ضلعي لسبيلي ۽ ڪوھستان ۾ ڪي وڏڙا "ڪاپو" چوندا آھن. وڏي ڏک سان ٿو چوڻو پوي تہ ھي ھيرن جواھرن کان انمول لفظ اسانجي واھپي ۽ ڳالھائڻ مان سرڪندو/نڪرندو ٿو وڃي، پر اجا بہ وڏڙن کان علاوہ نوجوان بہ لفظ "ڪاپي" کان مانوس آھن ۽ ڪين ان لفظ جي معنيٰ ايندي آھي. (ڀلي اھو لفظ سندن ڳالھائڻ ۾ نہ ھجي) ڪتڻ واريءَ کي شاھہ سائين "ڪاتاري" چيو آھي.

"توٽي تون ڪاتار....." يا " نہ سي وڙنڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون."

اسانکي فخر ڪرڻ گھرجي تہ اسان جي عظيم شاعر جو ھڪ سُرَ مزدورن، پورھيتن ۽ محنت ڪشن جي نانءُ آھي. منھنجي خيال ۾ لطيف سائين کان وٺي اڄ تائين ھن سُرَ جو نالو ڪنھن بہ نہ سمجھيو آھي (شايد)، باقي انھن علائقن جي ماڻھن ضرور سمجھيو ھوندو جيڪي ان لفظ جي معنيٰ ڄاڻن/سمجھن ٿا. پر افسوس جو ھاڻي اھو ۽ اھڙائي ٻيا لفظ اسان کان گم ٿيندا پيا وڃن، ڇو جو اسين پنھنجي ٻوليءَ کي گھٽ اھميت ڏيڻ لڳا آھيون ۽ ٻين ٻولين جا لفظ پنھنجي ٻوليءَ ۾ ڳالھائيندي فخر ٿا ڀانيون (۽ ايئن پاڻ کي شھري ماڻھو ٿا ثابت ڪريون) ۽ ايئن ڪرڻ سان اسان کان ڪيئي اسانجا اٿملھہ لفظ غائب ٿي ويا آھن ۽ غائب ٿيندا پيا وڃن پر الله جي وڏي مھرباني ۽ لک احسان جو شھر بيجاء وڌڻ جي باوجود (جيڪي سرسبز پٽن/جبلن ۽ ندين کي ڳوريندا ۽ ڳھندا پيا وڃن) اڃا جبلن/پٽن ۾ ڪي اھڙا ھنڌ آھن جيڪي اسانجي نج نبار لفظن جا راڪا/رکپال آھن. جتي اھي ناياب ٿيندڙ لفظ ڳالھايا ٿا وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ” ڪاپائتي“ جملن ۾:

جملو = هيءَ ويچاري ڪاپائتي آهي، سڄو ڏينهن مصروف آهي مال چارڻ، جنڊ پيهڻ، لابارو ڪرڻ سڀ مٿي تي اٿس.

جملو = هي مائر ڏيئر ڪاپائتيون آهن، سندن پريل پرت رڳو اچي ڏس تہ.

جملو = ڪاپائتي تہ آهيان پر شل منهنجو هي ڪاپو قبول پوي/ساب پوي.

## سُر ڪاپائتي، داستان ١، بيت ٦

اڄ پڻ اُجَهڻ ڪي مرين، نڪي ڪتيءَ ڪال،
مونا اتجي اڪڙيا، آرٽ ڊرڪي مال،
هيءَ تنين جي حال، جن ڪاپي منجهان ڪين ڪيو.

**ڪاپي:**

آڏواٽي = ڪتڻ جي پورهئي

قاضي = ڪتڻ جو پورهيو

شاهواٽي = ڪتڻ جي پورهئي

منگهاٽي = پورهئي، محنت

مٿي لفظ ” ڪاپائتيءَ“ جي جملن سان سمجهاڻي ڏني اٿم پر جيئن تہ هتي لفظ ” ڪاپي“ آيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ” پورهئي“ .

جملو = سڄو ڏينهن تا ڊڳي وانگيان وهون پر ان ڪاپي، مان بہ ڪا پورت نٿي ٿيئي.

جملو = ڪاپي منجهان نڪو ملي نڪو سلي جيڪو نصيب ۾

هوندو اهو ئي ملندو.

جملو = سچي زندگيءَ جي ڪاپي منجهان مونکي تہ ڪجهہ بہ هڙ حاصل نہ ٿيو.

بيت جي سمجهاڻي = اڄ بہ پيئي آرام لاءِ اجهرين ۽ نڪي وري ڪالهہ ٿي ڪتيئي. اٺ جون ڪاتيون الڙي پاهر آيون آهن ۽ ڏور بہ ڍلي ٿي ويئي آٿس. افسوس آهي انهن جي حال تي جن پورهئي مان ڪي ڪين پرايو.

## سُر ڪاپائتي، داستان ١، بيت ٨

سون ساريڪا هٿڙا، ڪوه نہ ڪتين رڏ ؟
ويهي ڪنڌ ڪاپو ڪر، ڳهتون ڳوهيون ڇڏ،
تہ صرافاڻي سڏ، مرڪيو هوند متائين.

### ڪاپو ڪر:

آڏواڻي = ڪتڻ جي ڪرت ڪندڙ

قاضي = ڪتڻ جو پورهيو ڪندڙ

شاهواڻي = ڪتڻ جو پورهيو ڪندڙ

منگهاڻي = محنت ڪر پورهيو ڪر

”ڪاپو“ معنيٰ ”پورهيو“، ”ڪر“ معنيٰ ”تون ڪر“ هي بہ ڌار ڌار لفظ آهن جن کي هڪ ئي لفظ ”ڪاپوڪر“ واري عجيب شڪل ڏيئي حيرت جهڙي معنيٰ ”ڪتڻ جي ڪرت ڪندڙ“ ڏنل آهي.

جملو = سچو ڏينهن گهر ۾ واندو ويٺو آهين اٿي ڪاپو ڪر تہ ڪو ڏوڪڙ پيسو هٿ ۾ اچيئي.

جملو = سچو ڏينهن ٿي پاڻ کي سنوارين ۽ چوين تہ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهٽي آهيان، اسان وانگيان ڪاپو ڪر تہ خبر پوئي!

جملو = ابا اٽي ڪو ڪاپو ڪر هاٽي تہ گهر ۾ اٽي جي ڇرڪ بہ ڪانهي.

بيت جي سمجهاڻي = توڪي سون جهڙا هٽڙا آهن، پوءِ بہ تون هوڏڻ! ڪتين ڇو نہ ٿي؟ هڪڙيءَ ڪُنڊَ (ڪوٺي) ۾ ويهي محنت ڪر/ پورهيو ڪر. گوٺناٽيون ڇڏي ڏي تہ صرافاٽي سڏ تي مرڪي پنهنجو پورهيو مٽائين. (جيئن تہ اڳ مال جي بدلي مال ونبو ۽ ڏبو هو سو لطيف سائين چوي ٿو تہ، تون محنت سان ڪجهہ ڪَتِ تہ سوداگر اڳيان پنهنجو ڪيل پورهيو پيش ڪري پنهنجي پسند ۽ ضرورت واريءَ چيز سان مٽائي/بدلائي سگهين)

## سُر ڪاپاٽي، داستان ١، بيت ٢٠

تـاجـي تـوريـائـون، تـہ عـيـب نـڪـتـا اڳـيـان،
ڪـوتـي ڪـاپـائـتـين ڪـي، پـر ۾ پـڇـيـائـون،
اڳـلـڙي آئـون، مـونـڪـان پـڙا پـڳـا نـہ ٿـيـا.

**تاجي:**

آڏواٽي = تاجيءَ جون تندون

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = ڪپڙي ۾ بہ تندون ٿينديون آهن. هڪڙي تاجي ٻيو پيٽو (ڪتيل سٽ)

منگهاٽي = هڪڙي هڪڙي تند ڌار ڪري توريائون

هڪ هڪ سگو جدا جدا ڪري توريائون.

لطيف سائين چوي ٿو ”تاجي توريائون“ان جي ڏنل معنيٰ آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تاجيءَ جون تندون“ يعني تاجيءَ جون تندون توريائون؟

اٽت ۾ هڪڙيون تندون اڀيون ۽ ٻيون سڌيون هڪ ٻئي مان لنگهنديون آهن انهن مان هڪ رخ وارين تندن کي تاجي ۽ ٻئي کي پيٽو چئبو آهي پر ”تاڃڻ“ ان عمل کي ٿو چئجي جيڪو ڪنهن به اٽت/ اٽڻ واري شيءِ لاءِ شروعاتي خاڪو هوندو آهي ۽ اهو ڪپڙي ڪان وٺي اڳٺ/اناڳ تائين آهي. اناڳ/اڳٺ لاءِ تاڃڻ وارو عمل ايئن ٿيندو آهي جو يا تہ ڪارچ تي تاجبو آهي يا وري زمين ۾ ماپ ۽ حساب سان ڪلا/ڪليون ٺوڪي ان مان هڪ رخ ۾ سڄي جي هڪ هڪ تند گذاربي/لنگهائبي آهي ۽ ان مهل جي سڄو خراب/سڙيل/سنهو/ٿلهو/ بدرنگ ۽ ڳنڍين وارو هوندو. مطلب تہ سڄي ۾ جي ڪو بہ عيب هوندو تہ اهو ظاهر ٿيندو ۽ اڳيان اچي ويندو. ڇو جو ڌاڳي جي هر تند هٿن مان گذرندي آهي ۽ اکين سان ڏسبي آهي. هن بيت ۾ ”تاجي توريائون“ يعني سڄي جي هڪ هڪ تند هٿن جي ڪسوٽيءَ مان گذاري توريائون تہ ”عيب نڪتا اڳيان“ يعني تہ سڄي جون سڀئي خرابيون ۽ عيب سامهون آيا ۽ ظاهر ٿيا. ڇو جو انهن هڪ هڪ تند جاچي ڏٺي هئي ۽ ”اگلڙي آئون مونکان پڙا پڳا نہ ٿيا“ يعني مان ئي سست ۽ ٻجڙي آهيان جو مونکان ڳنڍيون ڇڙيون/ڪوليون نہ ٿيون.

جملو = مون تنهنجو سڄو تاجي رکيو آهي پلي ڪٽي وڃ.

جملو = مونکي تہ وقت ئي نٿو ملي تہ مان ڪٽي پنهنجو اڳٺ تاجيان.

جملو = ٻئي ڏکيا ڪم اجا رهيا پيا آهن. تنهنجو مَرِتَو بہ تاڃٹو اٿم ۽ اڃان پنهنجو اَوڇو بہ تاڃڻ لاءِ رکيو پيو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = تاجي توريائون/ڏسي جانچي توريائون تہ انجا عيب ۽ نقص پڌرا ٿي پيا. صرافن پورهيتياڻين کي ڪوٺي/سڏي ڳجهہ ڳرهہ ۾/لڪَ ۾ ڪاٺن حساب ڇڪيو. مان سست ۽ ميري مندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان مونکان ڳنڍيون ڳوڙها سلجهي نہ سگهيا.

## سُر پورب داستان ١، بيت ١

ڪري ڪانگ ڪُرنشون، پيرين پرينءَ پئيج،
آئون جو ڏينئي سنهيو، وچ مَ وساريج،
الله لڳ لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائيج،
چئان تيئن چئيج، تہ ڪنياتا خوش هئين.

**ڪُرنشوُن:**

آڏواٽي = سلام، نياز

قاضي = سلام، نياز

شاهواٽي = سلام، نياز، تعظيم

منگهاٽي = زاريون نيزاريون، ڏند پيڙي روئڻ

"ڪُرنشُون" ان ڪي تو چئجي جڏهن ڪو انتهائي هيٺائيءَ سان پيرين پوي، ليلائي، زاريون ڪري. باقي سلام ۽ نياز تہ هڪ جهڙي ۽ برابريءَ واري حيثيت واري سان ڪبا آهن. ڪرنشون اهو ڪندو آهي جنهنجو اڳئين سان ڪا همصري ڪرڻ جو ڪو سوال ئي نہ هجي. پانيان تي جملن ۾ سمجهاڻي ڏيڻ وڌيڪ بهتر ٿيندي.

جملو = هن ويچاري ڪهٽيون ئي ڪرنشون ماريون پر هن ڪيس نہ مڃيو.

جملو = مان تہ هلي آيس هن پي ڪرنشون ماريون پوءِ الائي ويچاري جو ڇا ٿيو.

جملو = هو تہ صفا ڪنور آهي غريبن ڪيڏيون ڪرنشون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماريون، پيرن تي مٿا رکيا، ليلڙاڻيون ڪيون پر هو پنهنجي ڳالهه تان نہ هٽيو.

بيت جي سمجهاڻي = اي ڪانگل! پرينءَ جي پيرين پيئي زاريون ڪوڪون ڪج/ليلائيج. مان جيڪو توکي پيغام ڏيان اهو واٽ ۾ وساري نہ ڇڏج. ڏٽيءَ جي واسطي ساڻس ڳجهو ڳالهائيج اي ڪانگا! جيئن چوانءَ تيئن چئيج تہ هميشہ خوش هوندين.

**سُر پورب، داستان ٢، بيت ٢**

سامي چائين سک طلبيين، سِڪئين نہ سامي،
اجا اورئين پنڌ ۾، وينئين وسامي،
گر کي تون نہ گڏئين، چائين انعامي،
دائم مدامي، پورو رهج پرينءَ سين.

**وسامي:**

آڏواٽي = بيحال ٿي

قاضي = ٿڪجي، بيحال ٿي

شاهواٽي = ٿڪجي

منگهاٽي = ساهي تو پٽين! آرام تو ڪرين! (ساهي پٽڻ، آرام ڪرڻ)

”وسامڻ“ جي معنيٰ آهي ساهي پٽڻ، آرام ڪرڻ.

”اجان اورئين پنڌ ۾، وينئين وسامي“

معنيٰ: اجان ٿوري ئي پنڌ ۾ ساهي پيو پٽين!

جملو = يڪو ڪم جي مٿان ڪم پيو ڏين، وسامڻ تہ ڇڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ڪارايل، داستان ٢، بيت ٣

آســڻ جــن اريــج ۾، اوءِ ڪــچــــر وه ڪـــري،
تـن جـا منهن ملـڪن جـهـڙا، تـڪـو تان نـہ تـري،
جي انهين سـاڻ اڙي، تـہ ڪانهي جاءِ جـريءَ جي.

**ڪَچَرُ:**

آڏواڻي = نانگ

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواڻي = نانگ

منگهاڻي = بدذات، بڇڙي نيت وارو، گندو (نانگ بہ تہ ماڻهو بہ).

جملو = هِن ڪان ڊڄ! هي ڪچر آهي پنهنجو ڏسي نہ پرائو ڏسي.

جملو = اسان ڪيس ڪيڏي عزت ڏني پر هو ڪچر هو سو ان پنهنجي ڪچرپائي ڏيکاري ڇڏي.

**ڪري:**

آڏواڻي = نج يا قاتل زهر

قاضي = پوري، پڪي، سچي

شاهواڻي = پڪي، پوري، سچي (موتمار)

منگهاڻي = سمورو (اڇلائي) سڄو (هٺي) ٻُهاري، سهيڙي

”ڪري، وه ڪري“ معنيٰ جيترو بہ وِس زهر آهي اهو سمورو ئي تو اڇلائي، ڏنگ هڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مان تہ هتي ذرو بہ ڪچرو نہ ڇڏيو هو سڀ ڇنڊي ڪري ٻاهر اڇلايو هو.

جملو = ڇيو هوم تہ ٿوري ريتي پلي ڪڻ پر هو تہ سڀ ڪري ڪٺي ويو.

جملو = هي سڀ مٽي ڪري هڪ هنڌ جمع ڪر!

بيت جي سمجهاڻي = هن نانگ جا آستان ٻر پٽن ۾ آهن، اهي خراب نيت وارا، بڇڙي عادت وارا بدذات (نانگ) سمورو زهر سهيڙي تا ڏنگ هڻن (ڀرپور ڏنگ تا هڻن) انهن جون صورتون فرشتن جهڙيون آهن (ڏسڻ ۾ سهڻا آهن) پر سندن ڏنگ نہ گسي، جي انهن سان پلاند اڙي تہ پوءِ ذرو بہ ساڻن پڄڻ ڪونهي.

## سُر ڪارايل، داستان ٢، بيت ٧

ڪــــپـــــر! گــــاروڙيـــن ســـين، وڏو وڏءِ ويـــر،
نــانــگ نـــ وينـــدين نـــڪـــري، تــو ڏر مـــٽـي پـيـــر،
هـيءُ تـنـين جـو ڏيـر، جـن جـهـونـا ڳـڙهـ جـلايـو.

**ڪپر:**

آڏواڻي = نانگ

قاضي = هڪ ننڍو زهريلو نانگ

شاهاڻي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاڻي = هڪ اڇي ميرانجهڙي رنگ جي بلا آهي جيڪا هڪ فٽ يا ان کان بہ ڪجهہ ننڍي هوندي آهي ۽ ڪپر کي نانگ چئبو ئي ناهي. ”ڪپر“ جي پويان جملن سان سمجهاڻي ڏنل آهي. مٿئين بيت جو ٻيو لفظ آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏرِ**

آڏواٽي = خوف

قاضي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

شاهواٽي = (معنيٰ ڏنل ناهي)

منگهاٽي = بلا جو گهر، زمين اندر گهرو ڪڏو يا اونهون سوراخ يا نانگ ۽ بلا جي پِر.

ست آهي، ”نانگ نہ ويندي نڪري، تو ڏر متي پير“

معنيٰ اي نانگ! هاڻي تون بلڪل نڪري نٿو سگهين/بچي نٿو سگهين، ڇو جو تنهنجي ڏر/گهر مٿان پير رکيل آهي.

”ڏر“ جو جيئن تہ هڪ ئي منهن يا رستو هوندو آهي، اندر وڃڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ جو ۽ جڏهن ان منهن/رستي تي پير يا ڪابہ چيز رکي ڇڏبي تہ ظاهر آهي تہ اندرين چيز (نانگ/بلا) ٻاهر نڪري نہ سگهندي ۽ اندر ئي ٻوساٽجي مري ويندي.

جملو = ڪيئن گهر اڏيو اٿئي! سڄو بند بند جڻ ڏر آهي.

جملو = سنيال ڪجو! اوهانجي زمين ۾ مون بلا جي ڏر ڏٺي آهي، ان ۾ ٿهڪندڙ پاڻي وجهو تہ اندر ئي مري وڃي.

جملو = جهنگ ۾ تہ بلائن جون گهڻيون ئي ڏرون آهن، ڪنهن ڪنهن ۾ پاڻي وجهجي؟

بيت جي سمجهاڻي = اي بلا! (ڪپر!) تو منڊ منڊيندڙ جوڳين سان دشمني ڪئي آهي. اي نانگ! هاڻي نڪري نہ سگهندين، تنهنجي گهر جي مٿان/ٻِرِ جي مٿان پير رکيل آهي (حملو آهي، دٻاءُ آهي) هي انهن جو ديرو آهي (انهن جوڳين جو آستان آهي) جن جهوناڳڙهہ جلايو.

## سُر پرياتي، داستان ١، بيت ٦

چارڻ لگو، پنڌ گهٽو، ڪي چوٽاٽيءَ چئيج،
هت ڪي هلائيج، اتي آئون نہ اچٽو.

**لگو:**

آڏواٽي = منڊو

قاضي = منڊو

شاهاٽي = منڊو

منگهاٽي = بيمار، اهڙو بيمار جيڪو اگر تندرست ۽ چڱوڀلو هجي تہ بہ جيڪر ڪم ۽ محنت کان نٽائي پڇي وڃي.

يعني، ڪم جو ڪوڙو، بيڪار، بهاني باز، سست بيمار.

سنو ماڻهو بيمار ٿيندو يا ڪم وارو قابل ماڻهو بيمار ٿيندو تہ ان لاءِ ڪونہ چئبو تہ "فلاڻو لگو آهي"، پر جي جي بيڪار، بهاني باز، ڪم جو ڪوڙو، بي ڪمو بيمار ماڻهو يا ٿوريءَ بيماريءَ تي گهڻو اظهار ڪرڻ وارو نڪمو ماڻهو يا سستيءَ ۾ محنت کان نٽائڻ خاطر بيماريءَ جو نِڪر، پوز ڪندڙ کي چڙ مان لگو ٿو چئجي. بيت آهي:

چارڻ لگو، پنڌ گهٽو، ڪي چوٽاٽيءَ چئيج،
هت ڪي هلائيج، اتي آئون نہ اچٽو.

يعني: چارڻ بيمار تہ مڙيئي سڙيئي آهي، پر پنڌ گهٽو ڏسي پاڙيو ٿي. بهانو بنائي بيمار ٿي پيو آهي. ڪو وڃي چوٽاٽيءَ (لسبيلي جو حاڪم سپڙ (سخي) جنهنجي وارڻ (ذات جي شاخ) چوٽاٽي هئي) کي چوي تہ جتي آهيان اتيئي سڀ ڪجهہ پهچائي ڏي، اتي (لسبيلي ۾ حاڪم جي محلات ۾) آئون تو وٽ اچي نٽو سگهان. يعني هو ايڏو نڪمو،سست ۽ بهاني باز آهي جو پنهنجي فائدي لاءِ بہ نٽو وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(پنهنجي لاءِ بہ هلاڪي ۽ تڪليف نٿو ڪري تہ ٻين لاءِ ڇا ڪندو!) ۽ ٻيو تہ ٻيلي ڏٽيءَ جي سخا بہ بيمثال آهي ۽ چارڻ جي بيماريءَ جو ٻڌي تہ هيڪاري گهر ويٺي ئي ڪيس اڳ ڪان اڳرو پهچائي ڏيندو. (لس ٻيلي جو حاڪم سپڙ سخي، سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن هڪ ڏڌ مڱڻهار کي هڪ سوَ تازي گهوڙا انعام ۾ ڏنا). ان لاءِ چوندا آهن:

”مڱ تنهين ڪان مڱڻا! جو ڏيهاڙي تو ڏئي“

اها آهي لفظ ”لڳو/لڳيءَ“ جي معنيٰ اميد تہ هيڏي وڏي تمهيد ڪان پوءِ لفظ ”لڳي“ جي صورت جٽي طرح سامهون اچي ويئي هوندي.

جملو = پاڻ بہ اسان کي بيماري سيماريءَ ۾ پڇڻ ڪونہ ٿو اچي هاٽي جي لڳو آهي تہ مان بہ ڪيس پڇڻ نہ ويندس.

جملو = ڇڏيوس اها ڪانہ اٿندي لڳي آهي، مان ٿي اچي پاٽي پرپان.

جملو = اڳ ڪهڙا ٿي ڪاروبار هلايائين جو اڄ لڳو ٿيو آهي تہ وٽس ڏوڪڙ پيسو ڪونهي، اڳيئي سُجو هو.

بيت جي سمجهاڻي = چارڻ بيمار آهي ۽ پنڌ گهٽو آهي. وڃي ڄام سپڙ چوتاٽيءَ کي چئو! تہ مان جتي آهيان اتيئي دان موڪلي ڏي. ايڏانهن (سندس محل ڏانهن) آئون اچڻ جهڙو ناهيان.

## سُر پرياتي، داستان ١، بيت ٨

اٿ ڪرت ڪرڻ وارا ڪيترا، ڪرت ڪبو ڪوه؟

جيڪي بندو ڪم ڪري، سو مڙيوئي ڏوه،

تون پارس آئون لوه، جي سڃين تہ سون ٿيان.

**سڃين:**

آڏواٽي = نظر ڪرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي = الاري، نشان ڪري

گربخشاني = لڳايو

شاهواڻي = نشان ڪيو، چٽيو

منگهاڻي = آڇين، آڇ ڪرين، آڇيو، مهاڙ ڪريو.

لفظ ”سڇڻ/سَڄَ/سَڇيو/سڇين/سڇيائين/سڇينس وغيره جي معنيٰ بہ آڏواڻي صاحب ڪن ٻين لفظن (اوليا، اوهري وغيره) جيان هر هنڌ اتي جي حالتن مٿان نهڪندڙ ڏني آهي جڏهن تہ اهي سڀ معنائون نثري حصي/بيت جي سمجهاڻيءَ ۾ ڏيڻ گهرجن نہ ڪي ڏکين لفظن جي معنائن ۾. هاڻي ڏسو، سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ٣ جي بيت ٣ ۾ سٽ آهي:” سرُ جو سڇيو سڄڻين، ٻيهر ٻاڻ ٻري“. اتي لفظ ”سڇيو“ جي معنيٰ ”ڪشيو“ ڏنل آهي ۽ سُر مومل راڻو جي داستان ٦ جي بيت ٣ ۾ سٽ آهي:” نينهان نيزارا، سَڇ تہ مان سور لهي“. اتي لفظ ”سَڇ“ جي معنيٰ ”لڳايو“ ڏنل آهي ۽ هتي سٽ آهي:”تون ٻارس آئون لوه، جي سڇين تہ سون ٿيان“ ۾ لفظ ”سڇين“ جي معنيٰ ”نظر ڪريو“ ڏنل آهي.

”سَڇِيَو“ معنيٰ ”آڇِيو“، ”سَڇ“ معنيٰ ”آڇ“، ”سَڇِين“ معنيٰ ”آڇِين“.

لفظ ”سَڇَڻ“ جي معنيٰ آهي ”آڇڻ“ ڪابہ شيءِ ٻي ڌانهن آڇ جيان وڌائڻ يا ڏيڻ وانگيان ڏيکارڻ هٿڻ وانگي تاڻڻ ڪي ”سڇ/سڇڻ“ تو چيو وڃي. يعني ڪابہ چيز قولن نہ پر فعلن ڏجي. ”سڇڻ“ لاءِ ان چيز جو ان مهل اتي موجود هجڻ ضروري آهي. معنيٰ ان شيءِ جو جيڪا ”سڇجي“ تي تنهن جو موجود هجڻ اتي /هٿ ۾/ان جاءِ تي ضروي آهي. جڏهن تہ آڇڻ واري شيءِ جو اتي نہ هجڻ ۽ هرويرو موجود هئڻ ضروري ڪونهي. اهو ٿورو فرق ”سڇڻ“ ۽ ”آڇڻ“ ۾ بہ آهي.

جملو = پيسا رکو سڇينس“ چو ٿو، ڏينس ڪٽي.

www.sindhsalamat.com  books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = تون اڻ ڇاڻ ٿي دان گهرج. پنهنجي قابليت ۽ هشياري وساري ڇڏ. سپڙ ڇام ڪالهه تولاءِ تازي گهوڙا سنجيا ۽ سنيرايا آهن. جنهن وٽ ڪا ڇاڻ ۽ ڳائڻ نه آهي، تنهن تي لسبيلي جي حاڪم (ڄام سپڙ) مهر ڪئي.

### سُر بلاول، داستان ٣، بيت ۴

تون اوڏر تون اوڏڪو، تون اڄهو تون آڳ،
هت پڻ تنهنجو تڪيو، مهند به تونهين ماڳ،
سي لوريون ڏين نه لاڳ، جي اڄهي آيون ابڙي.

**لوريون:**

آڏواٽي = مسڪين عورتون

قاضي = هڪ قسم جو تير، ڪان، ڳٽي، ڪميٽي

شاهواٽي = لنگهيون، مڱڻهار

منگهاٽي = مڱڻهار

"لورا" مڱڻهارن جي هڪ ذات آهي. پر اهي لنگهن کان ڪجهه مٿيرا آهن، ڇو جو "لنگها" رڳو پنڻ تي پاڙيندا آهن ۽ پن تي انهن جو گذران آهي. پر "لورا" رڳو پنن ڪونه ٿا، انهن وٽ هنر به آهي. مثلاً اهي (لورا) سونارا، لهار ۽ قلعيءَ جو ڪم ڪندا آهن ۽ "لنگها" رڳو ڳائڻ ۽ وڄائڻ ئي ڄاڻن. "لنگها" "لورن" جي شادين ۾ به گهور وٺندا آهن پر "لورا"، "لنگهن" جي شادين جي گهور ڪونه کائين. "لورا" وري بکڪن ۽ بروهين جي شادين جي گهور وٺندا/کائيندا آهن. "لوريون" معنيٰ ان ذات جون عورتون. "لورو" مذڪر ۽ "لوري" مؤنث آهي. مٿئين بيت جو بيو لفظ آهي:

**لاڳ**

آڏواڻي = محصول

قاضي = محصول

گربخشاڻي = محصول، ڍل، حق واسطا، مائٽي

منگهاڻي = ”لاڳ“ ان کي چئبو آهي جيڪو مڱڻهار (لنگها/ لورا) گهور (اهي پيسا/ڪپڙا جيڪي صدقو ڪري ڏبا آهن) کان علاوه شاديءَ ۾ گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن کان وٺندا آهن ۽ ان مهل جي ڪين ڪنهن چيو ته: ”هيتري گهور ملي اٿوَ پيو ڇا ڪپيوَ؟. ته اهي هڪيو تڪيو اهوئي جواب نڙنپ ڏيندا ته: ”گهور ته پنهنجن/پروان گهوري ۽ صدقو ڪري ڏني آهي. ان ۾ اوهانجو ڇا؟ باقي شاديءَ جو ”لاڳ“ اسان کي ڏيو! اهو ”لاڳ“ ته اسين لهڻا ئي لهڻا.“ يعني شاديءَ سان وابسته سوڪڙي ۽ ڪٽي ته شاديءَ جي ڏيج کي به لاڳ چوندا آهن.

**بيت جي سمجهاڻي** = تون ئي اسانجو اوڏڻ ۽ پردو آهين. هت (هن جهان ۾) تنهنجو آسرو آهي ۽ اڳيان (ٻئي جهان ۾) به تون ئي اسان جي واهه آهين. اهي مسڪين عاجزائون پنهنجون موڙيون/هڙ نه ڏينديون، جيڪي ابڙي سردار جي پناهه ۾ آيون.

هي ته هئا اهي لفظ جيڪي مون محترم ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي رسالي مان ڳولي لڌا جن جون معنائون مون کي غلط لڳيون يا موقعي جي مناسبت سان درست نه لڳيون، ممڪن آهي ته ڪيئي ٻيا اهڙا لفظ هجن جيڪي منهنجي نظر تي اچي نه سگهيا هجن اميد ته ڪو ٻيو محقق انهنجي تصحيح ڪري شاهه صاحب جي ڪلام سان انصاف ڪندو.

شال منهنجو هي پورهيو ساب پوي (آمين) ۽ مان ڪنهن وڏي ڪم لاءِ سوچڻ جهڙي ٿيان (ثم آمين).

**ج. ع. منگهاڻي**

www.sindhsalamat.com  books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book